# الكار



نجم عباسي

# للڪار

( ۽ ٻيون ڪهاڻيون )


نجم عباسي



نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

1983ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ٻاڻيتاليهون ڪتاب

ڇپائيندڙ : نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ : نيو فيمس پرنٽرس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

پهريون ايڊيشن : جون 1983ع

قيمت : 15-00 رپيا

(سڀئي حق ۽ واسطا مصنف جا قائم)

---

LALKAR (Stories) written by Najam Abbasi
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed. Hyderabad Sind. Pakistan.
First Edition June 1983.

## نجم عباسيءَ جا ڪتاب، جيڪي ڇپجي چڪا آهن

| | |
|---|---|
| ١– طوفان جي تمنا (ٻه ڇاپا) | ١٩٦٩ |
| ٢– پٿر تي ليڪو | ١٩٧٣ |
| ٣– ڳاڙهو لالٽين (ٻه ڇاپا) | ١٩٧٤ |
| ٤– جيڪي منهنجي من ۾ آهي | ١٩٧٧ |
| ٥– ناچڻي | ١٩٧٨ |
| ٦– ايڏو سور سهي | ١٩٧٨ |
| ٧– مون پڻ ڳايو هو | ١٩٧٩ |
| ٨– ڏنم اڻ ڏٺل | ١٩٨٠ |
| ٩– رشتا ناتا | ١٩٨١ |
| ١٠– اڪيلا نه آهيون | ١٩٨٢ |
| ١١– سورج هوندي مرجهايل | ١٩٨٢ |

پنهنجي ڪهاڻي:
”سورج هوندي مرجهايل“
جي ناليءَ
جنهن لاءِ
ڪن پڙهندڙن الهه بچائي مرڻاس،
خط ۾ لکيو:
هيءَ ڪهاڻي پڙهڻ سان
ٿيو مون تي اثر ايترو
جو
اهو ڪتاب:
”سورج هوندي مرجهايل“
رکي اڳيان
ڪيم ان کي سجدو!

نجم عباسي

٢٩- مي ١٩٨٣

## منهنجو ٻارهون ڪتاب

عام پڙهندڙن جي پرک ۽ پروڙ، منهنجي لاءِ ڏاڍي ڪارائتي ثابت ٿي آهي. هنن جا خط ايندا رهندا آهن. انهن ۾ منهنجي ڪهاڻين جي واکاڻ ڪئي ويندي آهي، جيتوڻيڪ ڪي ڪن ڳالهين ۾ مون سان اختلاف به ڪندا آهن، ۽ ڪي، هنن جي خيال ۾ منهنجيون ڪي اوڻايون ۽ اڻپوراڻيون هونديون آهن، ته انهن ڏي اشارو ڪندا آهن. مون تي پڻ سهڻن لفظن جي ورکا ڪئي ويندي آهي. ڪن خطن ۾ عقيدتمنديءَ ٻين طريقن سان به پڌري ڪئي ويندي آهي: چترڪاري، ڊزائين، خوش نويسي Caligraphy ۽ فن جا ڏاڍا وڻندڙ نمونا ڏنا ويندا آهن. انهن مان، فن جو هڪڙو شاهڪار (سنڌ جي نقشي جي روپ ۾ خط) ته مون پنهنجو مونو گرام بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجي هر ڪتاب جي پٺئين پوش تي اهو ڏيندو آهيان. ڪي خط اهڙن ڦولدار لفافن ۽ دلڪش پئڊن تي لکيا ويندا آهن، جهڙا محبوب ڏي موڪليا آهن. ڪي خواهش ظاهر ڪندا آهن ته مان ڪين خط لکان، جئن هو منهنجا هٿ اکر پاڻ وٽ محفوظ رکي سگهن. ڪي پري پري کان کهي، خاص مون کي ڏسڻ ۽ مون سان ملڻ جي شوق ۾، مون وٽ ايندا آهن. ڪي خط رستي فوٽو موڪلڻ لاءِ چوندا آهن، ۽ ڪي روبرو اچي اهڙا فرمائش ڪندا آهن. ڪي

پنهنجي ڪئميرا کڻي ايندا آهن ۽ منهنجي تصوير، اڪيلي يا پاڻ سان گڏ ڪڍي ويندا آهن. ڪيترائي پنهنجي آٽوگراف ڪتابڙن تي مون کي ڪجهه لکي ڏيڻ ۽ صحي ڪرڻ واسطي چوندا آهن. ڪي لکندا آهن تہ فلاڻي ڪتاب کان سواءِ، اسان وٽ توهان جو پورو سيٽ آهي، ڏاڍي ڪوشش ڪئي اٿئون، اهو ڪونہ ٿو ملي، ڪنهن بہ طرح اسان کي اهو ڪتاب ڏياريو، جيئن سيٽ مڪمل ٿئي. ڪي پڙهندڙ پهنجي ذاتي جيون جا يا پاڙي ۽ ڳوٺ جا واقعا لکندا آهن ۽ خواهش ظاهر ڪندا آهن تہ مان انهن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيان. ڪي نوان ليکڪ پنهنجيون لکيل ڪهاڻيون موڪلي، انهن ۾ درستيون ڪرڻ ۽ واٽ ڏيکارڻ لاءِ چوندا آهن. ڪي مهماني ڪرڻ جي سڪ ڀري ڪوٺ ڏيندا آهن.

خطن مان مون کاٿو ڪيو آهي تہ پڙهندڙن کي منهنجو سادو سودو، سنئون سڌو ۽ دلچسپ لکڻ جو ڍنگ پسند هوندو آهي، ۽ هو منهنجيون سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي زبان جون ڳالهيون پسند ڪن ٿا. مان لکڻ وقت سائنس، سوشلزم، سيڪيولرزم ۽ سنڌيت جي ساڃهہ سان ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ ذهني آجائيءَ جي واٽ وٺڻ جو جتن ڪندو آهيان. منهنجي لکڻين ۾ واسطيداري (Committment) ۽ سماجي ذميواريءَ جو احساس آهي، ان ڪري مقصديت پڻ. مقصد واسطي پرچار بہ ڪبو آهي، نعرو بہ هڻبو آهي ۽ ورجاءَ کان بہ ڪم وٺبو آهي.

پڙهندڙن جي پسند ۽ منهنجو پنهنجو ڳيچ جذبن کان

ڳيچ اوچو سنڌيت جو جذبو، منهنجي لکڻ جو اتساهه،
لاڳيتو چاليهن سالن کان، جنرو ۽ جاري رکندا اچن........
جيئي سنڌ!

**نجم عباسي**

٩٥- بي، يونٽ نمبر ٢
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ.

# ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١- | للڪار | ٩ |
| ٢- | پاڪدامني | ١٥ |
| ٣- | پنهنجي زماني کان اڳڀرو | ٢٨ |
| ٤- | لوڪ لڄا کان | ٣٦ |
| ٥- | ملهه جي من ۾ ملاکڙو | ٤٦ |
| ٦- | ڪڪرن جو ديس | ٥٦ |
| ٧- | نئون محاذ | ٦١ |
| ٨- | مرڪندڙ ڪاوڙ | ٧٠ |
| ٩- | بي پردگي | ٧٣ |
| ١٠- | ٽر کان ڪراچيءَ تائين | ٧٦ |
| ١١- | هاريءَ جا دشمن | ٩٢ |
| ١٢- | نفرت جو نسخو | ١٠١ |
| ١٣- | مڙسي | ١٠٦ |
| ١٤- | روشني هرهنڌ آهي | ١١٧ |
| ١٥- | پوش | ١٢٧ |
| ١٦- | ڪتو، ڏوڙهو ۽ قتل | ١٤٢ |
| ١٧- | ڪاڏي جي ميز تي | ١٥٢ |
| ١٨- | هڪڙي سنڌي ڪتاب جو جنم | ١٥٦ |

## ٢٨- آگسٽ ١٩٨١ع

## للڪار

آئرلنڊ جي قيدي، بابي سئنڊس، جو بک هڙتال ڪري موت جـي خبر پڙهي، منهنجي اندر ۾ سامراجي انگريزن خلاف نفرت جـو ڪورو ٻرڻ لڳو آهي. اهي انگريز، جن آئرلنڊ کی بينڪ بنائي، اتي جي اصلي رهاڪو آئرش کي سياسي غلام بنايو، جن آئرلنڊ جي پيداوار جـي ذريعن تي قبضو ڪري، آئرشن کي اقتصادي طرح ڏتڙيل بنايو، جن پنهنجي انگريز فوجين ۽ زميندارن کي آئرلنڊ ۾ انعام طور يا سستيون زمينون ڏئي اتي دائمي طور آباد ٿيڻ جو وجهه ڏنو، جن انگريز وڏيرن پنهنجا هاري پنهنجي قوم ۽ ملڪ انگلنڊ مان آڻي آئرش هـارين کي بيدخل ۽ محروم بنايو، جن انگريز سامراجين آئرلنڊ جي ڪن علائقن ۾ پنهنجا ايترا انگريز آڻي آباد ڪيا جو اتي جا اصلوڪا رهاڪو ٿورائيءَ ۾ ٻنجي ويا، جن آئرلنڊ جـي اصلي رهاڪن کي ملڪ جا ٻئي درجي جا شهري بنائي ڇڏيو، ۽ جي سامراجي، قومي آزاديءَ لاءِ ڄاڪوڙ ڪندڙ ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ هلچل هلائيندڙن تي وحشي ظلم ڪن ٿا.

ليئون عرس (Leon uris) آئرشن جـي آزاديءَ جي جدوجهد تي اٺ سؤ صفحن تي ناول (Trinity) لکيو آهي ته به موضوع اڻپورو پيو لڳي ۽ مان ان موضوع کي مرگهو

ڪوئي روڪي نٿو سگهي، اسين هار ٻچڻ وارا نہ آهيون، اسين هر للڪار جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون....

ٻابي مشنڊس جي بڪ هڙتال جي قومي ڪارنامي مون ۾ اهي جذبا، اها سوچ، اهو شعور، اهو اتساهہ، اهي احساس پيدا ڪيا آهن.

تجربو، مشاهدو ۽ ايماس ڪهاڻي لکڻ لاءِ بنياد آهن. پر اهڙي تجربي، مشاهدي يا ايماس مان جيڪي جذبا، شعور، سوچ، اتساهہ، ايام ۽ احساس پيدا ٿين ٿا سي ڏئي ڪهاڻي اڏڻ لاءِ وکر آهن....۽ جڏهن ڪو واقعو يا وبچار، ڪهاڻيڪار جي من ۾ جذبي ۽ احساس جي طوفاني بـي آرامي پيدا ڪري ٿو تہ اها بي آرامي هن لاءِ ڪهاڻي لکڻ لاءِ للڪار بنجيو پوي، ۽ پوءِ هن جي ذهن مان ڪهاڻي ائين نڪرڻ لڳندي آهـي، جئن پريل گندي۽ جـو ليڙو ڪيڏڻ سان آن وهڻ لڳندو آهي.... ۽ مـان آئرلنڊ تي ڪهاڻي لکڻ ويٺو آهيان....

## ٢٠- جنوري ١٩٧٤ع

# پاڪدامني

مان پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي آهيان. منهنجيون ساهيڙيون، واقفڪار ۽ مائٽ چوندا آهن: عجب آهي ته هڪڙي ڇوڪريءَ جي ڪمري ۾ سينگار جو سامان گهٽ آهي ۽ ڪتابن جا ڪبٽ گهڻا آهن.... سامهون ڪتابن جي قطارن ۾ برٽرينڊ رسيل، فرائيڊ، ڊاڪٽر دوستئيس ڇيسر ۽ ٻين فيلسوفن، من وديا جي ماهرن، اديبن، ناول نويسن ۽ ڪهاڻيڪارن جا ڪتاب، ڏاڍي سليقي ۽ سهڻي طريقي سان سينگاريل آهن.... مون کي ڪتابن جو ڏاڍو شوق آهي، اصل عشق آهي. اهي منهنجي وڏي ۾ وڏي ملڪيت ۽ قيمتي ۾ قيمتي سرمايو آهن. مون انهن مان گهڻو ڪجهه سکيو آهي، پرايو آهي، حاصل ڪيو آهي. ڪتابن منهنجي ڄاڻ وڌائي آهي، ذهن صاف ڪيو آهي، حياتيءَ جي صاف سٿري واٽ ڏيکاري آهي، مون ۾ بيدارپائي پيدا ڪئي آهي، وهمن کان ڇوٽڪارو ڏنو آهي ۽ سچ جو قدر ڪرڻ ۽ ان کي ڇهڻ جو مادو پيدا ڪيو آهي... عام عورتن کي پنهنجا نوان نوان ۽ قيمتي گهه ۽ اوچا ڪپڙا ڏسي جيتري خوشي ٿيندي آهي، ان کان سرس خوشي مون کي ڪتابن ڏسڻ سان ٿيندي آهي.

....مان اٿي، پنهنجي ڪوٺيءَ جي دريءَ مان ٻاهر نهاريان

جي انهن مسان هرهڪ جو جواب هي آهي ته ”اهو گناهه آهي“ ته پوءِ اهو سمجهڻ گهرجي ته اڄ جي نوجوان لاءِ اهو جواب ڪافي نه آهي، اهو جواب هن کي مطمئن ڪري ڪونه سگهندو، اڇوڪي ذهن کي اهو جواب تسلي ڏئي نه سگهندو.... قدرت جو قانون اٽل هوندو آهي: جئن ڪڏهن به باهه ۾ هٿ وجهبو ته اهو سڙندو. پر گناهه جا نظريا بدلجندا رهندا آهن، گناهه جون سرحدون ڦرنديون گهرنديون رهنديون آهن. اهي ڦيريون گهيريون سماجي ارتقا، زماني جي ضرورت ۽ سائنس جي روشنيءَ جي اثر هيٺ ٿين ٿيون. تنهن کان سواءِ هر ملڪ ۽ هر قوم وٽ، گناهه جا ماپا الڳ الڳ هوندا آهن. طبقاتي سماج ۾ ته گناهه جو تصور پرمار طبقي جو گهڙيل ٿيندو آهي، سو به پيڙيل طبقي واسطي.... اسان وٽ عورت جو منهن اگهاڙو ڪرڻ به گناهه آهي. مان يورپ ۾ پنج سال رهي آهيان. مون کي ذاتي طرح خبر آهي ته پيءُ، ماءُ، ڀاءُ ۽ پٽار جي سامهون عورتون، غير مرد سان سينو سيني سان لائي نچنديون آهن. پيءُ ماءُ ۽ مائٽن جي چاڻ ۾ ڇوڪريون، غيرڇوڪرن سان اڪيليون سيرتفريح تي وينديون آهن ۽ راتين جون راتيون گذاريندديون آهن. اتي انهن ريتن رسمن ڪري ضمير جي ڇهنبڙي ڪانه ٿي پوي، ۽ نڪاح کان سواءِ پيار ڪرڻ ڪري گناهه جو ڀوت سوار نه ٿي ٿئي. اتي ڪن ملڪن ۾ همجنسي پيار (مرد جو مرد سان پيار) ۽ بار ڪيرائڻ، قانوني طرح ڏوهه ڪونه رهيا آهن. آفريڪا جي ڪن قبيلن جون عورتون پنهنجيون

ان سان غيرت ۽ عصمت جا مدي خارج تصور بدلجڻ کپن.
هاڻي وقت اچي ويو آهي جو آڳاٽن بي بنياد، غير سائنسي ۽ وهمي عقيدن جي نئين زماني جي تقاضائن ۽ ترقين جي روشنيءَ ۾ چنڊ ڇاڻ ڪجي.... نوان ماپا.... نئين پاڪدامني.... نئين روحانيت....

الائي ڪيترو وقت پنهنجي دل ۽ دماغ جي ڇاڏيءَ ۾ اهڙن ويچارن کي ولوڙيندي رهيس. منهنجا سنسا، وسوسا، وهم، ڀرم، گمان ۽ گوندر گم ٿي ويا. منهنجو ذهن صاف ٿي ويو ۽ پنهنجي طبيعت هلڪي محسوس ڪيم.

... مان پنج سال يورپ ويس ۽ پي - ايچ - ڊي ڪري آيس. هاڻي يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهيان. سانوڻ به اتي عملي ٿي آهي.... ڪالهه کان اما ۽ پيا هڙئي گهر جا ڀاتي ماڻهن وٽ ٻئي شهر ويل آهن. بابي سائينءَ کي صبح جو سوير ئي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ واسطي وڃڻو ٿو. مون ڪالهه ئي سانوڻ سان پروگرام ٻڌي ڇڏيو هو، ۽ وري صبح جو، بابي جي وڃڻ کان پوءِ، ٽيليفون تي اچڻ لاءِ چيو هانس.

هو هينئر هينئر ويو آهي.... مان سامهون دريءَ مان ٻاهر نهاريان ٿي: دنيا ڪيڏي نه وسيع آهي، آسمان ڪيڏو نه وسيع آهي، زمين ڪيڏي نه وسيع آهي، فضا ڪيڏي نه وسيع آهي، هوا ڪيڏي نه وسيع آهي....

## ٢٩- اپريل ١٩٧٥ع

# پنهنجي زماني کان اڳيرو

جمعي جي ڏينهن، سنڌي ادبي سنگت جي دستوري ڪچهريءَ ۾ هڪڙي دوست هن جي بيماريءَ جي باري ۾ ٻڌايو. چيائين:

”هو سخت بيمار آهي، ڏهن ڏينهن کان سول اسپتال ۾ داخل آهي. اتي هن جي پيٽ جو آپريشن ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته آنڊي جو ڪئنسر اٿس.“

اهو ٻڌي، صدمو به رسيم ۽ اچرج به لڳم. صدمو ان ڪري رسيو، جو ٽيهن سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي هي اسان جو ساٿي موتمار مرض ۾ مبتلا ٿيو هو. اچرج ان ڪري لڳو جو هو اهڙو سخت بيمار هو، سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو ۽ ايڏي وڏي آپريشن تي هئس، پر مون کي ان جي ڪا خبر ڪانه پئي هئي.

جتي مان رهندو آهيان، ان گهر سان لاڳيتو هن جي ٻن ڀائرن جا گهر آهن، ۽ منهنجي اسپتال پرسان هن جو سوٽ رهندو آهي. انهن سان ۽ انهن جي ٻارن ٻچن سان ملڻ جلڻ ٿيو ٿيندو آهي، پر انهن ڏهن ڏينهن ۾ ڪنهن به هن جي بيماري ۽ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي مون سان ڳالهه نه ڪئي هئي.

هڪڙي نموني هو منهنجو مائٽ به هو. اهو هن طرح ته هن جا به ڀائر منهنجي سوٽ جا سنايو ٿين.

* *

مان ٻئي ڏينهن، يعني ڇنڇر جي، صبح جو سوير ستين بجي ڌاري سول اسپتال ۾ هن کي ڏسڻ ويس. هو اسپيشل وارڊ جي ڪمري نمبر ۵ ۾ داخل هو. ڪمري ۾ گهڙڻ ۽ هن تي نظر پوڻ سان مان پنهنجو سڏڪو الائي ڪيئن روڪي سگهيس.

هو، جيڪو زندگيءَ سان ڀرپور هوندو هو، نئون ۽ نوجوان هو، جنهن جي منهن مان رت ٽمندو هو، جو سدائين سمارٽ ۽ ٽپ ٽاپ رهندو هو، اهو هينئر فقط هڏن جو پڃرو وڃي بچيو هو، جنهن مٿان بي رنگ چمڙي چڙهيل هئي. ڄڻ هزارين چوروڻ هن جي بدن جو رت پي ويون هيون. حقيقت ۾ ڪئنسر انسان جو رت ئي پيئندو آهي.

جي مون کي ٻڌايل نه هجي ها ته فلاڻي ڪمري ۾ هو آهي ته جيڪر مان ڪڏهن به هن کي سڃاڻي نه سگهان ها. اهڙي تبديلي اچي وئي هئي هن جي سرير ۾.

اڃا ٽي هفتا اڳ ئي ته هن کي سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهريءَ ۾ ڏٺو هوم. زندگيءَ سان ڀريل، منهن تي مرڪ پري گنڀيرائي، ڳالهائيندو ته تـوري تڪي، ڪچهريءَ ۾ پڙهيل ادبي لکڻين تي پوري اعتماد سان تنقيد ڪندو هو. هـو ان موضوع جـو چڱيءَ طرح ڄاڻو هو. هن جو مطالعو وسيع هـو. هن ان ڪچهريءَ ۾ پنهنجيون ٽـي ننڍڙيون ڪهاڻيون پڻ پـڙهيون هيون: جن ۾ زنـدگي ۽ زنده دليءَ جو سبق هو.

اڄ اهو ئي شخص موت جي بستري تي بيوس پيو هو. هن مون کي ڏسي، مون ڏي اميد ڀرين نگاهن سان نهاريو، ڄڻ تہ چوندو هجي تہ توهان منهنجو مائٽ آهيو، توهان منهنجو دوست آهيو، توهان منهنجو اديب ساٿي آهيو، توهان ڊاڪٽر بہ آهيو؛ مان زنده رهڻ چاهيان ٿو. مون کي زندگيءَ سان پيار آهي، توهان مون کي بچائڻ جو بلو ڪر.

شايد انهيءَ خيال هيٺ، ئي هڪدم هن مون کي چيو:

”ادا نجم، توهان ئي مون کي رت چاڙهيو.“

منهنجي ڪمري ۾ گهڙڻ وقت، ٻہ ڇوڪرا هن کي رت جي بوتل چاڙهڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. ان چاڙهڻ واسطي ئي مون کي چيائين.

مون اها بوتل هن کي چاڙهي. هن جي حالت ۾ هن جو منهن مهاندو ڏسڻ ڪري جو منهنجي ذهن کي ڌڌڪو پهتو هو، ان جي اثر هيٺ، اها بوتل چاڙهيندي منهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا.

ٻوءِ مان ٿورو وقت ويهي هليو آيس.

ٻئي ڏينهن آچر جو ڏينهن هو، مان هن کي ڏسڻ ڪونہ وڃي سگهيس.

ٽئين ڏينهن سومر جو صبح جو سوير ستين ڏاري، سول اسپتال ويس.

وراندي مان ئي اسپيشل وارڊ جي ڪمري نمبر ۵ جي کليل در ۾ کليل دريءَ مان خالي بسترو ۽ خالي ڪمرو ڏسي، مون کي پروڙ پئجي ويا تہ ڪهڙو قهر ٿي چڪو.

هڪ وارڊ بواءِ ڪمري جي صفائي ڪري رهيو هو.
پڪ ڪرڻ لاءِ يا شايد ڪو ٻيو جواب ٻڌڻ جي اميد ۾ هن
کان پڇيم.

”ابا، هي بيمار ڪٿي؟“

”سائين، هي رات ٻين بجي وفات ڪري ويو ۽ پنجين
بجي هن جو لاش مائٽ ڳوٺ کڻائي ويا.“

هن جو ڳوٺ هتان حيدرآباد کان ٽيهن ميلن تي آهي.
مان ماٺ ڪري نڪري آيس.

*　*

مان پنهنجي اسپتال ۾ بيمار ڏسي رهيو هوس، ته ڏهين بجي
ڌاري، هن جي سوٽ جو پٽ دوا وٺڻ آيو. هن کي چيم
”تنهنجو چاچو گذاري ويو؟“ هن جواب ڏنو ”اسان کي
ته اهڙو اطلاع ڪونهي.“

ڇوڪري جي وڃڻ کان پوءِ، مون کي ويچار آيو ته
ڪٿي مون کي غلط فهمي ته نه ٿي آهي. اسپتالن ۾ مريضن
جو ڪمرو بدلائبو آهي. متان ڪالهه مون واري دوست کي
ڪو ٻيو ڪمرو ڏنو اٿن ۽ هن جي ڪمري ۾ ڪو نئون
مريض آيو آهي ۽ هن نئين مريض رات وفات ڪئي آهي
۽ وارڊ بواءِ مون کي ان بابت ٿي ٻڌايو هجي. ڇو ته مون
نالو ڪٿي وارڊ بواءِ کان نه پڇيو هو.

انهين ويچارڻ لاءِ سبب هي هئا ته جي هن جو موت ٿئي
ها ته هن جا پاڙي، جي منهنجي پاڙي ۾ رهن ٿا، سي رسم
موجب هن جي موت جو هڪدم اطلاع ڪن ها، مان نه

رڳو سنڌن پاڙيسري ھوس پر مائٽ پڻ. پر ھنن اھڙو اطلاع ڪونہ ڏنو ھو. پيو سبب ھي ھو تہ ھن جو سوٽ، جو منھنجي اسپتال پرسان رھندو ھو، ان کي ڏھين وڳين تائين اھڙي خبر ڪانہ ڏني ويئي ھئي.

ان بي يقينيءَ جي حالت ۾، ڪمپائونڊر کي موڪليم تہ وڃي ھن جي سوٽ جي گھران اڻ سڌي طرح پڇي اچي تہ مون وارو دوست، جو اسپتال ۾ داخل آھي، ھن جي طبيعت ڪيئن آھي. ڪمپائونڊر موٽي اچي ٻڌايو تہ چون ٿا تہ ڪالھ کان وني ھن جي خراب حالت آھي. اھو ٻڌي مون کي ڪجھ اميد جاڳي تہ شايد واقعي ئي مان غلط فھميءَ جو شڪار ٿيو آھيان ۽ اسان وارو يار اڃا حيات آھي.

پر تڏھن بہ پڪ ڪرڻ خاطر، ڪمپائونڊر کي ھڪ ٻئي دوست وٽ موڪليم، جو ان بيمار دوست جو گھاٽو يار ھو. ڪمپائونڊر موٽي اچي ٻڌايو تہ ھو پاڻ تہ ڪونہ ھو، باقي سندس پنيوالي ٻڌايو تہ اھو بيمار دوست رات لاڏاڻو ڪري ويو، ۽ ھو ھن جي ميت ساڻ ھنن جي ڳوٺ ويل آھي.

تڏھن ان ۾ ڪنھن بہ شڪ جي گنجائش نہ رھي تہ لاھوتي لڏي ويا.

* *

مون سوچيو تہ ڪھڙي نہ عجب جي ڳالھ آھي جو پاڻ، پاڻ جي سوٽ جو اطلاع پاڙي وارن ۽ مائٽن کي ڪونہ ڏنو ۽ نہ ھنن جي گھران ڪو رڙ جو آواز آيو، ۽ سوٽ

ڪي ساڳئي شهر ۾ رهندي، انن ڪلاڪن گذرڻ کان پوءِ
به هن جي موت جي خبر ڪانه پئي هئي.

پوءِ اهو به پڌرو ته هن جو لاش پيائر پنهنجي گهر ڪونه
ڪٺي ويا، پر لاش کي سندس ساهرين گهر آندو ويو ۽ اتي
ئي ان کي غسل ڏئي پوءِ ڳوٺ نيو ويو.

مون گذريل حالتن تي سوچيو ته مون کي ياد آيو ته
هو پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي پيائرن کان سدائين الڳ ٿلڳ
رهيو هو. يا ائين ڪٺي چئجي ته هنن جو خاندان ۽ هن جا
پيائر هن کان هميشه الڳ ٿلڳ رهيا هئا.

گذريل ڏهن ٻارنهن سالن ۾ مون هن کي مشڪل سان
به يا ٽي ڀيرا پنهنجي پيائرن جي گهر ايندي ويندي ڏٺو هو.
هو شهر ۾ رهندو ئي جدا گهر ۾ هو. مون ته اهو به پڌو
آهي ته هن کي ۽ هن جي اولاد کي وڏن جي ملڪيت ۽
زمين جي حقي حصي کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش پئي
ڪئي وئي آهي.

* *

پيائرن ۽ خاندان جي هن کان دوريءَ جا به ڪارڻ
منهنجي ذهن ۾ ابريا:

هڪ تہ هو صحيح سوچ رکندڙ ۽ ترقي پسند اديب،
پنهنجي زماني کان ذهني طرح اڳيرو ۽ نظرياتي طور نرالو
هوندو آهي. هو مذهب تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندو آهي ۽ فضول
ريتن رسمن ۽ اجاين وهمن جي مخالفت ڪندو آهي. هو
انڌي عقيدتمنديءَ سان بغاوت ڪندو آهي. هو سماج سان

بغاوت ڪندو آهي. هو وڏيرڪي نظام تي وار ڪندو آهي.
ان ڪري پراڻن خيالن کي چهٽندڙ ماڻهو هن کي متيڦريل
۽ دهريو وغيره سمجهي، هن کان پاسو ڪندا آهن يا هن
کي پنهنجي پٺ مان ڪڍي ڇڏيندا آهن. هي اسان وارو
دوست به صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند اديب هو.

پيو، هن جي ٻن پاڙن جون زالون غير سنڌي آهن.
ان ڪري هنن جي گهرن جو ماحول، رهڻي ڪرڻي ۽ زبان
غير سنڌي آهن. مرد به سنڌي هوندي زالن ۽ ٻارن سان اردو
ڳالهائين. اسان وارو دوست وري هو پڪو قوم پرست ۽
سنڌ جو عاشق. اهــا به ڏٺل وائٺل حقيقت آهي ته جو به
سنڌي (عورت يــا مرد) غير سنڌيءَ سان پرڻو ڪري ٿو،
سو نه رڳو پاڻ کي، پر پنهنجي ايندڙ نسلن کي به پنهنجي
سنڌي ماڻهن، سنڌ ۽ سنڌي زبان کان پري ڪري ٿو.

* *

مون هن جي فن تي به ڪجهه لکڻ چاهيو ٿي. ان لاءِ هن
جون لکيون نئين سر نظر مان ڪڍڻ جو ارادو ڪيم. پر
گهڻن سنڌي اديبن وانگر، هن جي لکڻين جو ڪو به ڪتاب
شايع ڪونه ٿيو آهي. ان ڪري مون ڪــي گذريل ڏهن
ٻارنهن سالن جون سنڌي اخبارون ۽ رسالا ڳولڻا، جاچڻا ۽
اٿلائڻا پون ها. ايترو سو ياد اٿم ته هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ
ڌرتيءَ لاءِ پيار هوندو هو، ڪردار گهڻو ڪري ٻهراڙيءَ
جا هوندا هئا ۽ نج سنڌي ٻولي استعمال ٿيل هوندي هئي.
ڳوٺاڻا اصطلاح ۽ ٻهراڙيءَ وارن جا گفتا، هـن جي ٻوليءَ

جي سونهن هئا.

* *

هيءَ آهي سنڌي قوم پرست اديب عبدالحق عالمائيءَ جي ڪهاڻي، جو ٢٨- اپريل ١٩٧٥ع تي لاڙڪاڻو ڪري ويو.

---

نئين دنيا: جولاءِ ١٩٧٦ع

۱۸- مئي ۱۹۷۵ع

## لوڪ لڄا ڪان

مان جاسوس ڪونه هوس. مون هن گهر ۾ ڪٿب وارن جي جاسوسي ڪرڻ نٿي چاهي. مون فقط هن خاندان جي هر ڀاتيءَ جي باري ۾ گهٽي ڪان گهٽي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ٿي گهري. مون هنن جي ظاهري هلت چلت ۽ باطني ڪردار ڪان واقف ٿيڻ ٿي چاهيو. مان هنن جي صورت خواه ڏات ڏسڻ جو خواهان هوس.

انهيءَ ويچار هيٺ ئي مان اڪثر هن آفيس ۾ هن گهر جي چوڌاري چڪر هڻندو رهندو هوس. ان دوران ئي ڪن گهرن دوستن ٽوليون ڪيون: "ڪا جاسوسي ته ڪونه ٿو ڪرين؟" "اتي ڪنهن سان اک ته ڪانه لڙائي اٿئي؟"

* *

مون کي پنهنجي هڪ مهربان بزرگ چيو هو "فلاڻي آفيسر وٽان شادي ڪرين ته ڪرايانءِ. ٿي ڏيئر اٿس. جنهن تي تون هٿ رکندين، اها توکي ملي سگهندي."

اها ڳالهه ٻڌي ٽپرس ۾ پئجي ويو هوس، گهٻراهٽ ۾ گهيرجي ويو هوس ۽ شڪ ۾ شڪجي ويو هوس. ائين پاسيو چئي ته اهو بزرگ مون تي چٿرون ڪري رهيو آهي. پر هڪدم بزرگ منهنجو شڪ دور ڪرڻ ۾ مون کي خاطري ڏيڻ خاطر چيو:

”مان چرچو ڪونه ٿو ڪريان. تون به منهنجو ٻچو آهين. تون هر طرح هنن جي لائق آهين، ورنه مان اهاڳالهه توسان ڇيڙيان ئي ڪونه ها.“

هن جنهن جو نالو ورتو هو، سو تمام وڏو آفيسر هو. هو اهڙو برجستو، بااثر، ذهين ۽ مشهور ڪامورو هو، جو ٻاڻ ڪي خوش نصيب سمجهي، اڪيون ٻوتي، اهو سنگ قبول ڪري ڇڏجي ها.

پر مون جواب ڏنو ”چڱو چاچا، مان سوچي پوءِ توهان کي جواب ڏيندس.“

منهنجو اهو رسمي جواب نه هو، پر ان لاءِ ڪجهه ڪارڻ هئا، ۽ مون کي سچ پچ ان مسئلي تي سوچڻو هو ۽ پڇا ڪرڻي هئي.

* *

هن وقت منهنجي عمر ٽيهه ورهيه هئي. مان پرڻجي ۽ طلاق به ڏئي چڪو هوس. ان زال مان هڪ پٽ ٿيو هو جو هن وقت ڇهن سالن جو هو ۽ مون سان هو.

اها شادي منهنجي پيءُ ماءُ ڪرائي هئي. مان به پڙهيل هوس ۽ ڇوڪري به مئٽرڪ پاس هئي. مائٽن مون کي فقط هن جي تصوير ڏيکاري. پيو هر طرح تسلي ڏيارين ته ڇوڪري جهڙي آهي سهڻي تهڙي آهي سلڇڻي. منهنجي ٻين شڪ شبهن ۽ سوالن جا جواب هنن خاطري جهڙا ڏنا.

شادي ٿي ۽ وقت جو وهڪرو وهڻ لڳو. جلدئي اسان کي محسوس ٿيڻ لڳو ته اسين هڪ ٻئي کان پري ۽ جدا

شايد ڪا اهڙي زال ملي وڃي جا منهنجي پٽ کي ماءُ جو پيار ڏئي سگهي، ۽ هن جي حياتيءَ جي اها ڪمي به پوري ٿي وڃي.

پر مجموعي طرح مان ٻي شاديءَ جي خلاف هوس. ان کان بهتر هو ته غير فطري سماجي بندشون ٽوڙي، فطري جسماني ضرورت ۽ ذهني تسڪين حاصل ڪندو رهجي، ۽ اهو موجوده ماحول ۾ ڪو ڏکيو ڪم نه آهي.

* *

منهنجي هيڪڙ جو ٻيو سبب هي هو ته ايڏو وڏو آفيسر هو، جو هن کي پنهنجي ڏيءُ سي- ايس- پي آفيسر کان گهٽ پد واري کي پل ۾ به ڏيڻ نه گهرجي ها. پر مان ته هڪ هاءِ اسڪول ۾ ١٤ گريڊ جو ماستر آهيان، جنهن کي رکيو سگهي پگهار آهي ۽ نه رشوت نه رسائي. ان کان سواءِ عمر ٽيهه سال اٿم، يعني نوجوان ڪونه آهيان ۽ ڪنوارو به نه آهيان. وڏي ڳالهه ته هڪڙو پيرو پرڻيل ۽ طلاقيل آهيان ۽ ان شاديءَ جي نشاني هيڏو سارو وڏو ٻار به گهر ۾ موجود آهي. اهي ته سڀئي شاديءَ لاءِ نالائقيون ۽ نا اهليتون آهن، پر تنهن هوندي به هو مون کي سنگ ڏيڻ لاءِ آتا آهن، ۽ وڏي ڳالهه ته پسند جو حق به ڏنو اٿن ته ٽن ڇوڪرين مان جيڪا پسند اچيم، سا پنهنجي نڪاح لاءِ چونڊيان!

ڪٿي ائين ته نه آهي ته هنن ۾ ڪي عيب آهن يا ٻئي هنڌ نه اڳهامي سگهيون آهن ۽ وهندي وهندي عمر وڏي

ٿي نهاريائين، جو مان هرويرو لڄي ٿيو ٿي وڃس.

هو پنهنجو ڪم به ڪندو رهيو ۽ مون سان ڪچهري به ڪندو رهيو، ڪيترائي وڏا وڏا آفيسر ۽ ملاقاتي آيا ۽ ويا ٿي، ڪن خوش خيرعافيت ٿي ڪئي، ڪن صلاح مشورو ٿي ورتس- ٽيليفون جي ٽم لڳي پئي هئي. سمجهيم پئي ته وزيرن، سيڪريٽرين، ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جا هئا، ڪن دعا سلام پئي ڪيو. ڪن صلاح پئي پڇي، ڪن سياسي بيان ۽ تقريرون لکي ڏيڻ لاءِ هدايتون پئي ڏنس.

مان ڏاڍو متاثر ٿيس.

ملاقاتين جي ايڏي لانڍ هوندي هئي، جو آفيس وارن ٻڌايو ته ڪڏهن صاحب کي ضروري ڪم ڪرڻو هوندو آهي ته فقط پٽيوالي کي اندر ڪري، آفيس کي ٻاهران قلف لڳارائي ڇڏيندو آهي، جئن اطمينان سان ڪم ڪري سگهي ۽ ملاقاتي رخنو نه بڻجن.

* *

هاڻي هلو صاحب جي گهر....

هتي قصو صفا ابتڙ نظر اچي ٿو، نه صاحب جو گهر ۽ گهر وارن تي رعب ۽ ڌڪاءُ آهي، نه اها سختي ۽ انتظام ۽ نه ڪنٽرول.

سڀ رُول هئا، سڀ ڇيگرا هئا، سڀ ڇڙواڳ هئا.

صاحب کي چار ڌيئر هيون ۽ ٻه پٽ.

چارئي ڀينرون مڙسن جي انتظار ۾، ڊگرين مٿان ڊگريون پاس ڪنديون ويون. اصل منهن مهاندا ته کهڙا به هئن،

پر هار سينگار ۽ فئشن ڪرڻ لاءِ پوءِ، فلمي هيروئن کي شهه ڏينديون هيون. ساڳئي وقت ڪاليجن ۽ ڪلبن ۾ عشق جا نوان نوان داستان جنم وٺندا رهيا.

ماءُ پنهنجي ڌيءَ کي ”ماڊرن“ ڏسي خوش ٿيندي هئي ۽ انهن تي فخر ڪندي هئي.

ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته صاحب گهر جي معاملن ۾ دست‌اندازي ڪونه ڪندو هو.

صاحب جي عهدي کي ڏسي، ٻـن وڏين ڌيئن جا رشتا آيا ۽ شاديون ٿي گذريون. پر وڏيءَ کـي ڇهن سالن کان پـوءِ ۽ ٻئي نمبر کي ته مرڳو ڇهن مهينن بعد ئي مـڙس ڇڏي ڏنو هو. ٻنهي حالتن ۾ سبب ساڳيا هئا: بد اخلاقي، فضول خرچي ۽ آوارگي.

ان کان پوءِ ڏهه سـال ٿي ويا هئا، پـر هنن وٽ ڪا مائٽي يا مائٽيءَ جو پيغام نه آيو هو.

هنن پاڻ به وڏن ڏنيون، رشتا ڳوليا، پيغام موڪليا، وڏا وڏا ڏاج آڇيا، پنهنجن ۾، پراون ۾. ڪيترا آيا به. پر ڇوڪرين جا پرڪار ڏسي يا ٻڌي انڪار ڪري ويا.

هينئر صاحب، دوستن تي خاص زور رکيو هو ته نياڻيون اتارڻ ۾ هن جو هٿ ونڊائين. وڏيءَ جي عمر چڙهي چڪي هئي، باقي ٽن جو بلو ڪرڻو هو.

* *

مون کي جيڪا خاص ڳالهه معلوم ٿـي سا هيءَ هئي ته صاحب کي ننڍي هوندي کان ”زناني عادت“ هئي.

مون جو متي ڇيو آهي ته عملي جي ڪن ماڻهن ٻڌاي
ته صاحب جي ڪن ملازمن تي عنايت جي خاص نظر آهي
يا هو پنهنوالي سان ڪمري ۾ بند ٿي وهندو آهي، يا ڪ
جهيڻي آواز ۾ صاحب بابت نراليون ڳالهيون ٻڌايون، سڀ
سپئي صاحب جي "زناني عادت" جا اندازا، ثبوت، ۽ اڪي
ڏنا احوال هئا.

هن ۾ اها عادت اينترو پختي هئي، جو اصل کان وٺي
هن جو زال ذات ڏي بنهه لاڙو ئي ڪونه هو. ان ڪر
هن کي نه شاديءَ جو خيال هو ۽ نه شوق، نڪاح ج
ناتي کان هن ڏاڍو نٽايو هو، ۽ مائٽن کي هڪ نه ٻيو بهان
ڏئي ڪيترائي ڀيرا پنهنجي تٽ ترسائي هئي. پر نيٺ مائٽ
جي مرضي رکڻ، سماجي دستور پورو ڪرڻ خاطر ۽ لوڪ
اچا کان هن کي لاڏون لهڻيون پيون.

شاديءَ بعد هزارين جتن ڪرڻ جي باوجود به هو زا
ڏي تمام گهٽ توجهه ڏئي سگهيو. ان ڪري زال پياسي
رهجندي آئي.

هڪ لڳا، اتفاق سان، زال پنهنجي هن مڙس کي پنهنج
ڊرائيور سان "زناني عادت" پوري ڪندي پڪڙي ورت
مڙس ششدر ۽ شرمندو ته گهڻو ئي ٿيو، پر ڪري ڇ
ٿي سگهيو.

ان کان پوءِ زال کي ڇڙ ته ڪليل موڪل ملي وئي
هوءَ نون نون مسافرن لاءِ پنهنجي دل جو دروازو کوليند
رهي، مڙس جو ڊپ ڪونه رهيو هوس. مڙس به سپڪج

ڏسندي، ڪجهه به ڪرڻ جي پاڙ ۾ اخلاقي همت ساري ڪو نه سگهيو.

وري ڇوڪريون ساماڻيون ته اهي به ماءُ کي ڏسي، ماءُ جي راهه تي هلڻ لڳيون. ماءُ به گهٽي رڪاوٽ وجهڻ جي لائق نه هئي، يا رڪاوٽ وجهڻ نه چاهيائين.

عشقبازين ۽ طلاقن ڪري، هي گهر ڪافي بدنام ٿي چڪو هو ۽ هاڻي ڪو به هنن سان سنگ ڳنڍڻ لاءِ تيار نه هو. سون جهڙو معمولي ماڻهو به نه!

---

نئون نياپو: آگسٽ ١٩٧٦ع

۱۹- ڊسمبر ۱۹۷٦ع

## ملهہ جي من ۾ ملاڪڙو

مصري ڳوٺاڻ سيڙجي، شهر ۾ ٽيليويزن تي هي پروگرام ڏسڻ آيو هو. شهر واري دوست چيس:
”ڇنڇر ته راندين جو ڏاڍو شوق اٿئي. تون گهٽين ڳالهين کي قومي نقطي نگاهہ کان ڏسڻ جو عادي آهين. راندين جو قومي پهلو ڪهڙو آهي؟“
”راندين ۾ نه رڳو ونڊر ۽ ورزش ٿئي ٿي، پر راند، رانديگرن ۾ تنظيم، فراخدلي، سهپ ۽ رواداري پيدا ڪري ٿي. اهڙي ڪردار ڪري ئي رانديگر ڌاريـن ملڪن لاءِ پنهنجي ملڪ جو هڪڙي قسم جو سفير ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ديس جو ناموس ۽ وقار وڌائي ٿو.“
”پوءِ پلا هن ملڪ جي هاڪيءَ جي کيڏاڙين، جرمنيءَ ۾ شڪست بعد جيڪا نـامناسب روش اختيار ڪئي، ان بابت تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟“
”اهو رايو راند جي روح جـي ابتڙ هو، پر اهو هڪ جدا بحث آهي، جـو ڪڏهن وانـدڪائيءَ ۾ ڪنداسين. هينئر هل ته هلي ميونسپالٽيءَ جي باغ ۾ لڳل ٽيلويزن جو پاسو وٺون.“

* *

ڳچ ماڻهن وانگر مصريءَ کي به هن ڪشتيءَ جو انتظار

هو. پر هن جو انتظار نرالو هو.

هو پاڻ برک ۽ بهادر ملهه هو، ڪيترائي ميل مـار ا هئائين. هن ڪي سدائين اها شڪايت رهي هئي تہ ڪشتيءَ کي هرويرو اجائي اهميت ڏني ٿي وڃي ۽ ملهه کي ڏسي وائسي نظرانداز ڪيو پيو وڃي.

جپاني جوڏي ۽ ديسي پهلوان جـي وچ ۾ ڪشتيءَ جو مقابلو ٿـي رهيو هو. هن مقابلي کي دنيا پـر ۾ وڏي مشهوري ڏني پئي وئي .

ديسي پهلوان، پهلوانن جي خاندانن مان هو. ٽن پيڙهين کان هـن خاندان ۾ پيدا ٿيندڙ هر مرد پهلوان بڻيو آهي. پهلواني هنن جو پيشو آهي. هو نہ ڪو هنر سکندا آهن ۽ نہ تعليم پرائيندا آهـن. هنن اثر رسوخ جا داو پيچ هلائي، ٻين پهلوانن کي اپڙڻ نہ ڏنو هو ۽ هن راند تي پنهنجي هڪ هٽي قـائم ڪري ڇڏي هئي، جئن سامراجين جـي ڪن صنعتن تي هڪ هٽي آهي.

ديسي پهلوان جـي لاڳاپيدارن پڌرائي ڪئي هئي تہ :

”هيءَ دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪشتي آهي. هيءَ هن صديءَ جي وڏي ۾ وڏي ڪشتي آهي. اسين چيٽي وڃائيندي ميدان ماري ڏيکاريندا سين.“

ديسي پهلوان پريس ڪانفرنس ۾ چيو هو: ”مون چار سؤ ڪشتيون لڙيون آهن. مون ڪڏهن نہ هارايو آهي. مان مخالف کي ٻئي يا ٽئين واري ۾ چٽ ڪندس.“

دنگل جي اشتهار ۾ ديسي پهلوان جـا هي ٻول درج

آهي. بادشاهہ ۽ جاگيردار پنهنجي وندر ۽ واندڪائيءَ جو وقت گذارڻ واسطي جانورن ۽ ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ويهي رؤنشو ڏسندا هئا. انسان جي رت جو ته هنن وٽ قدر هو ڪونه. رومن شهنشاهہ ماڻهوءَ کي بکئي شينهن جي پڃري ۾ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ حڪم ڪندا هئا ته ان جو مقابلو ڪر. ٻن بهادرن کي هٿيار ڏئي هنن کي چيو ويندو هو ته پاڻ ۾ وڙهو. انعام جو حقدار اهو ٿيندو هو جو ٻئي کي ماري ختم ڪندو هو. هٿيارن جون صورتون ڦرنديون رهيون. لٺيون، لوڙهيون، ڏڦا، خنجر، ترارون، تيرڪمان، ڪهاڙيون، بندوقون، پستول.... ڪتا، ڪڪڙ، سوئر، رڇ ويڙهائڻ به انهن جاگيردارن جا مشغلا آهن. انسانن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي آخري صورت هئي بنا هٿيار مقابلو ڪري پهلواني ڏيکارڻ. ان کي ڪشتي چئجي ٿو. ڪشتيءَ ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جا هڏ گڏ ڀڃي وجهندا آهن يا رتورت ڪري يا سڄائي ڇڏيندا آهن. ڏؤنشيبازيءَ جي راند ۽ اسپين ۾ انسان جي جهنگلي ڍڳي سان ويڙهہ پڻ، جاگيرداري دور جا يادگار آهن....ايترن اعتراضن ۽ خامين هوندي به ڪشتيءَ کي اهميت ڏني وئي، پر ٻين علائقن جي پهلوانيءَ جي راندين کي نظرانداز ڪيو ويو. سنڌ جي ملهہ ته عوامي ۽ قومي راند آهي. ملهہ هر گهٽي ۽ گهر ۾ کيڏي وڃي ٿي. اهڙو سنڌي جوان اڻلڀ هوندو جنهن ننڍپڻ ۾ هڪجيڏي سان ملهہ ۾ هٿ نہ ڳنڍيو هوندو، خاص ڪري ٻهراڙيءَ ۾. ننڍو وڏو، غريب امير، هاري زميندار سڀ ملهہ وڙهندا آهن. عام ماڻهو

آهي، ڪجهہ بہ غير انساني ڪونهي.... ملھ جي اهڙين خوبين ڪري اسين بہ مات نہ آهيون ۽ ان کي سرڪاري طرح بہ قومي راند مڃرائڻ لاءِ جتن پيا ڪريون. ان جتن ۾ اسان کي ملهن کان سواءِ ٻين رانديگرن، راند جي شوقينن، دانشورن ۽ وطن دوستن جو بہ سهڪار حاصل آهي....

اهڙي نموني مصريءَ جي ذهن ۾ ويچارن جون وڇون چمڪنديون رهيون.

* *

ان شام جو رستا ۽ بزاريون خلق کان خالي نظر آيون، ڇو تہ سرديءَ جي لهر آئي هئي. آفيسون ۽ دڪان جلد بند ٿي ويا. ماڻهن وڃي پنهنجن يا پراون ٽيليويزنن يا ريڊين جو پاسو ورتو هو.

ٽيليويزن تي ماڻهن ڏٺو تہ جپاني جوڙتو قداور ۽ جاڻو جوان هو. هن جو بدن نهرو ۽ مضبوط پٺن وارو هو. سيني سان سنوت وارو پيٽ، چهري تي چمڪ، خود اعتمادي ۽ مرڪندڙ سنجيدگي. ٻئي پاسي ديسي پهلوان ڦيڦو ۽ نڪتل پيٽ وارو هو. هن جي منهن تي ان لکي گهٻراهٽ هئي، جنهن کي لڪائڻ لاءِ ئي شايد هو ڪشتيءَ کان اڳ ئي تلهي تي خواهمخواه ٽپا ڏئي رهيو هو ۽ چنگهون ٻانهون هوا ۾ اڇلي رهيو هو.

مصريءَ سوچيو تہ راند جو هڪ مقصد ورزش ۽ صحت قائم ڪرڻ هوندو آهي، پر هنن پهلوانن ۾ گهڻو کائڻ جي هير پوي ٿي ۽ چربي چڙهڻ ڪري ٿولهہ ٿئي ٿي. اهي

جـي اکين ۾ آڱريون ٽنبيون آهـن، جـو بيقاعـدي آهي.
حقيقت هـيءَ هئي تہ جپاني جوڏو ايترو طاقتور هـو، جو
جي زور سان هن جي اکين ۾ آڱريون وجهي ها تہ هن جا
ڏوڏا ٻاهر نڪري اچن ها. جپاني جوڏي جـو چوڻ هو تہ
سون هن جـي اکين مٿان رڳـو هٿڙا ڦيرايا، جـو بيقاعدي
نہ آهي.

ٻئي واري ۾ جپاني جوڏي، ديسي پهلوان کي پٺ تي
ڪيرائي، هن جـي ٻانهن کي پٺيان ور ڏئي سوگهو ڪئي
جهليو. ديسي پهلوان ڇڏائي نہ سگهيو ۽ هار مڃڻ بدران
جٺن ڏي وت ڪان وڌيڪ زور ڏئي ٻانهن ڇڏائڻ جي ڪوشش
ڪيائين تہ اها ٽڙڪو ڏئي، ڪلهي وٽان نڪري پيس. هو
هارائي چڪو هو.

مصريءَ جي سنهن تي مرڪ چانئجي وئي.

پر پهلوان جي خاندان وارا مچرجي پيا ۽ ڏنب ڪري
ٿلهي تـي ڪاهي آيا. هو پرديسي جپاني جوڏي تـي جلهہ
ڪرڻ وارا هئا، پر پوليس پهچي وئي. پوءِ تہ ڳارگند جو
ڏوڙيو مچائي ڏنائون. اهڙو هل هنگامون مچايائون جڻ ڀنگ
چرس پي آيا هئا.

مصريءَ جي مرڪ وڌيڪ پڪڙجي وئي.

---

برسات: فيبروري ١٩٧٧ع

٢١- مئي ١٩٧٧ع

# ڪڪرن جو ديس

هيءَ سن ١٩٤٨ع جي ڳالهہ آهي.
ان ڏينهن وارو ماحول ۽ موسم بہ ڪجھہ ڪجھہ ياد اٿم: صبح جو پهريون پهر. جهڙالو ڏينهن. ڏاهہ ڪاڏل پکين وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندڙ اڇا، پورا، سليٽي ۽ ڪارا ڪڪر. هنن جي پيچ ڊڪ ۾ ڇڻ ڊپ ۽ هراس، ڇڻ پنهان پيو اٿن ڪو دشمن.... ۽ ڪڪر، جي چانو، امن ۽ سڪر جي علامت آهن، تن کي پنهنجي ئي ديس آسمان ۾ ڪا پناهہ جي جڳهہ ڪانہ ملي رهي هئي.

مان ڪراچيءَ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ۽ لشڪري سکيا وٺڻ وارن ۾ شامل هوس. ان ڏينهن موڪل هئي ۽ اسان کي صبح جو ئي پريڊ جي مشق لاءِ پولو گرائونڊ تي گهرايو ويو هو.

ڪئپٽن، جو اسان کي سکيا ڏيندو هو ۽ جو فوجي اصول موجب، وقت جو ڏاڍو پابند هو، ان ڏينهن ڳچ دير سان پهتو. اچڻ سان سيني کي ڪنو ڪري ٻڌائين تہ هن وقت شهر ۾ فساد آهي، اڄ پريڊ ڪونہ ٿيندي. پوءِ هدايت ڪيائين تہ سڌا پنهنجن گهرن يا هاسٽلن ڏي هليا وڃو.

مان ۽ منهنجو هڪ دوست گڏجي، سنڌ مسلم ڪاليج هاسٽل ڏي روانا ٿياسين. اسين لشڪري وردي ۾ هئاسين. ڪلاڪ سوا اڳ رستن تي دستوري چهر ٻهر هئي، پرهيئنر

اهي رستا خالي ۽ ويران هئا. ڪٿي ڪٿي هٿيار بند سپاهي بيٺل هئا. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي ويندو ٿي نظر آيو. ڪي ڏوتي پاتل گهٽين ۾ ڀڄندي ڏٺم. منهنجي نگاه آڪاس ۾ ڊوڙندڙن ڪڪرن ڏانهن ڪجهه وئي.

جڏهن برنس گارڊن وٽ پهتاسين، تڏهن برنس روڊ تي، ٽيليگراف آفيس سامهون، فوٽ پاٿ تي، هڪ سپاهيءَ جي پرسان هڪ ڏوتي پاتل بيٺل نظر آيو. اسان کان پريرو هئا، تنهن ڪري هن جي چهري جي ڪيفيت پروڙي نه پئي سگهجي، البت هن جي اگهاڙي مٿي تي چوٽي صاف نظر ٿي آئي. شايد هو ولر کان وڇڙي ويو هو ۽ هن محافظ کي پناهه سمجهي، اچي بيٺو هو. هوا ۾ اڏامندڙ ڏوتيءَ ڪري، هو پتنگ جيان بيٺو ٿي لڳو.

اسان جي ڏسندي ڏسندي، پاسي واري گهٽيءَ مان هڪ چوڙيدار پاجامي ۽ ڊگهي پهراڻ وارو شخص طوفان وانگر ڊوڪندو پر گهٽ ٽپو ۽ ڪنوڻ جئن پنهنجي هٿ واري خنجر سان بيٺل ڏوتر جي پٺيءَ تي اچي ڪڙڪيو.

ڏوتر جون ڪيهون فضا ۾ اڀريون:

”الاڙي....اباڙي.... گهوڙاڙي!“

هن ڀڄڻ شروع ڪيو. پٺيان وار جاري رهيا. پوءِ هن منهن ڦيرائي، ٻئي ٻانهون ٻڌي آزيون نيزاريون ڪيون:

”ڀڳوان واسطي.... نه نه، خدا جي واسطي.... رسول جي واسطي.... سچل سائينءَ جي واسطي.... نه نه، پيران پير جي واسطي....پنجن تنن جي واسطي....“

خنجر جي ڪنوڻ ڪڙڪندي رهي. هن جا هٿ چچرجي چڪا هئا. رت جون نينڍيون، رت جون ڦڙيون، رت جا ڦوهارا، رت جا ريلا، رت جا دڀا، رت جا تلاءَ، ڄڻ ڪڪر مان رت جو مينهن وسيو هو. هن جو سرير، هن جا لٽا، هن جي ڌرتي ڳاڙهي ٿي ويئي. هوليءَ تي به ڪڏهن ايترو رنگ سان نه رنگيو هوندو.

”مان ته مسڪين غريب آهيان.... مان نه ڪچي جاءِ ۾ ٿو رهان.... مان ته پٽ جي دوا لاءِ سيٺ ڪان پيسا وٺڻ نڪتو هوس....منهنجي جان بخش ڪر....“

پوءِ هن کي چاتيءَ ۾ ڪو هنڌائتو ڌڪ لڳو. هو ڪري پيو. به ٽي پيرا ڦٿڪيو ۽ ٿڌو ٿي ويو.

خنجر وارو وري تيزيءَ سان گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو.

ڪو به ويجهو نه آيو.

ڪنهن به هڪل نه ڪئي.

ڪير به بچاءَ لاءِ نه وڌيو.

محافظ منهن ٻئي پاسي ڪري بيٺو رهيو.

اسين ٻئي اتي ڄميا بيٺا رهياسين، ڄڻ پنڊ پهڻ ٿي ويا هئاسين. رستي تي آسپاس جي به چار ماڻهو هئا، تن به هڪ نظر وجهي، ٻئي طرف تڪڙو تڪڙو وکون کڻڻ شروع ڪيون. مٽان ماڙين جي درين مان ڪي چهرا ظاهر ٿيا، پر وري هڪدم اندر ٿي ويا ۽ دريون پڪوڙي ڇڏيائون. سڀ ڪجهه وڄ جي چمڪات جي تيزيءَ وانگر ٿي ويو.

مان سُن ٿي ويس،

دهشت وڌي وئي،
خوف وڪوڙي ويو،
پاڻ کي پٽڪيل ڪري محسوس ڪرڻ لڳس،
جڻ مان به نشانو ٿيڻ وارو هوس،
جڻ مون تي به حملو ٿيڻ وارو هجي....
مون واري ساٿيءَ کي به شايد ساڳي ڦڦڙي پئي. هن چيو "يار، پڇ ته پڇون: هتي خير ڪونه ٿو ڏسجي."
پوءِ ٽڪڙو ٽڪڙو، جڻ چڙوچڙ ڪري کي هوا ڊوڙائيندي هجي، هاسٽل پهتاسين."

* *

من اندر سوچ ۽ لوچ جو جوالا مکي ايامڻ لڳو. ڪنهن انسان کي قتل ٿيندي ڏسڻ جو منهنجو اهو پهريون ۽ اڄ تائين پڇاڙڪو موقعو هو: سو به اهڙي نموني، ۽ ڪارڻ؟ ....مون کي محسوس ٿيو ته ان قتل ڏسڻ سان، منهنجي اندر ۾ ڪجهه سالن کان سانديل ڪو نظريو به قتل ٿي ويو.
مان بالڪني ۾ اچي بيٺس. اکيون مٿي کڄي ويون. ڪرڻ ڏي ڌيان ڇڪيو. ڪري چڙوچڙ ته هوا جو هلڪو جهرٽو به هنن کي پنهنجي جاءِ تان هٽايو ڇڏي. پر جي گڏيل، ملي، هڪ ٿي، پنهنجي ديس آسمان لاءِ ڀال ڀنجي بيهن ته تيز کان تيز طوفان به هنن جا پير اکيڙي نه سگهي....ڪري سٽيل ۽ سماجهڙا آهن، سڪار ۽ رحمت جا قاصد آهن: پر پوست ۽ گهٽ ٿيڻ تي گهرا ۽ گهاٽا ٿي، گجگوڙ جي ڌماڪن سان دنيا کي ڏهڪايو ڇڏين، ڪنوڻ

جي هشيار سان ڏونگر ڏاريو چڙهين ۽ پلر جـي پالوٽ سان
چپن کي به ڪک پن وانگر وهايو چڙهين.

*　*

ٽيهه سال گذري ويا آهن. اها گهٽنا ياد آئي اٿم.

اڄ جهڙالو ڏينهن آهي. هوا بند آهي. بدن پگهر سان شل آهي. گرمي آهي. گهٽ آهي. پوسٽ آهي. آسمان تي گهاٽا ڪڪر، اڻ چڇنڊڙ ڍال بڻجي بيٺا آهـن. دهشتناڪ گجگوڙ آهي، وچ جا چمڪات آهن ۽ اجهو پلر جي پالوٽ ٽيڻ واري آهي!

١٧- مارچ ١٩٧٨ع

## نئون مهان

هن معمولي گهٽتا هن کي ٽڙقائي، ڏکائي ۽ جلائي
ڇڏيو هو، جو ڪنوارا محل اڏيندو ٿي آيو، ڪنوار جا
نوان نوان روپ تخليق پئي ڪيائين ۽ سڄي سنسار کان
بينياز ٿي پنهنجي من جي دنيا ۾ مگن هو، تنهن جو سڀ
ڪجهه ائين ڊهي پيو جئن بي ايمان ٺيڪيدار ۽ رشوتي
انجنيئر جي ٺهرايل ڇت، ڪم هلندي ئي اچي پٽ تي
پوندي آهي.

هن جي ويچارن جو رخ ائين ڦري ويو جڻ ريل گاڏيءَ
ڪانٽو بدلايو هو. هن وقت هو ريل گاڏيءَ ۾ هو ۽ ڪراچي
کان اچي رهيو هو.

* *

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڀهريون ڀيرو پير پاتو هئائين. اتي
پهچڻ سان ائين محسوس ٿيس جڻ ته فلمي دنيا ۾ پهچي ويو
آهي. سهڻين جا ولر هئا. ڪي ٽليون ٽهليون پئي، ڪي
چبر تي ويهي ڪچهري ڪري رهيون هيون، ڪي ڇوڪرن
سان گپ شپ ۾ رڌل هيون، ڪي ڇوڪرن سان جوڙا
جوڙا ٿاهي باغيچن ۾ يا عمارتن جي ورانڊن ۾ راز نيازجون
ڳالهيون ڪري رهيون هيون.

چقمق بدن، نئين کان نئون فئشن، ولايتي ڪٽ لباس.

چهرا، چپ، پرون، پلڪون ۽ ننهن نقلي شين سان سينگاريل .
هنن جسمن ۽ ڪپڙن جا اِيترا ۽ اهڙا من موهن رنگ هئا،
جو هن کي وايو منڊل ۾ رنگين لهرون جهومندي محسوس
ٿي رهيون هيون، ڄڻ ڪيئي اندلئون زمين تي لهي آيون
هيون، ڄڻ هزارين پوپٽ انساني گلن سان چنبڙي پيا هئا.
هن ههڙو حسن ۽ هڪ ئي هنڌ هيترو حسن، ڪٿي
ڪونه ڏٺو هو. هن جي انجنيري ڪاليج ۾ ته ڪا ڇوڪري
ئي ڪانه هئي.
جيڪي انگريزي فلمن ۾ هو حسرت سان ڏسندو هو،
سو هتي جٿرو جاڳندو ڏسي، چپ ۽ نڙي خشڪ ٿي ٿي
ويس. گهڙيءَ گهڙيءَ پٺي زبان ڦيرائي چپ آلا ڪيائين.
هن سوچيو: يونيورسٽيءَ ۾ ته علم جي روشني، ذهن
جي چٽاڀيٽي، ادب جي هنرڪار ۽ ڪتابن جي نمائش هجڻ
گهرجي، پر گهٽ ۾ گهٽ هتي ته جوين جي روشني، سينگار
جي چٽاڀيٽي، يو. ڊي. ڪولون ۽ ايونئنگ - ان پئرس جي
هنرڪار ۽ فئشن جي نمائش آهي.
”اها اتئي تو واري امبرين.“ سندس دوست، هڪ
ڇوڪريءَ ڏي اشارو ڪري هن کي چيو.
هن جو لڱ لڱ ڏري پيو، هن جي رڳ رڳ راحت
سان پرجي وئي، هن جي دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي.
هوءَ پرسان ئي ٻي ڇوڪريءَ سان بيٺي ڳالهائي رهي
هئي ۽ ڳالهه تي ٽهڪن جون تليون ٿي وکيرون....
دلڪش گورو گلابي رنگ ۽ ٽهڪندڙ نيرو لباس. چٽا انگ،

چِٽا رنگ، چِٽا ڍنگ.... هوءَ هن جي تصور جي مصورجي چٽيل تصوير ڪان بہ سرس سهڻي هئي. اهو سوچي تہ ههڙو حسن منهنجي هنج ۾ اچي سگهي ٿو ۽ سدائين لاءِ منهنجو ٿي سگهي ٿو، هن کي پنهنجو پاڻ تي بي‌اعتباري ٿيڻ لڳي.

سندس دوست، جو هن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ امبرين جو همڪلاسي هو، تنهن چيو: ”ڪهڙي دنيا ۾ گم ٿي ويئين؟ اڃا پيتي جا نشا ٿي ويئي چاءِ هاڻي چوين تہ هلي هن سان ڳالهرايانءِ پيئي؟“

”ها يار، پر ڳالهائجانس تون. مان ماٺ ڪيو ويٺو هوندس. پر هڪ ڳالهہ جو خيال ڪجانءِ، هن کي ڪڙڪ نہ پوي تہ ڪو مون کي سندس سنگ جي آچ ٿي آهي ۽ مان خاص ڪيس ڏسڻ واسطي هتي آيو آهيان.“

وڏي هنن وٽ آيا. ڪيڪارن جي ڏي وٺ ٿي. سرڪن جي بارش، نگاهن جي جادوءَ، بدن جي چقمق ۽ سامايل سرهاڻ ۾ سارنگ منڊيو ويٺو رهيو. هن کي اهو بہ هوش ڪونہ رهيو تہ ڇوڪرين ۽ سندس دوست جي وچ ۾ ڪهڙي گفتگو ٿيندي رهي. اُن منڊ ۾ هن جي ذهن جي پردي تي سندس سوٽيون ماساتيون اڀريون، پر هنن جو عڪس ائين هو جئن منجهند جي سج آڏو زيرو بلب.

هو جيستائين ڪراچيءَ ۾ رهيو منڊيو رهيو، گاڏيءَ ۾ چڙهيو تہ بہ منڊيو رهيو. هن جو ماندائڻ، هن گهٽناڪري هيئنئر هيئنئر ٽٽو هو.

* *

ڪنجي، مون کي وهڻ جي جاء ڏي. ان ڇوڪري ڇڙٻ ڏئي چيس:

”اندو آهين ڏسين ڪونه ٿو ته جڳهه ڪانهي. وري چئين ٻه الائي ڇا ٿو. خدا توهان کي هن ملڪ جي صورت ۾ تهذيب ۽ ٻولي موڪلي، پر توهان پنهنجين چيزن کي چنبڙيا پيا آهيو.“

سارنگ ڄڻ گهاٽي ننڊ مان سجاڳ ٿيو. ڳوناٺي کي چيائين:

”چاچا، اچو هيڏانهن اچي وهو.“

ڇوڪرن سمجهيو هو ته گاڏي ۾ سڀ سندن ٻوليءَ وارا آهن. هو ڏاڍو ڪڪا ٿيا ۽ هڪ ٻئي ڏي نهارڻ لڳا. سارنگ هنن جو موٽ عمل ڏسڻ لاء هنن ڏي نگاهه ڪرڻ ضروري نه سمجهيو، پر پنهنجي اندر جي موٽ عمل جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان هو پاڻ کي روڪي نه سگهيو.

* *

هن کي ياد آيو:

ڊرائنگ هال ۾ ماءُ ۽ ڌيءُ ويٺي ڳالهيون ڪيون. ڏاڍو سهڻو ۽ گلن وارو غاليچو وڇايل هو. ڪرسيون ۽ ڪوچ فوم گديلن وارا هئا. ٻئي پاسي ڪاٺ فارميڪا جي ڪاٺي جي ميز ۽ ڪرسيون چمڪي رهيون هيون. ٻن خوبصورت ڪٻٽن ۾ ڪتاب سجايل هئا. ڀت ۾ ڪٽل سهڻين شين ۽ رانديڪن سان ڀريل نمائشي ڪٻٽ هو.

پوڙهي ڄنيءَ سميت پلٿي ماري ڪوچ تي ويٺي هئي.

هن جي آڏو پاندان رکيل هو. هوءَ لڳاتار پان چباڙي رهي هئي. هن جا وڏا ڏند، چپ، مهارون ۽ چپ پان سان ٿقيل هئا. ڳالهائيندي پان پيري ناسي ڳڳ واچن مان پئي ڳڙيس. ان ڪري منهن، هٿن، پانهن ۽ ڪپڙن تي پان جا داغ ٿهي پيا هئس. ڳهڙيءَ ڳهڙيءَ ٽڪون به پئي اڇلايائين. پيرسان ٿوڪدان پيل هو، پر پان پيريون ٽڪون ڪجهه ان ۾ ٿي پيون ۽ ڪجهه ٻاهر تي ڪريون. ان ڪري ٿوڪدان به اندران توڙي ٻاهران ناسي ٽڪن سان ٿقجي ويو هو ۽ ان سان گڏ فرش ۽ قيمتي غاليچي جو ڪجهه حصو پڻ.

پوڙهيءَ پنهنجي ڏيءُ کي چيو هو: ”هي جهنگلي روز روز ڇو هن گهر ۾ پيگا بيٺا آهن!“

هي جهنگلي هو سندس ڏيءُ جي مڙس جو سڳو ڀاءُ. هو ننڍڙو زميندار هو ۽ ٿورو گهٽو پڙهيل پڻ، البت هن جي هلت چلت ۽ پوشاڪ ڳوٺاڻي هئي.

پوڙهيءَ جي نانيءَ جو نالو منو هو. منو هيمئر وڏو آفيسر هو ۽ زمين به جهجهي تي وئي هئس. هو ڪاليج پڙهيو هو ۽ نوڪريءَ ۾ هجڻ ڪري گهڻو وقت ڳوٺ کان ٻاهر شهر ۾ رهڻو پيو هوس. اٺاويهه سال اڳ پرڏيهين مان شهري ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين. ان مان اٺ ٻار ٿيا هئس، جن مان ٽن جي شادي ٿي چڪي هئي ۽ اهي پاڻ به اولادي ٿي چڪا هئا. اهڙيءَ ريت هن جي خاندان جا ويهه ڀاتي هئا.

* *

سس، سهرو، سالا ۽ ساليون هن وٽ مهنن جا مهنا اچي رهندا هئا ۽ ڪائيندا پيئندا رهندا هئا.

سارنگ کي ياد آيو ته مٺي، هڪڙي ڪاليج ۾ داخلا واسطي پنهنجي سڳي ڀاڻتي کي ”پاليندڙ جو سرٽيفڪيٽ“ نه ڏنو هو. پر پنهنجي زال جي چاچي جي ماسڙ جي ڀڻيءَ جي پٽ کي، جوءِ جي چوڻ تي بنا چون چران جي اهڙو سرٽيفڪيٽ لکي ڏنائين.

سارنگ اهو پڻ ڏٺو هو ته اختلاف ۽ تضاد جي حالت ۾ مٺي جي خاندان جا مڙئي ڀاتي پرڏيهي زبان وارن جو پاسو وٺندا هئا، پوءِ اهو مسئلو زبان جو هجي يا تهذيب جو، ڪوٽا جو هجي يا ڪاليج ۾ داخلا جو، نوڪرين جو هجي يا سياست جو، چوندن جو هجي يا ووٽ جو. هو ذهني ۽ عملي طرح پاڻ کي اصلوڪن رهاڪن کان الڳ رکندا هئا، ۽ مٺو نه گهر جو رهندو هو نه گهاٽ جو...

هي ته اسان کي ٿورائيءَ ۾ آٽڻ جو هڪ محاذ ٿيو، سارنگ دل ئي دل ۾ چوي ٿو....

* *

گاڏيءَ جي رفتار ڍلي ٿي ۽ شهر ڏي نهاري، سارنگ چٽ سجاڳ ٿيو. هن جو شهر اچي ويو هو.

سڌو مٺي جي گهر پهتو.

زال مڙس ٻئي موجود هئا.

هن مٺي کي چيو: ”چاچا، توهان جي ۽ توهان

جي گهر واريءَ جي، هن جي پائنيءَ امبرين سان پرڻجڻ جي آڇ ۽ هن کي وچي روبرو ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ پار پتا ڏيڻ جي مهرباني. پر مان اهو سنگ قبول ڪري نہ ٿو سگهان."

۱۵- آڪٽوبر ۱۹۸۰ع

## مرڪنڊڙ ڪاوڙ

”ماڻهو ڏاڍا حرامي آهن.“ پير وهڻ سان مرڪندي چيو. پير جهڙي سنجيدي، پيرسن ۽ بزرگ جي واتان اهڙو گفتو ٻڌي، منهنجي حيرت جي انتها نه رهي، ۽ هو جو ڪجهه ٻڌائڻ وارو هو، سو ٻڌڻ ۾ دلچسپي پيدا ٿي. هن گفتو ته ڪاوڙ وارو چيو هو، پر هو مرڪي رهيو هو ۽ سڄي موڊ ۾ پڻ ڏٺو.

هي پير پندرهن سالن کان مون وٽ علاج واسطي ايندڙ آهي. عمر پنجاه کان مٿي، مٿي تي سنڌي ٽوپي، ڪلهي تي رومال، نفيس ململ جو ڊگهو پهراڻ، ڪانئچ سوڙهن پاچن واري ۽ پيرين کان مٿي، نرڙ تي نماز جو ڪارو داغ، اکين ۾ سدائين سرمو، چيني وچٽي جهڙي اڇي ڏاڙهي، هٿ ۾ هروقت تسبيح، جا آٽوميٽڪ لڳندي هئي، يعني پير ڳالهائيندو هو يا ڪلندو هو ته به اها سرندي رهندي هئي.

پيرائتي ڳالهه ٻڌائڻ کان اڳ، ان تي ٽيڪا ٽپڻي طور چوڻ لڳو: ”هي شهري ولايتي ماڻهو اسان ڳوٺاڻن کي اڻ وڻندڙ نظر سان ته ڏسندا آهن، پر هن ولايتي ماڻهوءَ جي ٽوڪ پرڏي گفتي جو ڪارڻ رڳو اهو نه هو. ان جونئشانو منهنجي شڪل شباهت ۽ منهن مهانڊو به هو.“ پوءِ مون ڏي نهاري مرڪي چيائين ”جي مان ساڳيو سوال پنهنجي

ڊرائيور ڪان پڇان ها ته مون کي ائين ڪڪو وڪــو تيڪو نه ٿيو ها."

پوءِ ناس جي چپٽي ڏيڙيءَ مان ڪڍي، ناسن ۾ وڌي، سڙڪيائين ۽ رومال سان نڪ اگهي، ساڻس ٿيل واقعو ٻڌايو:

"مان هينئر موٽر ۾ هيڏانهن اچـي رهيو هـوس. هڪڙي گهٽيءَ ۾ هڪ هنڌ ماڻهن جـو وڏو ميڙ متو پيو هو. هڪ دڪان آڏو قطار لڳي پئي هئي ۽ مـاڻهو وٺ وٺان ۾ هئا. ان ميڙ جي ڪري رستو روڪيل هو، جنهن ڪري ڊرائيور کي گاڏي ڍلي ڪرڻي پئي ۽ هڪ هنڌ ڪجهه ساعتن لاءِ بيهڻو پيو. ان وقت پـرسان بيٺل هڪ مـاڻهو، جنهن جي هڪ هٿ ۾ ڪپڙي جي ڳوٿري هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪو ڪاغذ هو، تنهن کان مون پڇيو ته هي گوڙ ڇا تي آهي؟ ان همراه ڦيريـن سـون کي گهوريو ۽ خبر اٿـو پـوءِ ڇا چيائين؟"

"توهان ٻڌايو." مون جواب ڏاڻ جي بيتابي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

پوءِ ورائيو "هن چيو: مولانا صاحب، هتي شراب پيو ورهائجي!"

اهو ٻڌي مون کان به ٽهڪ نڪري ويو ۽ پوءِ به کلي ڏنو، ۽ چڱو وقت کلندا رهياسين.

پوءِ وڌيڪ ٻڌايو: "ان همراهه جي ان جواب تي مون لا حـول ولا چـيو ۽ ڊرائيور کي گـاڏي اڳتي وڌائڻ لاءِ چيم. پوءِ ڊرائيور ٻاڌهي ٻڌايو ته سائين هـي ڪنٽرول جو ڊيپو

آهي ۽ ڪنڊ جي بلاڪ جي قيمت بيحد وڌي وئــي آهي ۽ ڪنڊ جي ڪوٽا گهٽي وقت ڪان پوءِ آئي آهي ۽ ماڻهن کي انديشو آهي تہ اها بہ ختم نہ ٿي وڃي، ان ڪري وڌي ان تي رش ڪئي اٿن."

١٥- نومبر ١٩٨٠ع

## بي پردگي

ڪالهه به هڪ عورت آئي هئي. مان جڏهن عورتن واري ڪمري ۾ گهڙيو هوس ته ڪجهه عورتون ويٺيون هيون. ڇهون يا ته بنا برقعي هيون، يا جي برقعي سان هيون ته هنن جا منهن ڪليل هئا؛ پر هن جو چهرو به ڍڪيل هو. هن جي پير ۾ اٺن ڏهن سالن جي هڪ شيدڻ ڇوڪري ويٺي هئي. جڏهن هن جو وارو آيو تڏهن به هن برقعو مٿي نه ڪيو ۽ پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌايو. مون کي پردي تي ائين ڏي چڙ ايندي آهي، پر بيمار جي حيثيت ۾ جا عورت مون وٽ اچي ۽ نقاب مٿي نه ڪري ته منهنجي اها چڙ چوٽ چڙهي ويندي آهي.... مون کي پنهنجي هڪ ڊاڪٽر دوست ٻڌايو هو ته سنڌ جي هڪ وڏي پير جي ڳوٺ ۾ هو ميڊيڪل آفيسر هو. ڪڏهن ڪڏهن ان پير جي بيمار ٻيبين کي چڪاسڻ خاطر، هن کي حويليءَ اندر سڏايو ويندو هو. حويليءَ ۾ ڪٿ تي هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ ٻيبيون ۽ صاحبزاديون وهنديون هيون. ان ڪٽ جي آڏو، به ٻانهيون ٿلهي ڪپڙي جي چادر يا اجرڪ جو پردو جهلي بيهنديون هيون. ڊاڪٽر سان گڏ پير پاڻ ۽ هن جا صاحبزادا بيٺل هوندا هئا. چادر جي پردي هيٺان بيمار ٻيبين ۽ صاحبزادين جا ڪرائيءَ تائين هٿ ڪڍيا ويندا هئا ۽ ڊاڪٽر کي چيو ويندو هو ته انهن هٿن جي نبض ڏسي. ڊاڪٽر کي فقط

١٥- نومبر ١٩٨٠ع

## بي پردگي

ڪالهه ۾ هيءَ عورت آئي هئي. ساڻ جڏهن عورتن واري ڪمري ۾ گهڙيو هوس ته ڪجهه عورتون ويٺيون هيون. ڀيون يا ته بنا برقعي هيون يا جي برقعي ساڻ هيون ته هنن جا منهن ڪليل هئا، پر هن جو چهرو به ڍڪيل هو. هن جي پير ۾ اڻن ڏهن سالن جي هڪ شيدڻ ڇوڪري ويٺي هئي. جڏهن هن جو وارو آيو تڏهن به هن برقعو مٿي نه ڪيو ۽ پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌايو. مون کي پردي تي ائين ڏي چڙ ايندي آهي، پر بيمار جي حيثيت ۾ جا عورت مون وٽ اچي ۽ نقاب مٿي نه ڪري ته منهنجي اها چڙ چوٽ چڙهي ويندي آهي.... مون کي پنهنجي هڪ ڊاڪٽر دوست ٻڌايو هو ته سنڌ جي هڪ وڏي پير جي ڳوٺ ۾ هو ميڊيڪل آفيسر هو. ڪڏهن ڪڏهن ان پير جي بيمار ٻيبين کي چڪاسڻ خاطر، هن کي حويليءَ اندر سڏايو ويندو هو. حويليءَ ۾ ڪٽ تي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٻيبيون ۽ صاحبزاديون وهنديون هيون. ان ڪٽ جي آڏو، ٻه ٻانهيون ٿلهي ڪپڙي جي چادر يا اجرڪ جو پردو جهلي بيهنديون هيون. ڊاڪٽر ساڻ گڏ پير پاڻ ۽ هن جا صاحبزادا بيٺل هوندا هئا. چادر جي پردي هيٺان بيمار ٻيبين ۽ صاحبزادين جا ڪرائيءَ تائين هٿ ڪڍيا ويندا هئا ۽ ڊاڪٽر کي چيو ويندو هو ته انهن هٿن جي نبض ڏسي. ڊاڪٽر کي ڦٽا

١٦- جنوري ١٩٨١ع

## ٿر کان ڪراچيءَ تائين

شادي ته شاديءَ ماڳ، هاڻي مرڳو ڏسي جياپي لاءِ جاکوڙ ڪرڻي هئي. پٽس چوائي مڪو هوس ته نوبت اچي بکن تي پهتي آهي، هڪدم هليو اچ ته گڏجي ڪو بلو ڪريون.

بهادر وات تي اڳ ۾ ڪيترا لڱا سوچيل ڳالهيون سوچيندو رهيو: صدين کان وٺي مينهن نه پوڻ جي حالت ۾ ٿر ۾ ڏڪار پوندو رهي ٿو ۽ ٿرين کي پئي، پاسي روزگار لاءِ ٽاپا ڪاڻا پون ٿا. نه ڪا پوري وقتي امداد ڏني وڃي ٿي ۽ نه ڪو دائمي بندوبست ڪيو وڃي ٿو. دائمي بندوبست بنيادي ضرورت آهي، جنهن پاڻي سدائين موجود هجي ۽ مينهن نه پوڻ جي حالت ۾ پڻ آبادي ٿي سگهي؛ يا ڪارخانا لڳايا وڃن، جو ماڻهن کي پنهنجن پٽن ۽ پٽن ۾ روزگار ملي سگهي. پر نه انگريزن ڪجهه ڪيو ۽ نه آزاديءَ کان پوءِ ڪو اپاءُ ٿيو. هينئر به ٿر ۾ ٽن سالن کان بارش نه پئي آهي. نه آبادي ٿي آهي، نه گاهه آهي ۽ نه پاڻي. ان ڪري ماڻهن سان گڏ مال ۽ ڍور ڍڳا به بک ۽ بيماريءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن. اسين وري به مڇي مانيءَ وارا هئاسين جو به ڍڳيون، هڪ ڳابو، هڪ ڳابي ۽ چار ٻڪريون هيون، جنهن ڪري اڳيون سال ڪڍي وياسين. پر هن سال ته اسان کي به گهڻن ٿرين وانگر پنهنجي جوءِ ڇڏي ڪمائڻ

اکين ۾ چپيون، نڪ ۾ لينگهار، ڪپڙا سادا ٿيٽران جا....

اچ آئي ته چيائين: ”ڊاڪٽر سائين، ڪلهه توکان مون پنهنجي دوا ۽ ٻي پنهنجي ڏير جي دوا لکرائي هئي. پيسا آهن پورا سارا، سو حالي رڱو پنهنجي دوا ٿي وٺان. اچ ان کري آئي آهيان ته هي دوائن جون ٻه چٺيون، جي ڪالهه تو ڏنيون هيون، تن مان ٻڌاءِ ته منهنجي ڪهڙي آهي ته وچي اسٽور تان دوائون گهنان.“

مون وراڻيو: ”اڙي مائي، ان واسطي مون وٽ اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. پرچين جي مٿان نالا لکيا پيا آهن، هڪڙيءَ تي تنهنجو ۽ ٻيءَ تي تنهنجي ڏير جو. اسٽور واري کان ٿي ڪٿي پڙهائين ها.“

هن عجب ۽ ناراضگيءَ مان چيو: ”پرچيءَ تي منهنجو نالو لکيو اٿئي! واه ڊاڪٽر سائين واه. تون ته ڪٿي ڊاڪٽر ٿئين، توکان ته پردو ڪونه ٿيون ڪريون. پر تون پرچيءَ مٿان منهنجو نالو ٿو لکين ته پرائي مرد اسٽور واري کي به منهنجي نالي جي خبر پئجي وڃي. واه جي لڄ رکي اٿئي اسان پردي وارن سادائن جي.“

[illegible]

پوءِ هو، شهر ۾ مزورن جون ڪجهه مقرر پڙيون هيون، اتي وڃي صبح جو سوير وهندو هو. اتي ڪجهه رازا بيهوندا هئا. ڪنهن جو مزور کتندو هو يا ڪنهن کي اڏاوت جو ڪو ننڍو ڪم ڪرائڻو هوندو هو ته هو اتان اچي رازو ۽ مزور وٺي ويندو هو. اتي ڪيترائي مزور ايندا هئا. انهن ۾ ٽرين جو ٻڙ چڱو تعداد هوندو هو: لنڊي گوڏ، گهڻو ڪري پراڻي اجرڪ جي: مٿي تي پٽڪو، سو به گهڻو ڪري پراڻي اجرڪ جو ۽ قاتل صدري يا قميص. ڪم ملڻ تي هرڪو رازو پنهنجي ٽولي يا قوم جا مزور وٺي ويندو هو. هتي به بهادر کي هڪ ڏينهن ڪم ملندو هو ته ٻه ڏينهن بيڪار وهڻو پوندو هو.

ان دوران هو هڪڙي پٺاڻ پورهيت سان حالي حوالي ٿيو:

”لالا، تون ڪٿي جو ويٺل آهين؟“

”مان سرحد کان ٻه ٽي قبائلي علائقي ۾ رهان ٿو. اتي ٻهچڻ ۾ ٽي چار ڏينهن لڳيو وڃن. نه ريل نه رستو، نه ٽانگو نه لاري، پهاڙي پيچرا ۽ اٺانگيون لاهيون چاڙهيون.“

”پوءِ ايترو پري ڪان ڇو آيو آهين؟“

”پيٽ خاطر پيو ڇو. هونءَ ڪير پنهنجو وطن ڇڏيندو ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن کان وڇڙندو.“

”اتي ڇا ڪندو هئين؟“

”ڪجهه ڪرڻ لاءِ اتي آهي ئي ڇا. نه ڪو ڌنڌو نه ڪو واپار. پنهنجي زمين اٿم.“

”ڪيتري؟“

”اٽڪل ٽيھہ ايڪڙ.“

”ٽيھہ ايڪڙ! پوءِ توهان تہ زميندار چئبيو. باقي هتي ڇا لاءِ مزوري پيا ڪريو؟“

اتي جي زمين ڪا سنڌ جي زمين جهڙي ٿوروئي آهي. سنڌ جي زمين تہ سون جي کاڻ آهي. اسان جي زمين تہ پٿريلي آهي، جنهن جي فقط ٿورڙي حصي ۾ مينهن جي پاڻيءَ تي فصل ٿيندو آهي. منهنجي ٽيهن ايڪڙن تي سال ۾ مڪئيءَ جو هڪڙو فصل ٿئي ۽ ان مان اٽرو اناج بہ ڪونہ ٿيندو آهي جو پنهنجي ڪٽنب واسطي ڪافي ٿئي. ان ڪري ئي تہ اسين اتي بڪ مرون ٿا. ۽ ٻي ڳالهہ تہ اسان جي ملڪ ۾ سياري جا ڇهہ مهينا اهڙي ٿڌ ۽ برف پوندي آهي جو اسين پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري نہ سگهندا آهيون.“

”گهر ۾ ڇا ويٺا ڪندا آهيو؟“

”گهر اندر باهہ جو مچ ٻاري رکئو پوندو آهي ۽ بستري ۾ ويڙهيا رهندا آهيون. ٻاهر ان وقت نڪرڻو پوندو آهي، جڏهن ٻارڻ جون ڪاٺيون کپي وينديون آهن. ٻاهر وڃي وڏي جاکوڙ ڪري ڪاٺيون ميڙي ايندا آهيون.“

”اها ڪهڙي حياتي آهي. پوءِ توهان جو گذر سفر ڪيئن ٿئي؟“

”گذر سفر لاءِ اصل کان اسان کي پرڏيهہ ۾ پئي وڃڻو پيو آهي. اسان جا ڪجهہ ماڻهو پورهئي لاءِ پنجاب وڃن

نہ ويزا، ۽ نہ ورڪ پرمنٽ. پنجاه رپيا ٽڪيٽ جا ڀري هتي
هتي پهچي وڃون. هتي جا ٺيڪيدار بنا دير ۽ هٿئون هٿ
اسان کي ڪم سان لڳايو ڇڏين."

* *

هڪ ڏينهن بهادر درياه تي وڃي ٿو. درياه سڪل آهي،
واريءَ جي ڍڙن جي وچان ڪجهہ اڌ وانگر لارون وهي
رهيون آهن. هن کي سنڌوندي بہ ٿر نظر اچي ٿي. هن ٻڌو
هو تہ تازو ڪو هندو، ٽيهن سالن کان پوءِ سنڌ ۾ آيو هو
درياه جي اهڙي حالت ڏسي روئي ڏنو هئائين. هن کي
پنهنجي زماني جي سنڌوءَ جو جوڀن ياد اچي ويو هو.......
هن ان ڏينهن اخبار ۾ خبر پڙهي هئي جنهن ۾ ڇپيو ويو هو
تہ ڪالا باغ بند ٺهڻ ڪري سنڌ وارن کي گهٽتي ٿيڻ نہ
کپي ڇو تہ هن بند ۾ اهو پاڻي ڪٺو ڪيو ويندو جيڪو
هيٺ سمنڊ ۾ ضايع ٿيندو آهي ۽ اهو ساڳيو پاڻي وري سنڌ
کي ڪٽب ايندو.

پاڻي ۽ پاڻي ذخيري ڪرڻ جي ضرورت سڄي ملڪ
کان وڌيڪ ٿر کي آهي. درياه جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ
بند ٿر ۾ ٺهڻ کپن ۽ سمنڊ ۾ ضايع ٿيندڙ پاڻي فقط ٿرڏانهن
موڙي ئي بچائي سگهجي ٿو. هن کي ياد آيو تہ هن ڪٿي
پڙهيو هو تہ اهڙي رٿا تي سوچيو ويو هو. پر وري ڳالهہ
ٻڌڻ ۾ ڪانہ آئي.

* *

هو ڪراچيءَ پهچي ويو. ڪنهن صلاح ڏني! هئس تہ سامونڊي

جي ٻارن لاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ داخلا وڏو مسئلو آهي. ٻر ٽر بابت ڪجهه ته لڪن جتي اسڪولن ۽ ڪاليجن جو وجود ئي ڪونهي. ڪراچيءَ وارن ڪي شڪايت آهي ته پڪهارون گهٽ آهن. هنن کي روزگار ته ملي وڃي ٿو. ٻر ٽرين جو اهو مسئلو ڪنهن کي ياد ڪونهي ته اتي روزگار جا ذريعا ئي پيدا ته ڪيا وڃن ۽ ٽڙي شهرن ۾ گهيڙي جي گولا ۾ پٽڪندا وتن. برابري ته اها آهي ته شهرن ۽ ڳوٺن ۾ برابري پيدا ڪئي وڃي، جسماني پورهئي ۽ دماغي پورهئي ۾ برابري پيدا ڪئي وڃي، مرد ۽ عورت جي وچ ۾ سماجي برابري پيدا ڪئي وڃي....

پوءِ ڪنهن جي ڏس پتي تي هو سماجي تنظيم سگا سان لهه وچڙ ۾ آيو. ان تنظيم ذريعي هن کي چئن ڏينهن اندر ئي هڪڙي ڪارخاني ۾ ڏاڍي مناسب ملازمت ملي وئي، ۽ هو سوچڻ لڳو ته اهو ڪيئن ٿيو....؟ تنظيم جي طاقت هن جو توجهه ڇڪايو آهي. هاڻي هو سماجي ۽ قومي تنظيمن ۽ ڪارخاني جي يونين ۾ سرگرم ڀهرو وٺندو آهي.

٨- ڊسمبر ١٩٧٦ع

## هاريءَ جا دشمن

اڳئين سال ۽ هن سال جـي فصل ۾ وڏو فرق هـو. ايترو فرق جو مون جهڙو ڪيتريءَ ملان اڻ واقف ماڻهو به ان کي پاڻيهي ويو.

پر به هتي ڏي ڏينهن ۾ مـان پنهنجي هيءَ ڳالهه ڏسڻ آيو هوس. ان پيري فصل پلو ٿيو هو. ونڻ ڏکيا ۽ ڪماڻا ٿيا هئا ۽ ڦٽين سان جهنجهيل هئا. ڪو به خـالي ٽڪرو نه هو، يعني فصل جي وچ ۾ زمين جو ڪو به ٽڪرو اهڙو نه هو جتي ٻج ڇٽيو ويو هجي پر ونڻن جا ٻوٽا نه ٿيا هجن. زمين جو ذرو ذرو پوکيندڙ جي پورهئي ۽ پيار جي شاهدي ڏئي رهيو هو.

* *

هيئنر ڏٺم ته ونڻن جا ٻوٽا ڇـدا ڇڊا هئا. وچ ۾ زمين جا اڇا ڪلر وارا خالي ٽڪرا، غيرآباد پيٽ بڻـائي بيٺا هئا. ٻوٽن جو قد تمام ننڍو، پن گهٽا سڪل ۽ سڙيل، ۽ گوگڙا ۽ ڦٽيون تمام گهٽ. گوگڙا گهڻا ڪاراٽجي يا سڪي ويا هئا. ڪيترا پٽ تي ڪريا پيا هئا. ڦٽين جـو نه رڳو انداز ٿورو هو، پر هرهڪ ڦٽيءَ جو مقدار به گهٽ هو.

ونڻن جي وچ ۾ گوڏي جيڏو گاه بيٺو هو ۽ سڄي زمين سڪل پٽن سان ستيل هئي. ٻارن جـا ٻنا ڏنگا ڦڏا ۽ ٻڌل

هئا. اڏون ذري گهٽ مٿيءَ سان پورجي ويون هيون. واڻ ڪورس سرن جي ٻوڙن سان ڍڪجي ويل هو. زمين سڪي ئوٽ ٿيل هئي.

ٿنين جو ڀهرين چوڌو ٿي رهيو هو. چارپنج ڳوٺائيون ٿنيون ڪڍنديون، پنهنجي پٺيءَ تي پڌل ڪاٺيون ڍوجهنديون ٿي ويون. اسان ڪي ٻه گهڙيون ڏٺائون ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويون.

ان وقت ڊسمبر جي ٿڌي هوا لڳي رهي هئي. زمين تي پيل سڪل پنن ۾ ڪڙ ڪڙ پيدا ٿي رهي هئي. اس ۾ ٿنين واري ڪيپهه چمڪي رهي هئي.

سج ڪاپار تي هيو سيءُ هو، پر اس ۾ گهٽو وقت ويهڻ ڪري چمڙي سڙڻ ٿي لڳي.

* *

زمين گهمي ڦري، دستور موجب اسين لانڍيءَ وٽ آياسين هي ٽڪرو به منهنجي زمين جو حصو آهي.

هتي لانڍيءَ کان سواءِ هڪ پاٽيءَ جسي ڪُهي آهي، هڪ پير جي قبر آهي ۽ وڏي ڳالهه ته وڻن جو ڏاڍو سهڻو جهڳٽو آهي.

انب، نم، ۽ سنجهيءَ جا ڏاڍا سهڻا ۽ گهاٽا، سهڻي ۽ گهاٽي ڇانو ڏيندڙ وڻ آهن. هينئر ته خير سيارو هو، پر مان سانوڻيءَ ۾ جڏهن به هتي ايندو آهيان، تڏهن هتي جي ٿڌڙي، ۽ مانيٺي ماحول ۾ جسماني فرحت ۽ ذهني ناپر محسوس ڪندو آهيان. پنهنجي هاريءَ ڪسي چوندو آهيان

ويا هئا.

منهنجو ڀاءُ، جو مون سان هن وقت گڏ هو، تنهن کان پڇيم: "ڀلا هتي ويراني ڇو؟" چيائين: "عقيدتمنديءَ وچان رسولي اڳي هن پير جي قبر آباد ڪئي هئي. پوءِ جڏهن وري پوليس هن تي ظلم شروع ڪيا ته هن جو اعتقاد پڇڙي پيو. چوڻ لڳو: هي پير فقير به اسان کي ظلم ۽ ڏاڍ کان بچائي نه سگهيا. اسين اجايو پيا انهن تي ڀيسو ۽ وقت زيان ڪريون. ان کان پوءِ هن جي قبر ۾ ساري دلچسپي ختم ٿي وئي."

* *

رسولو منهنجو هاري آهي. مون کي رڳو پندرهن ايڪڙ زمين آهي. ڇهن سالن کان رسولو ان تي هارپ ڪري رهيو آهي. هن وقت هو جيل ۾ آهي.

مون وٽ اچڻ کان اڳ، هو جنهن زميندار جي زمين کيڙيندو هو، سو هن تي ڏاڍا ظلم ڪندو هو. هن کي پورو حق نه ملندو هو. ان ڪري سندس ۽ سندس ٻچن جو گذر سفر ڪونه ٿي سگهندو هو. بک ۽ اوگهڙ کان مجبور ٿي هو چوريون ڪندو هو. ڪڏهن پڪڙجي به پوندو هو. ان ڪري ذليل ٿيو، دربدر ٿيو، پوليس جا ظلم سنائين، ٺيپون کاڌائين.

منهنجو گذران جو ذريعو پيو آهي، جنهن مان سکيو آسودو آهيان. مان ذهني طرح سوشلزم کان متاثر آهيان. زمين تي ٻج، پاڻ، ڀلي جو خرچ ۽ ٻيا مٿيان خرچ پاڻ ڀريندو

هوس، تنهن هوندي به ٻنهيءَ جو اڌ هاري رسوليءَ کي ڏيندو هوس. نه رڳو ايتر پر هن جي ڪٽنب جي علاج ۽ ٻارن جي پڙهائيءَ جو بار پڻ پاڻ تي کنيو هوم. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو رسولي چوريون چڪاريون ڇڏي ڏنيون. هوپوري محنت ۽ ڌيان سان زمين تي ڪم ڪرڻ لڳو. هن جو ڪيتي ٻاڙيءَ سان اصل عشق ٿي ويو.

ان ڪري زمين جي پيداوار وڌي وئي، ٻيڻي ٽيڻي ٿي وئي. ٻاسي وارا آبادگار، ڪاتيدار ۽ زميندار ريس ڪرڻ لڳا. رسولو سکيو ستابو ٿي ويو. ڳوٺ ۾ پنهنجي ڇڳيري جڳهه جوڙايائين. ڍانڊن جو ناهوڪو جوڙو ورتائين، ٻه مينهون ۽ ٽي ڳئون به ڳڏائين، سندس ٻار اسڪول ۾ پڙهڻ لڳا.

منهنجي زمين تي اچڻ سان ئي هن پير وتئي جي قبر جي خدمت ڪرڻ شروع ڪئي، ان خيال کان ته پهتل وليءَ جي دعا سان شل منهنجا ڏکيا ڏينهن ختم ٿين. هن قبر ۽ ان جي مٿان اڏيل ڪوٺيءَ جي مرمت ڪئي. جهنگ جهر وڍي، آسپاس وارو ميدان صاف ڪيو، گلن جا ٻوٽا پوکيائين. هڪڙو پڙ ٻراٽو ٽيندو هو ته ڪپڙو وٺي نئون چاڙهيندو هو. روز رات جو تيل جو ڏيو ٻاري ڇڏيندو هو. صبح جو اٿي ٻهاري ڏيندو هو ۽ قبر سامهون ويهي دعا گهري پوءِ پنهنجو ڪم شروع ڪندو هو.

* *

هن جي آسودگيءَ جي خبر پوليس تائين به پهتي. هنن جو

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

* *

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

هن جي پرپٺ، هن جو ڀاءُ، جو ٻاڻ هڪڙي ٻي زمين تي هاري هو، سو رسولي جي پوک جي ٻه ٽوري گهٽي سنڀال ڪندو هو، جا نه ڪرڻ جي برابر هئي.

اڳئين سال رسولي جي پوکيل فصل ۾ ايڪڙ ڪپهه جي پيداوار پر وارن هارين جي فصل جي ڀيٽ ۾ ڏيڍوڻي ٿي هئي. هن سال، منهنجي ڀاءُ جي تخميني مطابق رسولي واري پوک ۾ ايڪڙ پيداوار ٻين هارين جي پوک جي مقابلي ۾ اڌ مس ٿيندي.

مان رسولي جي شخصي تباهيءَ جو پئي سوچيندو آيس، پر فصل جي بربادي ڏسي، هاڻي قومي هاڃي جو به ويچارڻ لڳس.

٧- سيپٽمبر ١٩٨١ع

## نفرت جو نسخو

ون يونٽ تازو ٽٽيو هيو. مان ٺٽي جي سرڪاري اسپتال جو انچارج آهيان. هڪ ڏينهن منجهند جو ٽائيم ختم ٿيو آهي ۽ مان اٿڻ وارو آهيان ته هڪڙي وڏي ڳاڙهي موٽر منهنجي آفيس جي سامهون اڱڻ ۾ اچي بيهي ٿي. ان مان هڪ وچولي درجي وارو ڪامورو لهي ٿو ۽ سڌو مون وٽ اچي ٿو.

ڪو وڏو ون يونٽي آفيسر گشتي ڊيوٽيءَ جي نالي ۾ شڪار ڪرڻ آيو آهي ۽ طبيعت ناساز ٿي پئي اٿس. هن کي ڏسڻ لاءِ مون کي مڪليءَ تي ڊاڪ بنگلي ۾ گهرايو ويو آهي.

مون کي وراندي ۾ وهاري چيو ويو ته تورو ترسو، صاحب ماني کائي ٿو، پوءِ چڪاس ڪرائيندو. وراندي ۾ به قيمتي ۽ نفيس فرنيچر پيل آهي. فرش تي گلن وارو بخملي غاليچو، نرم گاديلن واريون ڪرسيون ۽ ڪوچ، ڪنڊن ۾ ۽ وچ تي فارميڪا واريون ٽپايون، درن ۽ دريئن تي رنگارنگي ريشمي پردا. مون کان سواءِ ٻيا وچولي درجي وارا ڪامورا به ويٺا آهن، جن مان هڪڙو اهو به آهي جو مون کي وٺي آيو آهي. صفي سان ٺهيل دروازي وٽ، هڪ وردي پهريل نائڪ بيٺو آهي. صفي اندران گلاسن، پليٽن، چمچن ۽ ڪانٽن جي کڙڪن ۽ آواز سان گڏ، ماڻهن

[illegible]

ٿو ۽ پرسان پيل ٻئي ڪوچ تي وهڻ واسطي چوي ٿو. هو منهن مهانڊي ۽ رنگ روپ مان شڪاري لڳي رهيو آهي. هن جي چهري ۽ اکين مان ڳهٽ ۾ ڳهٽ هڪ ڳالهه پڌري آهي ته جي هن ڏينهن جو شراب نه به پيتو آهي ته به رات جو ايترو پيتو اٿائين جو ان جو اثر اڃا تائين آهي. پين ويٺلن جي ڪيفيت به لڳ ڀڳ ساڳي آهي. منهنجي اندر ۾ ايڏي ايام آهي، جو هنن ڏي پيهر نهارڻ تي دل ئي نه ٿي ٿئي ۽ نه وري ڪمري جي ڏاهه ڏوهه ۽ سينگارستاءَ طرف ڌيان وڃي ٿو. البت هن مهل تائين جا ايام شخصي شڪايت ڪري هئي، سا ايام سنڌ جي حوالي سان وجود وٺي ٿي: هي سڀ شڪاري آهن؛ اسان جي سنڌ کي شڪارگاه بڻايو ويو آهي.

بنا ڪنهن تمهيد ۽ خوش خيرعافيت، هي ون يونٽي آفيسر ڇوڻ شروع ڪري ٿو: ”رات کان ٿوري ٿڌ ۽ زڪام ٿي پيو اٿم. بدن ۾ ٿورو سور پڻ آهي. ان لاءِ ڪو مڪسچر ڏاهي موڪليو.“

نه هو ڪي پاڻ کي چڪاسائڻ لاءِ پيش ڪري يا چوي ٿو ۽ نه وري اهڙي يا ايتري بيماري آهي جو چڪاس جي ضرورت هجي. اصل ۾ هو ايترو بيمار ئي ڪونه آهي جو ڊاڪٽر کي سڏايو وڃي ۽ نه وري ڪنهن خاص علاج جي گهرج هئي.

مون سان ڳالهائي، ان وچولي درجي واري آفيسر، جو اڃا تائين بيٺو آهي، تنهن ڏي مهڙ ڪري چوي ٿو: ”تون

ڊاڪٽر سان گڏجي وڃ ۽ وڃي دوا وٺي اچ!"
ان ڪارگذاريءَ ۾ پنج منٽ به ڪونه ٿا لڳن.
واپس اسپتال پهچي، اهو ڪامورو چوي ٿو "سائين، دوا پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ٺهرائجو ۽ ان ڪان به وڌيڪ ضروري آهي ته دوا سيل ڪري ڏجو، نه ته نه رڳو صاحب دوا نه پيئندو، پر منهنجي به شامت ايندي."
منهنجي واپسيءَ جي انتظار ۾ ڪمپائونڊر ۽ وارڊ بواءِ ڪي به ترسڻو پيو آهي.
مان نسخو لکڻ وهان ٿو. جيڪي ڪوڙيون ۽ اگري ۾ اگريون دوائون سڀهن ٿيون ۽ اسپتال ۾موجود آهن، پوءِ انهن جي ضرورت نه به هئي، سي سڀئي مڪسچر لاءِ لکان ٿو. لکندي دل ۾ مرڪي چوان ٿو: چڱو ٿيوجو هي ميرن وارو دور ڪونهي، جڏهن حڪمران مير واسطي تجويز ڪيل دوا، مير جي سامهون، پهرين ڊاڪٽرکي پاڻ پيئي پوندي هئي، تنهن کان پوءِ ڏي مير اها پيئندو هو....
نسخو ڪمپائونڊر جي حوالي ڪيان ٿو. هو مڪسچرٺاهڻ لڳي ٿو ته هن جي پرسان وڃي ويهان ٿو. اهو ڪامورو به اچي اتي ويهي ٿو. اسپتال ۾ لاڪ ڪانهِ آهي، بزار مان گهرائي، ان مڪسچر جي شيشيءَ کي سيل ڪيو وڃي ٿو. اها شيشي کڻي، اهو وچولي درجي وارو ڪامورو، ڊگهي وڏي موٽر ۾ روانو ٿي وڃي ٿو.

---

پرچار: آڪٽوبر ١٩٨١ع

٢٦- جولاءِ ١٩٨١ع

## مڙسي

بيمار جـي کٽ جي چوڌاري ڊاڪٽر ۽ مائٽ بيٺل آهـن. مائٽن جا منهن سرجهايل، منجهيل ۽ پريشان آهن. کٽ تي ليٽيل مائي بيهوش آهي. هن جي عمر ٣٥ سال کن ٿيندي؛ هڏ ڪاٺ جي مضبوط ۽ بدن جي ڀريل. هن جو چهرو پيلو پئجي ويو آهي. ڪپڙن تي رت جا ڪيترائي داغ اٿس، هن جـي مٿي ۾ ڦاڙ آهي، جو سرمي سان ڀري ان تـي ميرو ڪپڙو ٻڌو ويو آهي. اهو ڪپڙو به رتهاڻو ٿـي ويو آهي. هن جي ٻئيءَ تي پڻ زخم آهي. اهـو به ساڳئي نموني ٻڌل ڪيو ويو آهـي. بدن جي ٻين حصن تـي به سوڄ، ڏنا ۽ رهڙون آهن، هن جي ڪاٻي ڄنگهه تي ڪاٺ جي پٽي رکي، ان تي ٻوڇڻ ويڙهيو ويو آهي.

ڊاڪٽر هن جي چڪاس ڪري چڪو آهي ۽ هاڻي مريض جـي مائٽن ۽ ڊاڪٽر جـي وچ ۾ بحث مباحثو ٿي رهيو آهي: ”توهان پلا بيمار کي سول اسپتال ڪٿي وچڻ کان ڇو ٽا ڪيهايو؟ هن جي حالت اهڙي آهي جو هن کي ترت اتي پهچايو وڃي.“ ڊاڪٽر چوي ٿو.

”سائين، سـول اسپتال ڪيڏانهن ڪٽائـي وڃون، جو ڪجهه ڪرڻو آهي توهان ئي هتي ڪريو.“ هڪڙو مائٽ چوي ٿو.

”سائين، اتي ته ايترو خيال بہ ڪونہ ٿا ڪن جيترو جانورن جو ڪبو آهي.“ ٻيو مائٽ چوڻ ٿو.

”سائين، اتي بہ پيسي وارن تي ڌيان ڏين ٿا، اسان غريبن کي ته ڪير پڇندو بہ ڪونہ. اوڏانهن اسين ڪونہ ويندا سين. اتي جو وڃي لاش رلي تنهن کان بهتر آهي ته هتي ئي مري.“ ٽيون مائٽ چوي ٿو.

”سول اسپتال ۾ بہ هر شيءِ جا پئسا ڏيڻا پون ٿا ۽ دوائون بہ پاڻ خريد ڪري آڻيون پون ٿيون. اسين غريب آهيون پر توهان جي پوري ۾ پريندا سين. بسم الله ڪري علاج شروع ڪريو.“ چوٿون مائٽ چوي ٿو.

”توهان ڳالهہ سمجهو ڇو نٿا. مائيءَ جي ٽنگ جو هڏو ڀڳل آهي. ان جو ايڪسري ٿيندو ۽ مون وٽ ايڪسري جو انتظام ڪونهي. ڀڳل هڏي جو علاج بہ اتي هڏن وارو ڊاڪٽر ڪندو. تنهن کان سواءِ مائيءَ جا زخم گهرا آهن جن کي ٽانڪا لڳندا ۽ اهو ڪم بہ سول اسپتال ۾ سولائيءَ سان ٿي سگهندو. مائيءَ جو رت بہ ضايع ٿيو آهي ۽ شايد رت جي بوتل چڙهيس، ان لاءِ بہ اتي سهوليت آهي. اتي هرويرو ايترو انڌير ڪونهي جيترو توهين سمجهو ٿا.“ ڊاڪٽر چوي ٿو.

”سائين، توهان ايڪسري ۽ هڏي جي علاج کان ڇٽا آهيو. اسين پاڻهي وڃي ڪنهن کان ڪرائيندا سين. باقي هن کي هوش ۾ آڻيو ۽ هن جي زخمن کي ٽانڪا لڳايو ته رت بيهي. اهو ڪم توهان هتي ڪري سگهو ٿا.“ ڪو مائٽ

چوي ٿو.

”مريض جي حياتي خطري ۾ آهي، مون کي ته سمجهه ۾ نٿو اچي ته توهين ايترو ضد ڇو ٿا ڪريو. مون کي ته اهو به شڪ ٿو پوي ته توهان هن مائيءَ جي زخمن جي باري ۾ مون کان اصل ڳالهه پيا لڪايو. توهان ٿا چئو ته مائي ٿاپو ڪائي ڪري آهي. ائين ڪرڻ ڪري ته هيترا ۽ ههڙا زخم ٿي نٿا سگهن.“ ڊاڪٽر چوي ٿو.

مائٽ ماٺ ٿي وڃن ٿا ۽ هڪٻئي ڏي نهارين ٿا. پوءِ هڪ پوڙهي مائي، جا زخمي عورت جي ماءُ هئي، سا سرڪي ڊاڪٽر جي ويجهو اچي ٿي ۽ هٿ ٻڌي چوي ٿي:

”ڊاڪٽر سائين، ڊاڪٽر ابو امان ٿيندو آهي. توهان کان ڇا لڪائينداسين ۽ نه لڪائي سگهنداسين، پر ڇا ڪريون هڪ ڀيرو اول سول اسپتال جون اکيون ڏسي ڇڪا آهيون.“

”ڇا ٿيو هو؟“ ڊاڪٽر پڇي ٿو.

”اڳي به ڇوڪريءَ کي هڪ ڀيرو گهمري ڏاڍا ڏک لڳا هئا. توهان وانگر هڪ ٻيو خانگي ڊاڪٽر هو، ان کي وٺي آياسين. هن چيو ته سول اسپتال ڪٺائي وڃوس. اوڏانهن ڪٺائي ته ولاسونس پر اتي اسان سان جيڪي جنيون ٿيون سي اڄ تائين وساري نه سگهيا آهيون.“

”ڪهڙيون جنيون؟“ ڊاڪٽر دريافت ڪري ٿو.

”اتي واري ڊاڪٽر پڇيو ته مائيءَ کي زخم ڪيئن ٿيا آهن ۽ ڏک ڪيئن لڳا آهن. اسان به ڊاڪٽر کي ابو امان

ٽپڙ پيچي وجهڻ ڪري، ڪڏهن مانيءَ ۾ دير ٿيڻ ڪري، ڪڏهن ٻوڙ خراب رڌڻ ڪري، ڪڏهن هنڌ وقت تي نہ وڇائڻ ڪري، ڪڏهن ڏاڏيسان ڳالهائڻ ڪري، ڪڏهـن ڪپڙا ڌانڪڻ وسارڻ ڪري، مڙس اچي زال کي مڪن ۽ لتن سان وڻندو. ڪڏهن تہ ڪوبہ ظاهري سبب ڪونہ هوندو. ڪڏهن ٻاهران اچي جئن ئي گهر ۾ گهڙندو تہ لڪڻ ڪڻي اچي زال کي ڪٽڻ شروع ڪندو. جسم اهڙو سڄائي ڇڏيندس جڻ هزارين ڏينين ڏنگيو اٿس. ڪڏهن مار ملڻ وقت ميندي اهڙيون دل ڏاريندڙ ۽ قياس جوڳيون رڙيون ڪندي هئي جو پاڙي وارا مجبور ٿي اچي وچ ۾ پوندا هئا ۽ هن کي ڇڏائيندا هئا.

بعضي مينديءَ کي دوري پوڻ ڪري ڊاڪٽر ڪسي گهرايو ويندو هو. اهو دورو مار جي ڪري نہ پوندو هو بر مار جي ڊپ ڪري پوندو هو. اهو هن طرح تہ مينديءَ ڪان گهر ۾ ڪا قيمتي شيءِ ٽٽي پوندي هئي، يا ميهر ڪوڪم چئي ويندو هوس ۽ هن ڪان اهو ڪم ڪرڻ وسري ويندو هو ۽ ميهر جي اچڻ جو وقت ٿي ويندو هو، انهن حالتن ۾ مينديءَ جي ڪل اڏڙڻ يقيني هو ۽ ان ڊپ ۾ هن کي اهو هسٽيريا جو بيهوشيءَ جو دورو پئجي ويندو هو ۽ هوءَ ان ڪري موڇڙن ڪان بچي ويندي هئي.

* *

هاڻي ڊاڪٽر ميندي ۽ هن جي مائٽن جو باقاعدي فئملي ڊاڪٽر بنجي ويو هو. ميندي پنهنجي يا پنهنجي ٻارن جي

[illegible]

اڪيون اکين سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن پوري زور سان پنهنجو منهن واپس هن جي ڇاتيءَ سان ٿي لڳائي ڇڏيو، پوءِ هو هن جا ڳوڙها اگهندو، اکين کي چمندو ۽ مٿس ۾ بدن تي پيار سان هٿ ڦيري هن کي ٺاپڻ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. جڏهن هوءَ ڳالهائڻ جهڙي ٿي، تڏهن سڏڪن وچ ۾ چيائين: ”مڙس مون کي ماريو آهي....“

”هان. ..“ ڊاڪٽر جي وات مان نڪتو.

”ها، مون کي ماريو اٿئين ۽ ڏاڍو ماريو اٿئين، نه رڳو لتن ۽ مڪن سان، پر هڪڙي ڪاٺ جي پٽي پئي هئي، ان سان ڦٽڪا هنيا اٿئين ۽ لڳاتار پندرهن ويهه منٽ ڪُٽيو اٿئين....“

پوءِ ته ڊاڪٽر کي مڙس جي خلاف نفرت جو جذبو جاڳيو پوءِ هڪدم پڇيائين: ”اهو سارو وقت تو ڪجهه نه ڪيو، سڀڪجهه ماٺ ميٺ ۾ برداشت ڪيئه؟“

”مان ڇا ٿي ڪري سگهيس .......“ هن جا سڏڪا جاري هئا.

ڊاڪٽر جو پارو چڙهي ويو. هن کي پاڻ ڪان الڳ ڪري، پر ڪري تقڙ وهائي ڪيڊيائينس.

هوءَ، جا ڊاڪٽر کي پيار ڪندڙ ۽ پنهنجو سمجهي، حال اورڻ ۽ همدردي ۽ پيار حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ هن وٽ آئي هئي، تنهنجون ڊاڪٽر جي روش وايون بتال ڪري ڇڏيون. هن ته ڊاڪٽر کي اڃا اهو به ڪونه ٻڌايو هو ته هن کي هن جي پيار جو ڏڏ ۽

## ١- جنوري ١٩٨١ع

# روشني هر هنڌ آهي

هن ماستر جي هلت ڏسي، مون کي چيخوف جي اکيل هڪ ماستر سان ملاقات ياد اچي وئي، ۽ اتي ئي سوچيم ته مان هن سان ساڳيو رويو اختيار ڪندس، جيڪو چيخوف ان ماستر سان ڪيو هو.

مان منجهند جي ماني کائي، ليٽي اخبار پڙهي رهيو هوس ته نوڪر هڪڙي چٺڪي کڻي آيو ۽ مون کي ڏيندي چيائين ته هي ماڻهو توهان سان ملڻ آيو آهي. ڪوبه ملاقاتي زباني طرح نوڪر کي پنهنجو نالو ٻڌائيندو آهي، پر هن ائين ڪيو هو جئن ڪو عرضدار ڪنهن وڏي آفيسر سان سندس آفيس ۾ ملڻ لاءِ ڪندو آهي. چٺڪيءَ تي هٿ سان لکيل هو: حبيب، سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت، ڳوٺ مشوري.

ٻاهر پهتس ته هو جهڪي مون کي هٿ ڏيڻ لڳو، پر مون "ڀلي ڪري آيا" چوندي هن کي ڀاڪر ڪڻي پاتو.

"مون کي لامحدود تلسف آهي جو جناب والا جي آرام ۾ اچي خلل ٿيو آهيان." هن چيو.

"ان ۾ ڪا افسوس جي ڳالهه ڪانهي." مون وراڻيو.

"توهان سان ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ جو ايڏو ته اشتياق هو جو قدم بخود هيڏانهن کڄندا ٿي آيا."

تي هو ڪوچ پرسان آيو، پر ويٺو رهيو.

”وهو، وهو.“ مون چيو.

”نه سائين، توهان وڏا آهيو، توهان بزرگ آهيو. بزرگيءَ جو احترام لازمي آهي. اخلاق جي اها ئي تقاضا آهي. مان ڀرواڙيءَ جو معمولي ماڻهو آهيان. ڀرين توهين وهو.“

مون خوش خيرعافيت شروع ڪئي: ”خوش چڱا ڀلا، جوڙ ستارا، ٻار ٻچا، مال متاع....“

هو ان جو جواب ڏيندو رهيو ۽ پاڻ پڻ خير عافيت پڇيائين، پر ان دوران هن جون اکيون اچرج وچان ڦاٽل رهيون، شايد هن سمجهيو هو ته مان سنڌي تهذيب جي ان رسم کان اڻ واقف يا بي نياز هوندس.

گفتگو جي شروعات ڪندي مون چيو: ”توهان بزرگي ۽ وڏي عمر کي عزت جي لائق هجڻ جو پڻي چيو. اصل ۾ وڏن جي هرويرو عزت ڪرڻ اسان جي ماضي پرستيءَ جو اهڃاڻ آهي. ماضيءَ کي اجائي اهميت ڏيڻ ۽ ان کي حال کان بهتر سمجهڻ جا اسين عادي ٿي ويا آهيون. مجموعي طرح انسان جو حال، ماضيءَ کان بهتر رهيو آهي. انسان جي وک اڳتي ۽ ترقيءَ جي راه تي رهي آهي. اسان جي وڏن کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا اهي سک، سهوليتون ۽ مزا ڪٿي حاصل هئا جي اسان کي حاصل آهن.“

”پر سائين، قوم جي رهبري ۽ رهنمائي ته وڏن کي ڪرڻ گهرجي.“

”اها سوچ به غلط آهي. اڳواٽي نئين ٽهيءَ وارن کي

ڏسين يا ٻڌين، انهن کي بنياد بڻائي تون تمام سٺيون ڪهاڻي
لکي ويندين."

وڃڻ وقت مون هن کي پنهنجو ڪتاب "ڏٺم اڻ ڏٺا
ڏنو ۽ ان تي لکيم: حبيب کي سوکڙي، جو مون کي گ
ڪجهه سيکاريو ٿو وڃي.

هو مرڪڻ لڳو.

۱۱- ڊسمبر ۱۹۸۱ع

## پوش

الن ۽ مخزنن جي پوشن تي ڇوڪرين ۽ عورتن جا رنگبرنگي
دلڪش فوٽو ڏسي، سالن کان رابيل جي دل سرڪندي
ي. ڪاش! هوءَ به ان لائق ٿي سگهي: هيروئن هجي،
ڪٽريس هجي، ليکڪا هجي، تعليم جي ماهريائي هجي،
ي آفيسريائي هجي، ليڊريائي هجي، ليڊر جي زال هجي،
يرياڻي هجي، وزير جي زال هجي، گورنر جي زال هجي،
ڪنهن ڪروڙ پتيءَ جي زال جي حيثيت ۾ ڪنهن يتيم
اني يا ڪنهن سماجي تنظيم جي سرپرست هجي، ڪنهن
ند جي چئمپين هجي........“پر مان ته معمولي ٽيليفون
ريٽر ۽ مسڪين پيءُ ماءُ جي ڌيءُ آهيان“ هوءَ ٿڌو ساه
ي سوچيندي هئي. هوءَ رسالن جي هر پرچي جي هرنئين
ٽوبرڪي ائين ڏسندي هئي، جئن غريب جو ٻار شاهوڪار
ي ٻار جي قيمتي جپاني رانديڪي کي حسرت سان ڏسندو
هي.“

سال ٻن کان هن تبديلي محسوس ڪئي هئي. هاڻي
نوجوان ۽ سهڻين ڇوڪرين جون تصويرن ڏنيون وينديون
يون. سان به شڪل صورت جي سونهن ۾ گهٽ ڪونه
هيان، هوءَ وڏي اعتماد سان ڦونڊجي سوچيندي هئي. هنن
جي انٽرويو پڙهڻ مان معلوم ٿيندو هوس ته انهن ڇوڪرين

ي چاهي، جئن اڏامي سگهي ۽ دنيا جو سير سفر ڪري
سگهي.

فلاڻيءَ کي ڪپڙن متائڻ جو ڏاڍو شوق آهي. صبح
جو هڪڙا ڪپڙا پائيندي ۽ منجهند جو ٻيا، سانجهيءَ جو
سير تي نڪرندي ته وري وري وڳو مٽائيندي ۽ ٽينس کيڏڻ
لاءِ الڳ پوشاڪ پهريندي. هوءَ ٽي-وي فنڪار بڻجڻ
چاهي ٿي.

فلاڻي فرصت جي وقت گهمڻ گهتڻ بدران ڪوٺيءَ
۾ بند ٿي، ناول يا افسانا پڙهڻ وڌيڪ پسند ڪري ٿي يا
ڏيهي سئيٽر اُڻي. هن کي گلاب جي گلن سان ايڏي چاهت
آهي جو ڪٿي به اهو گل ٽڙيل ڏٺائين ته اهو پٽڻ کان پاڻ
کي روڪي نه سگهندي. ساڙهي ۽ غرارو هن جا وڻندڙ
ويس آهن.

فلاڻي رلڻي ملڻي طبيعت ڪري، سدائين سهيلين جي
مجموعي جي وچ ۾ هوندي آهي. هن کي پارٽين ڏيڻ جو شوق
آهي ۽ شاپنگ ڪرڻ کان ڪو ڏينهن خالي ڪونه ويندو
ٿس. هوءَ پيرت پيرڻ ۽ ننتنگ جو ڪورس ڪري چڪي
آهي. رڌ پچاءَ سان ڪونه پوَيس. هوٽل جا کاڌا کائڻ ڏاڍا
وڻنس.

فلاڻي ڊاڪٽريءَ جو چوٿين سال جي شاگرديائي آهي.
وڏي ٿي بيمارن ۽ معذورن جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿي.
هن جو ويچار آهي ته ڇوڪرين کي تعليم سان گڏ جوڊي
۽ ڪراٽي جي سکيا وٺي، خود سلامتيءَ جي لائق ٿيڻ

هٿان ان ڪري ڪپڙي جـي نموني جـو ڪاڻو ڪرڻ ۾ ڏکيو ٿـيو هو.

هن جي باري ۾ لکيو ويو هو ته لبنا کي پينٽنگ ڪرڻ جو بيحد شوق آهي ۽ خاص ڪري هوءَ قدرتي نظارا چٽيندي آهي. هن کي هڪڙي تصوير ۾ پينٽنگ ڪندي ڏيکاريو ويو هو. رابيل دل ۾ چيو: سفيد ڪوڙ، هن ته ڪڏهن برش به هٿ ۾ ڪونه کنيو هو. لکيو ويو هو ته لبنا ٽينس راند کيڏڻ پسند ڪندي آهي، رابيل دل ۾ دهرايو: اهو به سفيد ڪوڙ. لکيو ويو هو ته هوءَ گهر جي رڌ پچاءَ ۾ تمام گهڻو چاهه وٺندي آهي. رابيل دل ۾ وري دهرايو: صفا سفيد ڪوڙ. هوءَ انهيءَ ڪپي ڪان ٿي ته بچيل آهي جو سندس پوڙهي ماءُ ان ڪم واسطي موجود آهي.

رابيل اهو به ڏٺو ته اهـي تصويرون اهڙن ڪمرن ۽ اهڙي فرنيچر جي پس منظر ۾ نڪتل هيون جنهن جو لبنا جي گهر سان ڪو واسطو ڪونه هو.

هن زور سان چيو: ”فراڊ!“ ۽ اهو رسالو زور سان پري کي اڇلايائين.

*  *

رابيل جي پنهنجي ڪهاڻي ته پوري ٿي چڪي هئي، پرهن لبنا جي ڪهاڻي لبنا جي زباني ٻڌڻ ٿي چاهي: هن رسالي وارن تائين ڪيئن رسائي حاصل ڪئي، سفارش يا سچلاٽپ؟ ۽ هي ڪپڙن جا ڍير....؟

هـن کي پڪ هئي ته لبنا پنهنجي سرسي ٻڌائڻ خاطر

سيڙجي ۾ وڌس ايندي. ٿيو ۾ ائين. ان ڏينهن ئي هن اچي نڪاءُ ڪيو. ٽڙندي، ٽلندي، ٽمندي، مرڪن جـو مينهن وسائيندي آئي. هـن کي ڊبل جارجيٽ وارو اهو ئي وڳو ڍڪيل هو، جو هن جي هڪڙي تصوير ۾ موجود هو.

هن کي ڏسندي ئي رابيل چيو: ”اڙي چنڊي، اڪيلو ئي وڃي شڪار ڪئي. ٻڌايئه ۾ ڪونه. مان ۾ ته ان منزل جي تلاش ۾ هئس.“

”ٻڌائڻ ئي ته آئي آهيان. جڏن ته مـان اها وات ڏسي چڪي آهيان، هاڻي اها وات توکي ٻڌائي سگهان ٿي، جڏن تون ان وات لاءِ پاڻ کي اڳوات ئي ذهني طرح تيارڪري سگهين.“ هن رابيل کي چهنڊڙي پائيندي چيو.

رابيل ٻاهريون نمونو اهڙو ورتو ڄڻ ته سچ پچ هن کي اها وات ونڻ ۽ اها منزل ماڻڻ جو ڏاڍو شوق هو.

*    *

هڪڙي ڏينهن آفيس ۾، جا هڪ ٽرئول ايجنسيءَ جي آفيس هئي ۽ جنهن ۾ لبنا ڪلارڪياڻي هئي، اتي جي هيڊڪلارڪ سان هڪڙو نوجوان ملڻ آيو. چانهه پيئڻ وقت هيڊ ڪلارڪ لبنا کي سڏي صلاح ڪئي ۽ ٽيئي ڄڻا ميز جي چوڌاري ويهي سرڪيون ۾ پرڻ لڳا ۽ ڪچهري ۾ ڪندا رهيا. هيڊ ڪلارڪ جاڻ سڃاڻ ڪرائيندي چيو:

”هيءَ لبنا آهي.... ۽ هي آهي منهنجو ڀاءُ دانش.“

”توهان ڇا ڪندا آهيو؟“ لبنا مروت مان پڇيو.

”مان ”پاڪيزگي“ رسالي جو فوٽو گرافر آهيان.“ دانش وراڻيو.

”پاڪيزگي، رسالي جو!“ هن جي آواز ۾ بناوٽي حيرانگي ۽ حقيقي دلچسپيءَ جي ملاوٽ هئي.

”ها.“ دانش مختصر جواب ڏنو. هو اهڙين دلچسپين جو مرڪز بڻجڻ جو هيراڪ هو.

لبنا جو انگ انگ هن ڏي متوجهه ٿي ويو هو. هن ڪان چانهه پيئڻ وسري وئي هئي. هوءَ ڪجهه سوچڻ لڳي هئي. هن جي هڪ دبيل خواهش لفظن جو روپ وٺڻ جو جتن ڪري رهي هئي.

”ڇا توهان جي رسالي ۾ مون جهڙي غريب ڇوڪريءَ لاءِ به ڪا گنجائش ٿي سگهي ٿي؟“ لبنا پڇيو.

”اميد ته رکي سگهجي ٿي.“ دانش، هن جي ڊولائتي ۽ جوڀن جرڪندڙ خوبصورت جسم جو، فنڪارانو جائزو وٺندي جواب ڏنو.

”منهنجو مطلب آهي ته مان ڪا ليڪا ته ڪانه آهيان، پر پوش تي جا تصوير هوندي آهي، ان سلسلي ۾.“ هن جي آواز ۾ گهٻراهٽ ۽ هلڪي لرزش اچي وئي، ۽ اکين ۾ شرمندگي.

”مان به توهان جي منهن مهانديءَ ڪان متاثر ٿي توهان کي اميد ڏياري رهيو آهيان“ دانش جي منهن تي شرارت ڀري مسڪراهٽ مڙي آئي.

”ان معاملي ۾ تـوهان منهنجي ڪهڙي مـدد ڪري سگهو ٿا؟“ لبنا سنئون سڌو سوال ڪيو.

”ان معاملي ۾ پچاڙڪي منظوري رسالي جو مالڪ، جو چيف ايڊيٽر پڻ آهي، پاڻ ڏيندو آهي. مان توهان کي هن سان ملائي سگهان ٿو ۽ مون کي پڪ آهي ته هو به توهان جي شخصيت کان متاثر ٿيندو ۽ پوءِ مون کي توهان جا فوٽو ڪيڻ جو آرڊر ڪندو.“

”ڀلا ان مالڪ جي باري ۾ ته ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو؟“

”هن جي عمر پنجاه کان مٿي آهي. وڏو دولتمند آهي. ڪروڙ پتي آهـي. ٻڌو اٿئون ته هندستان ۾ فوٽ پاٿ تي ڪتابن جو ڪئبن هوس. هتي آيـو ته هن شهر ۾ جيڪو ڪتابن جو وڏي ۾ وڏو دڪان هو ۽ جو ڪنهن جي ڇڏي ويل ملڪيت هو، سو هٿ ڪري ورتائين. ڪاروبار جا گر سکي ويو ۽ جلد ئي ترقي ڪري ڪتابن جو وڏو پرنٽر ۽ پبلشر پڻ بنجي ويو. هي رسالو ته ٿوري وقت کان شروع ڪيو اٿائين، شايد پنهنجي شوق ۽ ونڊر خاطر. هـن جون وڏيون وڏيون پريسون ۽ پبلشنگ جا وڏا وڏا ادارا آهن. سوين ماڻهو هـن جي هٿ هيٺ ڪم ڪن ٿا. هونءَ هو طبيعت جو ڏاڍو سخي ۽ فياض شخص آهي.“

”الحمد پرنٽنگ پريس جـو مالڪ به ته تو وارو سيٺ آهي نه؟“ لبنا پڇيو.

”ها، ڇو؟“

”ڪجهه ڏينهن اڳ اخبار ۾ پڙهيو هـوم ته ان پريس

جي ملازمن، مالڪان سندن پگهار ۾ ڏهه رپيا اضافو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. مالڪ نه مڃيو ته هنن هڙتال ڪئي. ان تي مالڪ پوليس گهرائي هنن کي ايترو دٻايو ۽ ڌمڪايو ۽ موچڙا هڻايا جو مجبور ٿي هو وري ڪم تي چڙهيا."

"اهي ڪاروباري مسئلا آهن. پاڻ انهن تي ڇو ويهي مٿو کپايون." دانش ٽارڻ چاهيو.

"ها واقعي ٻي مون کي ائين خيال اچي ويو سو ڪٿي ٻڌيم. چڱو هاڻي پنهنجي سيٺ سان ملاقات جو پروگرام بناءِ."

* *

ڪجهه دير سيٺ جي آفيس ۾ رهڻ کان پوءِ هن سوچيو ته هي ايئرڪنڊيشنڊ جو فرحتي ماحول، هي چمڪندڙ فرنيچر، هي رنگارنگي لهريدار پردا، هي نظرن جو چقمق پٿرن جا رنگ، هي پيرن کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندڙ غاليچا، جي اسان کي جلائڻ، حسرت ڏيارڻ، مرعوب ڪرڻ يا ڦاسائڻ جي نيت سان آهن، ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي حالت ۾ ناڪامي نه ٿي اٿن. ان کان پوءِ ايندڙ ملاقاتن ۾ جڏهن به سيٺ هن کي هوٽل يا بنگلن جي ڪمرن ۾ وٺي ويندو هو، يا سمنڊ جي ڪناري تي، يا سمنڊ جي وچ ۾ خلاصي لانچ تي سير ڪرائيندو هو ته هن جي دل ۾ زوردار خواهش اڀرندي هئي ته وايومنڊل اهو ئي هجي ها، پر سيٺ جي جڳهه منهنجي من جو سائين، منهنجي خوابن جو شهزادو هجي ها، ۽ پوءِ هوءَ ڪجهه ساعتن لاءِ حقيقت کان منهن

[illegible]

ڏيئي ٿي تہ هن هڪڙي پاسي ڪان ٻئي ڪمري ۾ ويندڙ دروازو ڏنو هو. ان وقت تہ هن کي پتو پئجي ڪونہ سگهيو هو. پر جڏهن هن سان راهہ رسم وڌيس تہ ڏٺائين تہ اهو هڪ بيحد سينگاريل آرام جو ڪمرو هو، جنهن ۾ عيش جو هر سامان موجود هو يا موجود ٿي ٿي سگهيو.

پهرين ملاقات ۾ سيٺ لبنا کي چيو هو: ”تون تہ سچ پچ چنڊ آهين، تنهنجي تصوير ڇپجڻ سان اسان جي رسالي کي چار چنڊ لڳي ويندا. پر تصويرن جي تياريءَ لاءِ ڪجهہ عرصو لڳي ويندو. ڪيترائي فوٽو نڪرندا ۽ هرهڪ فوٽوءَ واسطي الڳ ڪپڙن، ميڪ اپ ۽ وارن جي اسٽائيل جي ضرورت پوندي. انهن جو بندوبست ڪرڻ ۾ وقت لڳندو.“

پوءِ هن لبنا کي شهر جي بهترين هوٽل ۾ ماني گڏ کائڻ لاءِ پهرين دعوت ڏني هئي. هن کي نہ رڳو ڊنر کارائي هئائين، پر بزار ۾ وٺي وڃي خريداري بہ ڪرائي هئائين: ڪپڙن جو جوڙو، هار سينگار جو سامان، واچ ۽ ڪجهہ ٻيو سامان. جوڙي جي سلائيءَ جا پيسا هن کي اڳواٽ ئي ڏئي ڇڏيائين. جڏهن اهو جوڙو پهريون ڀيرو پاتائين تہ بيوٽي پارلور ۾ هن جو ميڪ اپ ڪرائي ۽ وارن کي نئين اسٽائيل تي سينگاري، هن جو پهريون فوٽو ڪڍيو ويو. اهڙيءَ طرح ڪڏهن شام جي دعوت ٿيندي هئي ۽ ڪڏهن رات جي. دعوت سان گڏ بازار جو چڪر بہ لڳندو هو. ٻي خريداريءَ سان گڏ ڪپڙي جي خريداري بہ اڪثر ٿيندي هئي ۽ جڏهن نئون جوڙو سبجي ايندو هو تہ وري نئين پوز

۲۳- مئي ۱۹۸۲ع

# ڪٽو، ٽوڙهو ۽ قتل

(۱)

”مون کي هي ڪاريا ڏٺا نٿا وڻن. مان پنهنجي ملڪ ۾ هڪ منٽ به هنن کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان.“ پال انٿوني، پرسان بن پرڏيهين کي لنگهندو ڏسي، منهن ۾ گهنج وجهي چوي ٿو. هو پنهنجي ڪن سنگتين سان برمنگهام جي سينٽرل پارڪ ۾ وڻ جي ڇانوَ ۾ ڇپر تي ويٺو آهي. هن جي عمر ۲۴ سال ڪن ٿيندي. هو بيروزگار انگريز پورهيتن جي ”ٽوڙها پارٽي“ (Skin-head) جو رڪن آهي.

”اسان جي ڌرتيءَ تي هي ڪاريا ماڻهو اسان جي مسئلن ۾ واڌارو آڻي رهيا آهن.“ جانسن چوي ٿو.

”اڳي اسان هنن کي برداشت پئي ڪيو يا هتي آندو ٿي جو اهــا اسان جي ضرورت هئي. اسان کي مزورن جي ضرورت هئي. تنهن کان سواءِ هو اسان کي سستي مزوريءَ ۾ ملي ويندا هئا. وڏي ڳالهه ته اسان جي قوم، دولتمند قوم هئي. اسان جي وڏي سلطنت هئي. ان ڪري اسان کي پنهنجي ڪالونين ۾ وڏيون وڏيون، شاهي ٺٺ ٺانگر واريون ۽ وڏيـن وڏين پگهارن وازيون نوڪريون نهيون ڏڪيون ملنديون هيون. هاڻي اهي بيٺڪون ختم ٿي ويون ۽ دولت

سرمائيدار، صنعتڪار ۽ ڪارخانيدار جو سات ڏيندا آهن ۽ ڏيهي مـزور تحريڪن کي اهڙي نموني نقصان پهچائيندا آهن. هتي سياسي سطح تي ٻاهريان مزور ڪنزرويٽو پارٽيءَ جا همدرد آهن ۽ نه ليبر پارٽيءَ جا.“ جانسن چوي ٿو.

”اسين اهو پروڙي ويـا آهيون ته اسان کي بيروزگار بڻائيندڙ سرمائيداري نظام آهـي. اسين اهـو بـه پروڙي ويا آهيون ته اسان جـي طبقاتي ڦرلٽ ڪندڙ سرمائيدار طبقو آهي. اهو ئي هنن ڌارين کي ڌرتيءَ تي رکڻ چاهي ٿو. ان مان سرمائيدارن کي ٻطرفو نفعو آهي: هڪڙي طرف پرديسين کي مزوري گهٽ ڏين ٿا ۽ ٻئي طرف پورهيتن جـي ٻنهي ڌرين يعني ملڪي ۽ غيرملڪي پورهيتن ۾ جي تضاد موجود آهن، تن ۾ ئي پورهيت پاڻ ۾ الجهيل رهندا، ۽ سرمائيدار مالڪن جو مقابلو ڪرڻ جو گهٽ سوچيندا يعني طبقاتي جاکوڙ ڪونه ڪندا، مزور ٽريڊ يونين ناهڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندا ۽ جي ٽريڊ يونينون نهنديون ته هر ڌر جي الڳ يونين هوندي، ان ڪري پورهيت يڪمشت ٿـي نـه سگهندا ۽ گڏيل مقابلو ڪري نه سگهندا.“ چارلس چوي ٿو.

”مان مارڪسزم پڙهي آهي. جي مارڪس جئرو هجي ها ته مـان هن کي ٻڌايان ها ته انگلنڊ ۾ هـن جي نظريي مطابق صنعتي مزورن انقلاب ڇـو نه آندو. اهو ان ڪري ٿيو جو انگلنڊ جي سرمائيدار ۽ سامراج طبقي سـاري دنيا جي ٻيٽڪن مان جيڪا بي‌انداز ڦرلٽ ٿي ڪئي، تنهن مان ڪجهه نـه ڪجهه حصو ڪنهن نه ڪنهن نموني انگريز

جو مالڪ ٻاهر نڪري ٿو ته اتفاق سان موٽر ۾ بند، رت ڳاڙيندڙ، بيهوش انسان تي هن جي نظر پئجي وڃي ٿي. موٽر جا شيشا ڀڳا وڃن ٿا. هن کي اسپتال پهچايو وڃي ٿو، جتي ٻارهن ڏينهن ڪان پوءِ مري وڃي ٿو.

ڪيس هلڻ کان پوءِ، فتوا ڏيندي جج، پال انٿونيءَ کي فقط ست سال قيد جي سزا ٻڌائي ٿو.... جڏهن هن کي ڪورٽ مان ٻاهر وٺي ٿا وڃن، تڏهن گئلريءَ ۾ ويٺل پنهنجن دوستن ڏي مرڪي، نهاري، آڱرين سان پندرهن جو اشارو ڪري، اک ڀڃي ٿو!

(٢)

”توهان سان ملڻ ان ڪري آيو آهيان جو توهان جي هيءَ ڪهاڻي پڙهيم. توهان ته صاف چيو هو ته منهنجي توسان دوستي ٿي نٿي سگهي، واقفيت ان ڪري ٿي آهي جو گاڏيءَ ۾ گڏ سفر ڪرڻو پيو آهي ۽ تو ۾ دلچسپي پيدا ان ڪري ٿي آهي جو تنهنجيون ڳالهيون مون کي ڪهاڻيءَ لاءِ مواد مهيا ڪري سگهن ٿيون. سو اڄ ان ڪهاڻيءَ جي حوالي سان ملاقات ڪرڻ آيو آهيان.“

”تون ته هڪدم الاهي ڳالهيون ڪري وئين: مان الڳ الڳ سوال پڇندس. پهرين ته منهنجي ڪهاڻي جنهن بوليءَ ۾ آهي، سا ته تون سمجهين ڪونه، پوءِ اها ڪيئن پڙهيئه؟“

”هڪ واقفڪار وٽ اهو رسالو ڏٺم جنهن ۾ اها ڇپي آهي. اتفاق سان فهرست ۾ توهان جي نالي تي نظر پئجي

وڌي سو ان همراهہ کي چيم، جنھن توھانجي ڪھاڻيءَ جو ترجمو پڙهيو.“

”ان ڪھاڻيءَ ۾ تنھنجي دلچسپي؟“

”جنھن واقعي جي بنياد تي توھان اھا ڪھاڻي لکي آهي، اھو واقعو مان پنھنجي اکين سان ڏسي چڪو آهيان. توھان تہ رڳو اخبار ۾ خبرون پڙهيون هونديون، پر برمنگھام ۾ نسلي فسادن وقت مان اتي موجود هوس ۽ ڪيترين ئي حقيقتون پڙهائي سگهان ٿو.“

”اهي نسلي فساد هئا يا ڏيهي ۽ پرڏيهي جا پاڻ ۾ تضاد؟ يا روزگار وارن ۽ بيروزگارن جي پاڻ ۾ چڪتاڻ؟“

”توھان جي اهڙين ڳالهين جي ترديد ڪرڻ جي مون کي ڪا گهڙڪي نظر ڪانہ ٿي اچي. ڏسجي ائين ٿو تہ نئين ٿهيءَ وارا انگريز پنھنجي بيروزگاريءَ لاءِ غيرملڪين کي جوابدار سمجهن ٿا.“

”ايترو جلدي انگلنڊ مان ڇو موٽي آئين؟“

”موچڙن جي ڊپ کان. اتي غيرملڪي هاڻي پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهن ٿا ۽ پنھنجن ملڪن ڏي واپس ٿيڻ جو پيا سوچين.“

”ها، سو تو اتي ڇا ڇا ڏٺو؟“

”انگريزن، غير انگريزن سان هرقسم جون جنيون ڪيون: موٽرون اونڌيون ڪرڻ ۽ ساڙڻ، دڪانن کي باهيون ڏيڻ ۽ انهن جي پيچ ڊاهہ ڪرڻ پٿرن سان سروٽن سان، پرديسين تي پٿربازي ڪرڻ ۽ بم اڇلائڻ. هنن جي

جي تنظيم نئشنل فـرنٽ National Front، بنگلا ديش ناهڻ واري عوامي ليگ وانگر آهي، ۽ ان جو اڳواڻ مسٽر پاويل (Powel)، شيخ مجيب رحمان جي خيالن واروآهي. هو سنڌون سـدو پنهنجن مـاڻهن کي چوي ٿو تہ انگلنڊ، انگريزن لاءِ آهي، ۽ ٻاهريان ڌي انگريزن جي بيروزگاريءَ جو ڪارڻ بنيا آهن."

"انگلنڊ ۾، طبقاتي سوچ جي ڪهڙي ڪيفيت آهي؟"

"اتي قومي سوچ مان طبقاتي سوچ جنم وٺي رهي آهي، ۽ هن وقت قومي سوچ ۽ طبقاتي سـوچ ٻئي گڏوگڏ اڀري رهيون آهن ۽ عملي صورت وٺي رهيون آهن. هڪڙي طرف ٻاهرين خلاف ڪات ڪهاڙا کنيا ويا آهن ۽ ٻئي پاسي ڪاٺين، ريلوي ۽ ڪارخانن ۾ هڙتالون ٿي رهيون آهن."

"معلومات لاءِ مهرباني."

۲۳- آڪٽوبر ۱۹۸۲ع

## ڪاڏي جي ميز تي

مڙس ڪاڏي جي ميز تي اچي ويٺو آهي ۽ وهڻ سان عينڪ پائي، اخبار ۾ ٿبي هڻي اٿائين. جڏهن ننڊ مان اٿيو هو ته ڏهاڙي وانگر وهنجڻ جاءِ ۾ هليو ويو هو. ضرورتن کان واندو ٿي، سيرب لاهي، وهنجي سهنجي، چنڊ ڦوڪ ڪري، استري ڪري تيار رکيل آفيس جا ڪپڙا پائي، اچي نيرن لاءِ ويٺو آهي. بيگم، ڪرسي سرڻ جي ڪڙڪي ٻڌي ڪوٺيءَ مان اچي ٿي.

”سائين، نيرن ڪٿي اچان؟“ هوءَ پڇي ٿي.

”ها“ اخبار مان اکيون ڪڍڻ ڪانسواءِ، مڙس هڪ اکر ۾ جواب ڏئي ٿو.

هوءَ ٽري تي ڪاڏي جون شيون کڻي اچي ٿي. پهرين پاڻ به ڪرسيءَ تي وهي ٿي. وهڻ ڪانپوءِ اڌ ٽريل آني واري هڪ رکيبي، مڙس جي آڏو رکي ٿي ۽ ٻي پنهنجي آڏو. اهڙي طرح هڪ پنڊي پنهنجي سامهون رکي ٿي ۽ ٻي پنهنجي مڙس جي سامهون. هر هڪ پنڊيءَ ۾ ٻه سنهڙيون ڏڳڙيون آهن. مڙس ائين ئي اخبار ۾ پڌل آهي. هوءَ هن کي ڳالهرائڻ لاءِ هرويرو پڇي ٿي: ”ٻه ڏڳڙيون ڪافي آهن يا بورچيءَ کي چوان ته وڌيڪ پچائي وٺي.“

”نه، بس“ هو وري به اخبار مان منهن ڪڍڻ ڪانسواءِ

نِنڊ ۾ ورندي ڏئي ٿو.

هو هڪ هٿ سان گرم پيچي پيو ڪائي ۽ ٻيو هٿ، ٻئي اکيون ۽ سڄو ڌيان اخبار ۾ کتل اٿس.

بورچي اچي چانهه، ميز تي رکي وڃي ٿو.

بيگم ڏاڍي بيچينيءَ سان واجهائي رهي آهي ته مڙس هيڏانهن نهاري ته هن سان ڳالهايان. پر ائين ڪونه ٿو ٿئي.

”ٻڌو ته....“ نيٺ هوءَ چوي ٿي.

”هون....“ مڙس جي وات مان اٽلڪو آواز نڪري ٿو، پر نظرون اخبار تان ڪونه ٿيون هٽن. بيگم نااميد ٿي، ماٺ ٿي وڃي ٿي. ڇهن پنجن ڏينهن کان هن مڙس کي ٻه ڳالهيون چوڻ ٿي چاهيون: هڪ ته پنهنجي پٽ لاءِ ٻڌو هئائين ته هو يونيورسٽيءَ ۾ تقريرون ڪري ٿو ۽ نعرا هڻي ٿو ۽ هڪڙي ساهيڙيءَ ٻڌايو هوس ته اهڙن ڇوڪرن کي پوليس پڪڙي جيلن ۾ پئي بند ڪري. هوءَ سوچي ٿي ته پٽڙو، خدا خضري عمر ڏئيس، وري اهڙو شيطان آهي جو اهاڳالهه پڇي ماٺس ته شرارت مان چيائين ته توهان جهڙيون بيگمون، جي گهر ۾ ڪو ڪم ڪار به ڪونه ڪن ۽ گهر کان ٻاهر به ڪونه نڪرن، سي سچ پچ جيل ۾ آهن، بهتر آهي ته هن کي سکيا ڏجي ته ان ٻدران وڃي انقلاب واسطي جيل ڪاٽين.... هن کي پٽ جو ڏاڍو اونو ٿي پيو هو ۽ مڙس کي چوڻ ٿي چاهيائين ته هو پٽ جي خبر چار لهي ۽ جيئي ڪو انديشو هجي ته پاڻ به وڏو ڪامورو آهي،

۽ ڏسندي رهي ٿي.... اوچتو مڙس ايڏو وڏو ٺهڪ ڏنو ٿو،
جو بيگم کي پنهنجي ڳوٺ ۾ مڱڻهار جو پڙهو ڏيڻ وقت
دهل جو آواز دل تي تري اچي ٿو. مڙس ٺهڪ سان گڏ
اخبار تان نگاهون هٽائي، زال ڏانهن ڪري ٿو. بيگم وات
سان ڪجهه نٿي چوي، پر هن جو چهرو سوال بڻجي وڃي ٿو.
”خبر اٿئي اخبار ڇا لکيو آهي....لکيو آهي ته ولايت
جي هڪ عورت پنهنجي گهر ۾ ٻوٽن سان ڳالهائيندي آهي
ته اهي اسرندا ۽ نسرندا آهن....“
بيگم نه مرڪي ٿي، نه کلي ٿي، نه ڳالهائي ٿي. هن
تي اوچتو هڪڙي قسم جي گنڀيرائي ڇانئجي وڃي ٿي.
”ڇو سوٽ، توکي هي ڳالهه نه عجيب لڳي ۽ نه
مزيدار؟“ مڙس ڪجهه ڪڪو وڪو ٿي چوي ٿو.
”توهان کي به جي سارو ڏينهن گهر ۾ اڪيلو گهارڻو
پوي ته جيڪر ٻوٽن سان ئي سات رکو ۽ ڳالهايو ۽ پوءِ
ڏسو ته ٻوٽا ڪيئن نٽا ڦٽن، اپرن ۽ اسرن....“ بيگم دريءَ
کان ٻاهر، سامهون اڱڻ ۾ رکيل سهڻن گلن جي ٻوٽن جي
ڪونبين ڏانهن نهاريندي چوي ٿي.

(مرڪزي خيال هڪڙي ڪارٽون تان ورتل)

٢- مئي ١٩٦٩ع

## هڪڙي سنڌي ڪتاب جو جنم

(ڊائري)

**٢ مئي ١٩٦٩**

سائين غلام علي الانا کي چيم: ”توهان جا لک ٿورا، توهان مون کي امر بنائي ڇڏيو.“

پنج مهينا اڳ جي ڳالهه آهي، طارق اشرف مون وٽ آيو ۽ چيائين: ”سنڌ يونيورسٽيءَ جي رائيٽرس ڪلب فيصلو ڪيو آهي ته توهين اجازت ڏيو ته توهان جي ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپايون.“

٢٧ سالن کان پيو لکان. منهنجيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، ڪجهه مضمون ۽ ڪجهه شعر، سنڌيءَ جي جدا جدا رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن. انهن لکڻين مان گهڻن جي پڙهندڙن ۽ اديب دوستن چڱي واکاڻ ڪئي آهي. ڪن لکڻين تي گاريون پڻ مليون آهن ۽ جوابي ليک شايع ٿيا آهن.

هر ليکڪ وانگر منهنجي به اها تمنا هئي ته منهنجيون ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ شايع ٿين. پر ڪيترائي مشڪل هئا. هڪ ته سنڌي ڪتابن جو ايترو گهڻو کاپو ڪونهي، جو پبلشر پنهنجو ڏنڌو وڌائڻ جي چاهه ۾ ڪتاب عام جام ڇپرائين. ٻيو ته مان پنهنجي مصروفيت ۽ طبيعت ڪري،

پيرو نظر مان ڪيو، متان توهان جي اداري جي پاليسيءَ
جي لحاظ کان ڪنهن کي اعتراض جهڙي ڳالهه نہ هجي،
پر هن چيو تہ ان جي ضرورت ڪونہ ٿو سمجهان.

مون خواهش ظاهر ڪئي تہ ڪتاب اوچي اڇي پني
تي ڇپايو وڃي ۽ ڪتاب تي پوش (Wrapper) لڳايو وڃي.
سائين الانا مهرباني ڪري منهنجيون ٻئي ڳالهيون مڃيون.
ڪتاب کي سهڻو ۽ وڻندڙ بنائڻ واسطي طارق اشرف ڏاڍي
دلچسپي ۽ محنت سان ڊڪ ڊوڙ ڪئي. حقيقت ۾ ڪتاب
کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ، هر وک تي، طارق اشرف پاڻ پتوڙيو.
هن جا ٿورا لاهڻ جا نہ آهن.... ملڪي حالتن سبب ڪتاب
کي پوري ٿيڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. باقي احمد نبي
شيخ ڪتاب ڏاڍو خوبصورت جوڙي ڏنو.

اعجاز قريشي، جو ڪلب جو سيڪريٽري آهي، تنهن
پڻ ڪتاب جي ڇپرائڻ ۾ ڏاڍي عقيدت ۽ احترام سان حصو
ورتو. جنهن وقت هن مون کي ڇپيل ڪتاب جي پهرين
ڪاپي ڏيکاري، تڏهن مون کي جا خوشي ٿي، ان کان
وڌيڪ خوشي صرف پنهنجي پرينءَ کي ڏسڻ سان ٿي ٿي
سگهي ٿي. ڪتاب ڏاڍو خوبصورت ڇپيو هو.

هيءُ هو ٢٥- اپريل ١٩٦٩ع جو ڏينهن.

مون پنهنجي زال کي وڃي چيو: ”اڄوڪو ڏينهن
منهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو ڏينهن آهي.“

پڇيائين ”ڪيئن؟“

مون وراڻيو ”يونيورسٽيءَ وارن طرفان منهنجي ڪهاڻين

جو ڪتاب ڇپيو آهي. اڄ ان ڪتاب جو مهورت آهي ۽ منهنجي دعوت ڪئي اٿن."

هن ان ئي وقت اها خبر يارن کي ٻڌائي، ۽ پاڙي ۾ پنهنجي ساهيڙين کي به فخر سان وچي اطلاع ڏنائين.

پنهنجي دوست محمد جان بروهيءَ کي به ٻڌايم. هو منهنجي خوشيءَ ۾ مون سان شريڪ ٿيندو نظر آيو. هن جو چهرو ٻهڪي پيو ۽ هن جي چپن تي مرڪ مڙي آئي. منهنجو دوست خان محمد غير ادبي ماڻهو آهي. مون هن کي اها خبر ڪانه ٻڌائي، پر بروهيءَ ٻڌايس. خان محمد سياسي ماڻهو آهي.

چيائين "ڪتاب ڇپيو ته ڀلا ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟"

مون چيو "اڙي، مون ڪان تو پڇين ته ڪتاب ڇپيو ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟ اڙي مها مروان، تو کي وزير بنجڻ تي به ايتري خوشي ڪانه ٿيندي، جيتري مون کي منهنجي ڪتاب ڇپجڻ تي ٿي آهي."

محمد صالح راهوءَ کي اچوڪي ڏينهن جي هيءَ خبر گهٽي ڪان گهٽي خوشي بخشي ها. پر هو هفتي کن ڪان ڪراچيءَ ويل آهي.

* *

نئين پارٽي هئي، پر منهنجي لاءِ وڏي خوشي ۽ فخر جو باعث. سائين غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊائريڪٽر ۽ ريسرچ پروفيسر، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، کي خاص مهمان طور سڏايو ويو هو. سائين خواجه غلام علي الانا هو ۽ رائيٽرس

ڪلب جا عهديدار هئا.

تقريرون ٻڌي بـ بيحد خوشي ۽ فخر ٿيم. مون کي ڪاڻو ئي ڪونه هو تہ منهنجيون ڪهاڻيون ايترو مقبول آهن ۽ ماڻهو ايتري چاهہ سان پڙهندا آهن. ڪن تقرير ڪندڙن کي تہ منهنجيون اهي ڪهاڻيون ذري پرزي ياد هيون جي تيرهن چوڏهن سال اڳ ڇپيون هيون.

طارق اشرف، الانا، مير غلام محمد ٽالپر، ظفر حسن، عبدالجبار جوڻيجو شام، اعجاز قريشي ۽ سائين قاسمي جن تقريرون ڪيون.

ظفر حسن منهنجي ڪهاڻي "ست ڪٺا ڪائي" جي خاص واڪاڻ ڪئي. ان لاءِ هن ڪهاڻيءَ جي سٽا ۽ پڇاڙيءَ کي خاص پسند ڪيو. عبدالجبار شام "دعا ۽ تاڙيون" ڪهاڻيءَ کي ساراهيو. ان ۾ ڪردارنگاريءَ هن کي متاثر ڪيو هو. سيني اهو خيال ظاهر ڪيو تہ سالن کان وٺي هو منهنجيون ڪهاڻيون شوق سان پڙهندا رهيا هئا، ۽ هنن جي تمنا هئي تہ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿين ۽ هاڻي شايع ٿيڻ تي ڏاڍو خوش ٿيا هئا. سيني اتي ئي ڪتاب خريد ڪيو ۽ مون کي پنهنجي پنهنجي ڪاپيءَ تي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ لاءِ چيائون، جو مون ڪيو.

مون کي جيڪا ڪاپي ڏني ويئي، ان تي مون سائين قاسمي ۽ سائين الانا جن کي ڪجهہ لکڻ لاءِ عرض ڪيو. سائين قاسميءَ لکيو: گهڻي پيار ۽ محبت مان "طوفان جي تمنا" جي مؤلف ۽ خالق جي خدمت ۾ هي بہ چار

سڄون عقيدت سان عرض رکان ٿو ۽ ڪيس واڌايون ۽ دعائون پيش ڪريان ٿو، جو هن سماج جي سڌاري ۽ سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ هيءَ املهه مجموعو لکي، سنڌي ٻولي ۽ ان جي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

سائين الانا لکيو: ”هن ڪتاب جو مصنف، ڊاڪٽر نجم عباسي صاحب، تڏهن ڪان لکندو رهي ٿو، جڏهن مون اڃا مئٽرڪ به پاس نه ڪئي هئي. ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي مشهور ۽ نمائنده افساني نگارن مان هڪ آهي. سندس افسانا سماج جي اصلاح لاءِ آهن. سندس ڪردار عوام مان آهن. آءٌ هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ تي ڊاڪٽر موصوف کي دلي مبارڪون پيش ڪريان ٿو. منهنجي دعا آهي ته ڊاڪٽر صاحب جون ادبي تخليقون قوم جي بهتريءَ لاءِ ڪم اچن.“

مون اول ئي سائين الانا کي عرض ڪيو هو ته ميڙ ۾ مان ڳالهائي ڪونه سگهان، ان ڪري مون کي تقرير ڪرڻ کان بچائجو. پر اعجاز ڪين مڙيو ۽ مون کي ڪڙي ٿيڻ تي مجبور ڪيائين. مون ٻه شڪريي جي هڪ سٽ چئي جند ڇڏائي.

مون کي ٻڌايو ويو ته مون کي ڪتاب جون ٽيهه ڪاپيون ڏنيون وينديون، پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، سبب اهو ٻڌايو ويو ته جي هڪدم ڪاپيون ڏبيون ته توهين پنهنجن دوستن ۾ ورهائي ڇڏيندا ۽ توهان جا گهڻا دوست اديب ۽ ڪتابن جا شوقين هوندا، ۽ انهن کي جي مفت ۾ ڪتاب ملندو ته ڪتاب جي وڪري تي اثر پوندو. مون کي

۽ اها ڳالهه مناسب نظر آئي.
موڪلائڻ وقت مون الانا کي چيو "توهان جا لکڻ
تورا، توهان مون کي امر بڻائي ڇڏيو."
چيائين "تون ان جو حقدار هئين."

## ٥ مئي ١٩٦٩ع

اج طارق اشرف ۽ اعجاز قريشي مون وٽ آيا. هو ڏاڍو فڪرمند ٿي لڳا. چيائون ته "طوفان جي تمنا" يونيورسٽيءَ ۾ طوفان مچائي ڇڏيو آهي. ڪيترن ڇوڪرن ڪتاب جي ڇپجڻ تي اعتراض ڪيو آهي. هو چون ٿا ته انهن ۾ مذهب تي حملو آهي. رائيٽرس ڪلب وارن سڀان زباني جهڳڙا ٿيا آهن ۽ ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن. اڄ هو وفد ٺاهي وائيس چانسيلر وٽ ڪتاب خلاف دانهن ڪرڻ لاءِ وڃڻ وارا آهن. وائيس چانسيلر خود هڪ تنگ خيال انسان آهي ۽ هو ڳالهه پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان سواءِ ئي ڇوڪرن جي ڇيڙڻ تي چڙي پوندو. ان حالت ۾ سائين الانا تي ڇنڊ ڇاڻ پوڻ جو انديشو آهي. هن وقت سائين الانا جو حالتون ڪجهه اهڙيون آهن، جو هن جا بالا آفيسر هن کي بدنام ڪرڻ لاءِ موقعي جي تاڙ ۾ رهن ٿا.

هنن اهو پڻ ٻڌايو ته يونيورسٽيءَ جي ڇوڪرن جون ٻه پارٽيون آهن: هڪڙي ترقي پسند ۽ ٻي قدامت پسند. رائيٽرس ڪلب وارا شاگرد ترقي پسند خيال جا آهن؛ انهن جي ڪاميابين کي مٽائڻ لاءِ قدامت پرست ڇوڪرا وجهه

پيا ڳوليندا آهن. هنن ”طوفان جي تمنا“ ڪتاب مان ڳولي ڳولي ڪيڙا ڪڍيا آهن. جڏهن ڪنهن جي نيت ئي هوندي گلا ڪرڻ جي ته هو ڪتاب مان اهڙا ٽڪرا ڪڍي اهي پڌائي، ڀين کي پڙڪائي سگهي ٿو، ۽ مذهب جي ٺالي ۾ پڙڪائڻ ته سولي ڳالهه آهي.

اعجاز ڪتاب جا اهي ٽڪرا مون کي ڏيکاريا جن تي اعتراض ٿيو آهي. انهن مان ڪجهه هي آهن:

(١)....تڏهن آخر ان جو علاج ڇـا آهي؟.... بنيادي مسئلو آهي ملن ۽ مولوين کي روزگار جو مهيا ڪري ڏيڻ. ان جي مدنظر پاڪستان ۾ جن کي ديني مدرسا ۽ دارالعلوم سڏيو وڃي ٿو، اهي هڪدم بند ڪيا وڃن، ۽ اهڙي طرح ملن جي واڌ ۽ پيدائش کي روڪيو وڃي. حقيقت هيءَ آهي ته اهي ادارا ”بيڪار بنائڻ جا اڏا“ آهن. انهن ۾ نه ڪو هنر سيکاريو ٿو وڃي ۽ نه جديد علم پڙهايا ٿا وڃن........ [صفحو ٣٧].

(٢)....مون کي پڪ آهـي ته اهي گناه ۽ ثواب جا جهڳڙا پيدا ڪندڙ انسان، يا احمق هئا، يـا مڪار ۽ خود غرض.... مان سارو ڏينهن انسانن جـي دکن دور ڪرڻ ۽ بيمارن کي چـڏائڻ ۾ گذاريان ٿو، پوءِ شام جـو ڪنهن محبوبڙيءَ سان تفريح ڪيم ته ٿيو گناهه، جي تنهائيءَ کان گهبرائجي ڪنهن زهر جو ڍڪ پيرم ته ٿي نشي بازي. گهر جي دوزخي ماحول کان بچڻ خاطر ڪلب ۾ وڃي ڪيڏيم ته ٿي جوا! بس هر چيز گناهه. جي اهي شيون گناهه آهن

تہ پوءِ زندهہ رهڻ ئي گناهہ هوندو.“....[صفحو ٨٩]

(٣).... هنن سنڌ ڇڏڻ سان سڀ ڪجهہ وڃايو آهي، پر مذهب ڇڏڻ سان ڪجهہ نہ وڃائن ها. هندستان مان هيڏانهن آيل مسلمانن واسطي بہ ائين ڪرڻ بهتر ٿئي ها.... [صفحو ١٢١].

(٤).... سائين، هن زماني ۾ پئسي سان خدا بہ خريد ڪري سگهجي ٿو، هيءَ تہ بدلي ڪرائڻي هئي........ [صفحو ٦٩]

* *

ڪنهن بہ ليکڪ جي لکڻيءَ مان صرف ڪي ٽڪرا ڪڍي ان تي اعتراض ڪرڻ نہ صحيح آهي ۽ نہ انصاف. مثال طور: جيستائين ڪهاڻي پوري پڙهي، ان جي مرڪزي خيال ۽ ڪهاڻيءَ جي روح ڪي نہ سمجهيو ويو آهي، تيستائين، صرف ان ڪهاڻيءَ مان هڪ سٽ يا ٽڪرو ڪڍي، ان تي اعتراض ڪرڻ صحيح نہ آهي.... تنهن کان سواءِ ڪهاڻيءَ جي ڪنهن ڪردار جي ويچارن کي هرويرو ليکڪ جا شخصي ويچار ڇو سمجهيو وڃي؟ چيخوف، پنهنجي هڪڙي ڪهاڻي A Boring Story تي ٿيل اعتراضن جي باري ۾ پنهنجي دوست ايڊيٽر کي لکيو: ”جيڪڏهن ڪهاڻيءَ ۾ پروفيسر جا ويچار ڏنا ويا آهن تہ انهن ويچارن ۾ چيخوف جي ويچارن کي تلاش نہ ڪيو وڃي.“

* *

مون طارق اشرف ۽ اعجاز قريشيءَ کان پڇيو تہ پوءِ هاڻي

ڪهڙي صلاح آهي؟ هنن چيو تہ ٽي رستا آهن: هڪ تہ ڪتاب
جو وڪرو بند ڪيو وڃي، ٻيو اعتراض واريون ڪهاڻيون
ڪتاب مان ڪڍيون وڃن، ٽيون ڪتاب توهان کي ڏنو
وڃي تہ توهين پبلشر جــو نالو مٽائي، پاڻ وڪرو ڪيو.
هنن چيو تـہ پوئين حالت ۾ اسين پڻ ڪتاب جي جلدي
نيڪال واسطي ڪوشش ڪنداسين.... پــوءِ سيئي گڏجي
سائين الانا وٽ وياسين. پڇاڙيءَ ۾ فيصلو اهو ٿيو تہ ڪتاب
تـي پبلشر جـو نالو رائيٽرس ڪلب جـي بـدران ”ادبيات
پبليڪيشن“ (هنن جي اجازت سان) لڳايو وڃي ۽ ڪتاب
منهنجي حوالي ڪيا وڃن. ڪتاب جي ڇپائيءَ تي جو خرچ
آيو آهي، اهو مان ڪلب کي ادا ڪريان. ..منهنجي طبيعت
ڏاڍي خراب ٿي. مون کي ڏاڍي مايوسي ٿي.

* *

مون ڪان اهو ٻڌائڻ وسري ويو آهـي تہ مـون پنهنجي هن
ڪتاب لاءِ پيش لفظ لکرائڻ جو خيال ظاهر ڪيو. ان واسطي
ٽي نالا منهنجي سامهون هئا: رسول بخش پليجو، محمدابراهيم
جويو ۽ ڏيپلائي. اهي ٽيئي هڪ تہ مجيل نقاد ۽ وڏي پايي
جا اديب آهن، ٻيو تہ اهي مـون کـي شخصي طرح چڱيءَ
ريت سڃاڻن؛ ۽ ٽيون تـہ انهن منهنجي لکڻين کـي اڪثر
ساراهيو آهـي ۽ منهنجي همت افزائي ڪئي آهـي. جڏهن
مون پنهنجي مقصد واسطي اهي نالا ورتا، تڏهن اها مجبوري
ڏيکاري وئي تہ اهـي ٽيئي شخص آهـن تہ برابر چوٽيءَ جا
سنڌي ليکڪ، پر سياسي طور ڪابي ڌر جا آهن، ان ڪري

يونيورسٽيءَ جا ابا اها ڳالهه پسند ڪونه ڪندا، ان ڪر
مون ڪنهن ڪان به بيش لفظ لکرائڻ جو خيال ڏي لاه
ڇڏيو.

## ٦ مئي ١٩٦٩ع

اڄ اعجاز قريشيءَ کان هي خط مليو:

تاريخ ٥- مئي ١٩٦٩ع

محترم ڊاڪٽر نجم عباسي صاحب،

عرض ته اسان نهايت نيڪ نيتي ۽ خلوص دليءَ سا
اوهان جو ڪتاب بعنوان "طوفان جي تمنا" ڇپايو، انهي
مراد سان ته اوهان جهڙي پراڻي ڪهاڻيڪار جون ڪهاڻيو
پڙهندڙن اڳيان پيش ڪجن. مون کي اهو لکندي ڏک
ٿئي ته ڪن شاگردن ۽ ڪن حلقن مان انهيءَ ڪتاب ج
اشاعت تي شڪايت پهتي آهي. اسان جو ادارو سنڌيادا
جي خدمت لاءِ وجود ۾ آيل آهي ۽ نه ڪنهن ڇڪتاڻ ڪ
منهن ڏيڻ لاءِ. آءٌ انهيءَ ڪري نهايت ڏک سان اوه
ڪي گذارش ٿو ڪريان ته اوهين مهرباني ڪري پنهنج
ڪتاب اسان کان واپس وٺو. ڪتاب جي ڇپائي وغيره ت
جيڪو اسان جو خرچ ٿيو آهي، سو اسان کي پري ڏيو
اميد ته اسان جي اداري کي ڇڪتاڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنج
ڪتاب واپس وٺندا.

اعجاز قريشي،
سيڪريٽري سنڌيونيورسٽ
رائيٽرس ڪلب.

هي خط پڙهي وري بہ مون کي مايوسي ٿي. ڏاڍو ڏک
ٿيو ۽ الجهن ۾ پئجي ويس.

١- مئي ١٩٦٩ع

اڄ ڏيپلائي آيو. هن منهنجو ڪتاب ڏٺو هو ۽ ان جي ڇپجڻ ۽ اهڙي سهڻي نموني ڇپجڻ تي سرهائيءَ جو اظهار ڪيائين. هو اڳي بہ مون کي چوندو هو تہ تون نفاست پسند طبيعت وارو آهين، ان ڪري جيڪو بہ تنهنجو ڪتاب ڇپرائي، هن کي ڪتاب جي ٺهي ۽ ڇپائيءَ لاءِ گهڻي ۾ گهڻو خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو، بيءَ حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ تو کي ڳالهہ ڪانہ وڻندي.

هن کي چوڪرن جي ڪتاب جي ڪن ٽڪرن تي اعتراض ڪرڻ جو ٻڌايم. هن چيو: ”پوءِ چڱا ٿيو، اها تہ تنهنجي خوبي ليکبي ۽ ڪتاب جي مشهوريءَ جو وڏي ۾ وڏو ذريعو ۽ مفت ۾ اشتهار. جي تون ڪتاب جو وڪرو وڌائڻ چاهين تہ پنهنجي ڪتاب تي اعتراض وارن ٽڪرن ڪي خط ذريعي اخبارن ۾ ڇپراءِ. ڪتاب هٿئون هٿ وڪامي ويندو. ان ۾ ڪا قانوني گرفت ڪانہ ٿيندي. وڌ ۾ وڌ ڪتاب ضبط ٿيندو، پر ضبط ٿيڻ کان اڳ، ان گوڙ شور ڪري تنهنجي هن ڪتاب جون هڙئي ڪاپيون وڪامي وينديون.“

تحفي طور دوستن کي ڪتاب ڏيڻ جي باري ۾ ڏيپلائيءَ چيو تہ ڪتاب جي هڪڙي ڪاپي ڪنهن کي مفت ڏيڻ سان ڪتاب جا ڏهہ خريدار ڪٽين ٿا، چو تہ جنهن کي ڪتاب

مفت ۾ ملي ٿو، سو نه رکو پاڻ ٿو پڙهي پر ٻين ٻـه ڏهن ٻارهن دوستن يارن، کي پڙهڻ لاءِ ڏئي ٿو. جو ماڻهو پيسي سان خريد ڪري ٿو، تنهن کي ڪتاب جو قدر ٿئي ٿو ۽ هو اهو سانڍي رکي ٿو ۽ اجائي سخاوت ڪري ٻين کي نٿو ڏئي.

## ٨- مئي ١٩٦٩ع

رباني ۽ سان ملڻ ٿيو. هن کي ڪتاب جي ڳالهه ٻڌايم. هن صلاح ڏني ته تون ڪتاب نه وڻجاءِ. ڪتابن جو وڪرو تنهنجي لاءِ مٽي جو سور بنجي پوندو. هن چيو ته ڪتاب ڇپرائڻ ته سولي ڳالهه آهي پر ان جـو وڪرو ڏاڍو ڏکيو آهي. هن پنهنجي ۽ شيخ اياز جي ڪتابن جا مثال ٻڌايا ته انهن جـي وڪري ۾ ڪيترو نـه وقت لڳو، ۽ ڪيترو نه نقصان پيو، دڪاندار، ڪتب فروش ۽ يـار دوست پيسا کائي ويا.

## ١١- مئي ١٩٦٩ع

ابن حيات پنهور سان ڪتاب جي باري ۾ ذڪر نڪتو. هو جي-ايم-سيد جو ڪتاب "ساهر جا سينگار" وڪڻڻ آيو هو. هن چيو: "مان پنهنجي دوستن سان صلاح ڪريان. تنهنجو ڪتاب ڏاڍو سهڻو ۽ ڪارائتو آهي ۽ جي تي سگهيو ته اهو خريد ڪري وڪري جو انتظام اسين پاڻ ڪنداسين." مان ڪالهه الانا سان ملڻ ويو هوس. پر هو ڪونه مليو.

طارق اشرف يا اعجاز قريشيءَ سان پڻ وري ملڻ ڪونه ٿيو آهي. ان ڪري پتو نه آهي ته يونيورسٽيءَ اندر ڇا وهيو واپريو؟

ربانيءَ ٻڌايو ته الانا شڪايت پئي ڪئي ته اسان ڊاڪٽر تي اعتبار ڪيو پر هن اهڙيون ڪهاڻيون ڏئي ڇڏيون جن تي اعتراض اٿيا آهن. مون ربانيءَ کي ٻڌايو ته ليکڪ کي اوڻاين يا اعتراض جوڳين لکڻين جو ڪاٿو نه به ٿيندو آهي، ان ڪري مون الانا کي منڍ ۾ چيو هو ته ڇپائيءَ کان اڳ منهنجي هر ڪهاڻي نظر مان ڪڍي، پر هن ورائيو هو ته مان اهو ضروري نٿو سمجهان.

## ١٥- مئي ١٩٦٩ع

طارق اشرف ٻڌايو ته مخالف شاگرد يا وائيس چانسيلر وٽ ڪونه ويا، يا وائيس چانسيلر ڪو قدم کڻڻ مناسب نه سمجهيو. ماٺ ٿي وئي آهي. ان ڪري اسان پاڻ ئي ڪتاب جو وڪرو جاري رکيو آهي، توهان تي بار ڪونه وجهبو. وڌ ۾ وڌ ڪجهه ڪاپين تي پبلشر جو نالو بدلائي ڇڏبو. اهو ان واسطي ته گوڙ وڌي وڃي ته اهي ڪاپيون ڏيکاري ڇٽبو ته اسان ڪتاب تان هٿ کڻي ڇڏيو آهي.

محمد صالح راهوءَ کي الانا مليو هو. هن ٻڌايس ته وائيس چانسيلر ڪيس ان سلسلي ۾ ڪونه گهرايو آهي، ان ڪري هو ڪتاب جو وڪرو ڪري رهيا آهن ۽ ضرورت پئي ته ڪتاب ادبيات پبليڪيشن وارن کي ڏيئي ڇڏيندا.

ابن حيات پنهور ٻڌايو تہ هن پنهنجي دوستن سان مشورو ڪيو. ڪتابن جو وڪرو، اسان جهڙن ماڻهن لاءِ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هن پاڻ ڪتاب ”ساهڙ جا سينگار“ ڪميشن تي دڪاندارن ۽ ايجنٽن کي وڪري لاءِ ڏئي ڇڏيو آهي.

## ٢٤- مئي ١٩٦٩ع

انجنيريءَ جي ٻئي سال جو هڪ شاگرد، محمد اقبال بلوچ، مون سان ملڻ آيو. هن منهنجو ڪتاب پڙهيو هو ۽ هن کي منهنجا افسانا ۽ خيال زياده تر پسند هئا. هن صرف ڪتاب جي ڪن ٽڪرن جو مون کان مطلب ٿي سمجهڻ چاهيو، جي هن جي خيال موجب مذهب تي سنئون سڌو حملو هئا. مون هن کي پنهنجا ويچار سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هو ڏاڍو سمجهدار ۽ چٽن خيالن وارو ڇوڪرو هو. هن جو خيال هو تہ هر چيز ۽ هر مسئلي کي انسانيت جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ۽ نہ مذهب جي ڪٽرپڻ جي عينڪ چاڙهي.

پوءِ اوچتو هن چيو تہ مان توهان کان هڪ ذاتي سوال پڇڻ ٿو چاهيان: ڇا توهان شراب پيئندا آهيو؟ اهو انڪري ٿو پڇان جو توهان هن ڪتاب جي هڪڙي ڪهاڻيءَ ۾ شرابيءَ جو ڪردار اهڙي صحيح نموني چٽيو آهي، جو مون کي شڪ ٿيو تہ شايد توهان کي شراب پيئڻ جو شخصي تجربو آهي؟.... مون هن کي ٻڌايو تہ اڄ تائين شراب چکيو بہ نہ اٿم.... اديب جي حيثيت ۾ مون پنهنجي اها ڪاميابي

سمجهي جو اهڙي صحيح ڪردارنگاري ڪري سگهيو هوس.
پڇاڙيءَ ۾ هن مون کي چيو ”توهان وٽ جيترو مواد هجي جو ڪتاب ٺهي سگهي ته بلوچ شاگردن جي تنظيم طرفان اهو ڇپائڻ لاءِ تيار آهيون.“

* *

ٻه ڇوڪرا اسپتال ۾ گهڙي آيا. هنن مان هڪ جي هٿ ۾ مون وارو ڪتاب هو. هڪڙي چيو ”اسين ٽنڊي ڄام جي اگريڪلچر ڪاليج ۾ شاگرد آهيون، توهان جون ڪهاڻيون ڏاڍيون پسند اينديون آهن، هيئنر دڪان تي توهان جو هي ڪتاب ڏٺوسين، سو خريد ڪيوسين. هن رستي تان لنگهندي توهان جي ناليءَ جو بورڊ ڏسندا هئاسين. اڄ شوق ٿيو ته توهان سان روبرو ملڻ جي عزت به حاصل ڪيون.“

هنن ڪتاب جي ڇپائي، پوش، ڪاغذ ۽ خوبصورتيءَ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي. چيائون ته قيمت گهٽ رکي وئي آهي. اڃا به وڌيڪ رکي وڃي ها ته ڪتاب مهانگو معلوم نه ٿئي ها.

هنن چيو ”توهان ڊاڪٽر ۽ سائنس وارا ٿي، ڪهاڻي نويسيءَ جي فن سان ايترو وقت ۽ ايتري حد تائين نڀايو آهي، سو حيرت انگيز ۽ واکاڻ جوڳو ڪارنامو آهي.“

طارق اشرف ٻڌايو ته سڀاڻي رات جو (٢٥ – مئي) پوڻين نوين بجي توهان جي ڪتاب تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان تبصرو نشر ٿيندو. تبصرو ڪندڙ عبدالجبار جوڻيجو شام آهي.

## ٢٥- مئي ١٩٦٩ع

محمد صالح راهوءَ ٻڌايو تہ ڪيس الانا ٻڌايو تہ ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب جو وڪرو تيزيءَ سان ٿي رهيو آهي ۽ ڪتاب جي تعريف ۾ ڪيترائي خط وٽس اچي رهيا آهن، جن مان ڪي ڪاليجي ڇوڪرين جا پڻ آهن.

اڄوڪو ڏينهن انتظار، خوشي ۽ فخر سان پريل گذريو. پنهنجي دوستن ۽ گهر وارن کي بہ ٻڌايم تہ اڄ رات جو پوڻين نوين بجي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان منهنجي ڪتاب تي تبصرو ڪيو ويندو.

اهو منهنجي اسپتال ۾ وهڻ جو وقت هو، ان ڪري ٻاڙي واري هڪ گهر مان ريڊيو گهرايم، ۽ اهو پروگرام ٻڌم. جوڻيجي منهنجي ڪتاب ۽ ڪهاڻين کي ڪافي ساراهيو. خيال ڪيو اٿم تہ هن کان ان تبصري جي ڪاپي وٺندس ۽ هن جو ٿورو مڃيندس

## ٣٠- مئي ١٩٦٩ع

رات ميڊيڪل اُسوسيئيشن جي ميڙ ۾، ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ، ايم-آر-سي-پي، هتي جي ميڊيڪل ڪاليج جي پروفيسر، اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چيائين: ”نجم، مبارڪ هجئي، مون تنهنجو ڪتاب پڙهيو ۽ ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻيم. اول بہ رسالن ۾ ڪڏهن ڪڏهن تنهنجيون ڪهاڻيون پئي پڙهيون اٿم.“

مون کي خبر ڏي ڪانہ هئي تہ ڊاڪٽر صالح کي بہ

ادب سان شوق آهي، بهرحال هن جي ان اظهار تي بيحد خوشي ٿيم.

* *

”نئين زندگي“ جي جون ١٩٦٩ع واري پرچي ۾، منهنجي ڪتاب جي باري ۾ هيٺيون اشتهار ڇپيو آهي:

نجم عباسي سنڌيءَ جو ممتاز ڪهاڻيڪار آهي،
نجم عباسي سنڌ جو واحد ڪهاڻيڪار آهي،
جيڪو ورهاڱي کان اڳ کان وٺي اڄ تائين لکندو رهيو آهي.
نجم عباسيءَ سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن.
نجم عباسيءَ جي چونڊ ڪهاڻين جو پهريون مجموعو سنڌ يونيورسٽي رائيٽرس ڪلب (سنڌي) جي پهرين سوکڙي.

## طوفان جي تمنا

ٽائيٽل تي عاشق حسين جو اڻ رنگن ۾ ناهيل شاهڪار صفحا هڪ سؤ پنجهتر، اوچو پنو، قيمت اڍائي رپيا.
گهرائڻ لاءِ لکو:
(١) اداره ادب نو، الهندو ڪڇو، حيدرآباد سنڌ.
(٢) ادبيات، ٥- اسپتال روڊ، حيدرآباد سنڌ.

* *

هن اشتهار جي ڏيک، منهنجي اندر ۾ هڪ نرالي خوشيءَ جو احساس پيدا ڪيو.

## ١٢- جون ١٩٦٩ع

عبدالجبار جوڻيجي، ٢٥- مئي، پوڻين نوين بجي، ريڊيو تان، منهنجي ڪتاب جي باري ۾ جا تقرير ڪئي، ان جو نقل اچ ڏنائين.

اها تقرير سڄي ساري هتي درج ڪريان ٿو:

گذريل هڪ مهيني ۾، سنڌي ادب ۾ ڪيترائي، افسانن ۽ مقالن جا مجموعا شايع ٿيا آهن. "طوفان جي تمنا" به انهن مان هڪ آهي. افسانن جو هي مجموعو، جناب نجم عباسيءَ جي چوند افسانن تي مشتمل آهي. نجم عباسي، سنڌي زبان جي ڪهنه مشق افساني نگارن مان هڪ آهي. سندس هي افسانا جدا جدا رسالن ۾ اڳ ۾ شايع ٿيل هئا. هن ٻهرين مجموعي ۾ ڪل سترهن افسانا شامل آهن، جيڪي مصنف جي روزمره جي تجربي ۽ مشاهدي جو نتيجو ۽ نچوڙ آهن. روزمره جي زندگيءَ ۾ جيڪي جيئرا جاڳندا ڪردار مصنف جي اڳيان ايندا رهيا، انهن مان ڪيس افسانن جو مواد ملندو رهيو. اهڙو اظهار مصنف ديباچي ۾ ڪيو آهي.

هن افساني جي وندر واري پهلوءَ کي نظرانداز نه ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ اهو به تسليم ڪيو اٿس ته هر فنڪار کي پنهنجا نظريا ٿيندا آهن، ۽ انهن نظرين جو پرچارهو پنهنجي فن ۾ ڪندو آهي. پر اهو اهڙي انداز ۾ هجي، جو نقاد ۽ پڙهندڙ جي اڳيان نعري بازي ظاهر ٿي نه بيهي.

وهمن ۽ وسوسن جي خلاف، انسان دوست فنڪارن،

اهڙين حدن ۾ وڃي ٿو، جتي هن جا خيال ايترو منتشر ٿي وڃن ٿا، جو هو پنهنجو ذهني توازن قائم رکي نٿو سگهي ۽ غلط قدم کڻي پاڻ کي مٺلن جي مقام ۽ جئرن جي جهان کان ڌار ڪري، پڙهندڙن جون همدرديون وڃائي ٿو وهي.

هن مجموعي ۾ هڪ افسانو بلڪل لطيفي وانگر ٿو لڳي. اهو آهي "شرط". هن ڪهاڻيءَ جي سٽا ۽ افساني جو بنياد اهڙي معمولي ڳالهه تي رکيل آهي، جيڪا تمام هلڪڙي آهي. دوستن جي وچ ۾ شرط ۽ ان جي نتيجي تي قلمرڪنيو ويو آهي. افسانيءَ لاءِ اهڙو معمولي موضوع مناسب نه آهي.

آخري افسانو "طوفان جي تمنا" ڪهاڻيءَ جي سٽا، مواد ۽ فڪري لحاظ کان نهايت اعليٰ ۽ ذهن تي مڪمل تاثر ڇڏي ٿو، جنهن ۾ انسان جي ذهن ۽ زندگيءَ جي گوناگون حقيقتن جي پيش نظر اهو ٻڌايو ويو آهي ته انسان يڪسانيت واري زندگيءَ کان ڪيترو گهبرائجي ٿو وڃي ازدواجي زندگيءَ ۾ به جيڪڏهن هنگامي آرائي، بحث ۽ تڪرار ۽ شور شار نه آهي ته گهر جي ڀاتين لاءِ اهو دور بيزار ڪندڙ آهي ۽ ان جي ابتڙ هنگامي خيزي، بحث ۽ تڪرار ۾ انسان ڪيئن ٿو محسوس ڪري. اسان جي افساني نگار هن افساني ۾ جيڪو "طوفان جي تمنا" ڪندڙ ڪردار پيش ڪيو آهي، سو ڪنهن نه ڪنهن تي ضرور ٺهڪي ٿو اچي.

مجموعي طرح، نجم عباسي صاحب جا افسانا، اسان کي هن حقيقت کان واقف ڪن ٿا ته مصنف زندگيءَ جي تلخ ۽ شيرين تجربن کان چڱيءَ طرح واقف آهي، ۽ اهي فنڪارانه انداز سان اسان جي اڳيان پيش ڪيا اٿس.

## ٢٣- جون ١٩٦٩ع

سائين الانا ٻڌايو ته حيدرآباد جي سنڌي روزاني اخبار ”مهراڻ“ هن مهيني جي يارهين تاريخ، ”تعليم ۽ تخريب“ جي سري سان ايڊيٽوريل لکيو. ان ۾ بين ڳالهين سان گڏ اهو به لکيو ويو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڀاڱي جا ڪي استاد، الحاد ۽ دهريت جو پرچار ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

اهو پڙهڻ تي سنڌي ڀاڱي جو هڪ آفيسر وڃي ايڊيٽر سان مليو ۽ هن کان ان الزام جي وضاحت پڇيائين. ايڊيٽر هن کي ٻڌايو ته اهو الزام نجم عباسيءَ جي ڪتاب ”طوفان جي تمنا“ پڙهڻ کان پوءِ لکيو ويو آهي، ڇو ته ان ڪتاب اندر مذهب جي خلاف ڪئي ڳالهيون لکيل آهن.

مٿين واقعي ڪري الانا چيو: ”هاڻي اسين ڪتاب جي رهيل ڪاپين تي پبلشر جو نالو ڦيرائي ٿا ڇڏيون ۽ ٻاهرين ٻني اسين ڪتاب تان هٿ کڻون ٿا. ڪتاب جو وڪرو اڻ سڌي طرح اسين ئي ڪندا رهنداسون. توکي هڪ اهڙو خط لکنداسين ته ڪتاب تون وٺ ۽ تون به جواب ۾ اسان کي لکي ڏجانءِ ته مان ڪتاب پاڻ ڏو وٺان.

### ٥ - جولاء ١٩٦٩ع

طارق اشرف ٻڌايو هو تہ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي تازي شايع ٿيل ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" (شروعات کان وٺي ورهاڱي تائين، حوالن سميت) ۾ تنهنجو بہ پيرا ذڪر ڪيو آهي. اڄ اهو ڪتاب الانا وٽ ڏٺم.... فصل ڇهون: ڪهاڻي نويسيءَ جي اوسر ۾، جديد حقيقت نگاري وارين ڪهاڻين جي دور جي سري هيٺ، پروفيسر صاحب منهنجي ڪهاڻين بابت هن طرح لکيو آهي:

نجم الدين عباسيءَ جي "همت ۽ ڪوشش" بہ هن عدد جي چڱي آکاڻي هئي، جنهن ۾ ڪن سنڌي حاجين جي حج شريف ڏانهن سفر جو مزيدار بيان ڪيل هو."
[صفحو ٦٠]

"نجم الدين عباسيءَ جي "ڪنڊ جي چوري" سچي واقعي تي ٻڌل چڱي آکاڻي هئي." [صفحو ٦١]

پروفيسر صاحب جي مون بابت ان ذڪر مان مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، ۽ مون کي پنهنجي ڪهاڻين جي معياري هجڻ جو احساس بہ وڌيو آهي. پروفيسر ملڪاڻي سنڌيءَ جو جهونو، برک ۽ بلند پايي جو اديب ۽ نقاد آهي، هن جو صرف پنهنجي ڪتاب ۾ منهنجي ڪهاڻين جو ذڪر آڻڻ جي لائق سمجهڻ ئي تمام وڏي ڳالهہ آهي. هن جو ائين ڪرڻ ڪو شخصي ناتن ڪري ڪونہ آهي. مان تہ نہ ڪڏهن هن سان مليو آهيان ۽ نہ هن سان واقفيت اٿم. منهنجيون اهي ٻئي ڪهاڻيون اهي آهن، جي مون ٻهرين

پهرين لکيون هيون. انهن جي معياري هجڻ جا پيا ثبوت هي آهن:

(١) پروفيسر صاحب ڪتاب جي مُنڍ ۾ لکيو آهي: پنهنجي 'پڌيءَ' آهر، مواد ۽ عبارت جي لحاظ کان، جيڪي به لکيتون مون کي ادبي معيار کان گهٽ لڳيون آهن، تن جو ذکر ڪونه ڪيو اٿم.

(٢) نئين دورجي اصلوڪين ڪهاڻين لکندڙن(پاڪستان جي جڙڻ تائين) مان ٢٧ هندن ۽ ١٠ مسلمان ڪهاڻي نويسن جي ڪهاڻين جو ذکر ڪيو آهي.... انهن مان هڪڙو مان (نجم عباسي) به آهيان.

## ١٨- جولاءِ ١٩٦٩ع

جن به منهنجي ڪتاب جو مون سان ذکرڪيو آهي، تن منهنجي گهڻين ڪهڻين جي واکاڻ ئي ڪئي آهي. يا ٿي سگهي ٿو ته منهنجي ڪتاب جو خود مون سان ذکر ڪرڻ وارن لحاظ کان ان جون رڳو خوبيون ئي ٻڌائڻ موزون سمجهيو هجي.

"ادبيات" دکان جي مالک چيو: "سائين، توهان جي ڪتاب ڌوم مچائي ڏني آهي. ڪوبه سنڌي ڪتاب ايترو تيزيءَ سان وڪرو ڪونه ٿيو آهي."

منهنجي سهري مسٽر جي - ايم شيخ چيو: "تنهنجي 'ڪوريءَ جي ڪهاڻي' ڏاڍي سٺي آهي."

سليم قاضي، جو پي-ڊي-ايچ (P.D.H) دوائن جي ڪمپنيءَ جو ايجنٽ آهي، تنهن چيو: "توهان جو سارو

ڪتاب پڙهيم. ڏاڍو وڻيو، خاص ڪري ’ڪوريءَ جي ڪهاڻي‘ ۽ ’دعا ۽ تاڙيون‘ ڪهاڻيون.“

ظهور انصاريءَ چيو: ”تنهنجي پوئين ڪهاڻي ’طوفان جي تمنا‘ مون کي اهڙي سٺي نه لڳي، ان جي پڄاڻي هڪدم آندي وئي آهي. وچ کي اجا وڌايو وڃي ها. موجوده صورت ۾ ڪهاڻي اڻ پوري ٿي محسوس ٿئي ۽ پڙهندڙ اجايل رهجي ٿو وڃي.“

ليکڪ چاهيندو آهي ته هن جو ڪتاب پري پري تائين وڃي ۽ ان کي گهٽي ڪان گهٽا ماڻهو پڙهن. منهنجي ڪتاب جي وڪري تي اجا تائين خاص توجهه ڏنل ڪونه ٿو ڏسجي. حيدرآباد کان ٻاهر ڪنهن به دڪاندار ڏي ڪتاب ڪونه موڪليو ويو آهي. حيدرآباد ۾ به صرف ”ادبيات“ واري وٽ آهي. اخبارن جي هڪ اسٽال تي فقط ٢٥ ڪاپيون ڏنيون ويون هيون، جي هن جي چوڻ موجب ٿن ڏينهن اندر ختم ٿي ويون. وري هن کي اجا وڌيڪ ڪاپيون ڪونه ڏنيون ويون آهن. ڪتابن جو ڪاپو اخبارن جي اسٽالن ۽ اسٽيشن تي چڱو چوکو ٿيندو آهي، پر انهن کي به ڪتاب ڪونه پهچايو ويو آهي.

الانا جو ان باري ۾ ڌيان ڇڪايم. هن چيو ته اهو ڪم چوڪرن جي حوالي آهي. طارق اشرف کان پڇيم. هن ٻڌايو ته پريس وارو بار بار چوڻ تي به ڪاپيون تيار ڪري ڪونه ٿو ڏئي. اجا فقط ٽي سئو ڏنيون اٿائين ۽ باقي ست سئو تيار ڪونه ڪيون اٿائين. وچونس ته هڪ نه

پيو ٻهانو ڏيو موٽايو ڇڏي، جيتوڻيڪ هن کي سڀ پيسا اڳواٽ ئي ملي چڪا آهن.

اڄـا اخبارن ۽ رسالن کي تبصري واسطي ٻه ڪتاب ڪونه ڏنا ويا آهن. مون کي مليل ڪاپين مان مون پنهنجن پنجن دوستن کـي خاص ان لاءِ ڏنيون ته هـو پنهنجو رايو (تبصري ۽ تنقيد جي صورت ۾ لکي ڏين.) منهنجي خيال ۾ ڪهاڻين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ اهـي موزون اديب آهن. اهي هي آهن: رسول بخش پليجو، تنوير عباسي، مراد علي مرزا، ابن حيات پنهور ۽ ظهور انصاري. مهينو کن گذري ويو آهي، پر اڃا ٽائين ڪنهن ٻه ڪجهه نه لکيو آهي.

## ٨- آگسٽ ١٩٦٩ع

مـراد علي مرزا ٻڌايو هـو ته ع-ق- شيخ تنهنجي ڪتاب تي تنقيد لکي رهيو آهي. طارق اشرف ٻڌايو هو ته ڪن سنڌي اخبارن ۽ رسـالن کي تبصري واسطي ڪتاب جون ڪاپيون ڏنيون ويون آهن. ڪافي وقت ٿي ويو آهي پر انهن مان ڪنهن ٻه تبصرو شايع نه ڪيو آهي. ع-ق- شيخ مليو ته هن کان پڇيم. هـن چيو تـه مون تنقيد لکي "نئين زندگي" رسالي وارن کي موڪلي ڇڏي آهي. مقبول صديقي هن وقت "عبرت" اخبار ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر آهي. هن کي ٻه تـي ڀيرا چيو اٿم ته منهنجي ڪتاب تي تبصرو لکرائي شايع ڪر. هو هر گهمري واعـدو ڪندو آهي، پر اڃا تبصرو ڪونه ڇپيو آهي. ڪالهه مليو ته چيائين ته اسان وٽ تبصرو لکڻ وارو ماڻهو ڪونهي ۽ مون کي ٻه فرصت

ڪانهي، ان ڪري تـون ڪنهن ڪان بہ لڪرائي ڏي تـہ شايع ڪبو. مون تہ جن کي بہ چيو هو تن مان ڪنهن بہ ڪونہ لکيو هو. مقبول اهو بہ ٻڌايو تہ ڪي ليکڪ پنهنجن دوستن کان پنهنجي ڪتاب تـي ”تبصرو“ نہ پر پنهنجي باري ۾ ”تعريف نامو“ لکرائي ڇپرائيندا آهن ۽ پڙهندڙن ۾ پنهنجو بلند مقام تصور (Image) قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

## ٢٩- آگسٽ ١٩٦٩ع

مقبول صديقي اڄ اسپتال ۾ دوا وٺـڻ آيـو تـہ ڏوراپو ڏنو مانس تہ هيترو تنهنجي پنيان پيو آهيان تہ بہ تو ڪتاب تي تبصرو اخبار ۾ نہ ڏنو. چيائين يار هاڻي هڪڙو طريقو ٿي وڃي رهيو آهي تہ تون پـاڻ پنهنجي ڪتاب تي لکي ڏي تہ اخبار طرفان اهـو شايع ڪريون. مون سمجهيو تہ هو چرچو ٿو ڪري. پر هن چيو تہ مـان سـاڃيان ۾ آهيان ۽ اڳ بہ ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيو پئي آهي. مون کي حيرت لڳي. منهنجي لاءِ اها نئين ڳالهہ هئي. هـو هليو ويو. مان سوچيندو رهيس. پاڻ کي ميان مٺو چوائڻ جو شـوق مـون تي سوار هـو. گهر وڃي پنهنجي ڪتاب تي پـاڻ تبصرو لکڻ لڳس، ضمير جي ڇهنڊڙي پوندي رهي پر پاڻ کي اهو آٿت ڏيندو رهيس تہ مقبول جـي چوائي پيا ليکڪ بہ ائين ڪندا رهيا آهن. مضمون لکي ورتم.

## ١٠- سيپٽمبر ١٩٦٩ع

ٻئي ڏينهن ڏني پنهنجو لکيل مضمون مقبول کـي ڏئي

چڏيو هوم ۽ روزانو ”عبرت“ اخبار ڏاڍي انتظار سان ڏسندو رهيس. ان وچ ۾ مقبول کي ٻه ٽيرا ٽيليفون تي ياد ٻه ڏياريم ۽ چيم ته ڪتو ٻه ڪاڏو ۽ ڪک ٻه ڪانه پري واري ته مون سان جٺ نه ٿي ٿئي. هو اڻ چٽو جواب ڏئي لنوائي ويو ته ڏينهن ٻن ۾ اهو ليک اخبار ۾ اچي ويندو. اڄ وري جڏهن فون ڪئي مانس تہ چيائين يار دل ۾ نه ڪجانءِ، اصل ۾ ڳالهه هيءَ آهي ته اخبار جي پاليسيءَ جي لحاظ کان تنهنجي ڪتاب تي تبصرو ڇپڻ کان مون کي منع ڪئي وئي آهي.... مون کي نااميدي ته ڏاڍي ٿي ۽ حد کان وڌيڪ شرمندو به ٿيس پر پنهنجي ذهن ۽ ضمير تان هزارين مڻ بوجو لهندي محسوس ڪيم. طبيعت جي خلاف هوندي به اهو ڪم ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نه سگهيو هوس، پر هي بهانو بنجڻ ڪري مان ان جرم کان بچي ويو هوس. (جئن هيءَ ڳالهه صاف صاف تسليم ڪئي اٿم، تئن اهو به ٻڌائي ڇڏيان ته ان کان پوءِ منهنجا ڪيترا ئي ڪتاب ڇپيا آهن، پر مون ڪڏهن به وري پنهنجي ڪتاب تي تبصرو لکڻ جو نه سوچيو.)

## ٦- آڪٽوبر ١٩٦٩ع

ع-ق- شيخ مليو. هن چيو ته شمشير حيدريءَ چيو ته نجم عباسيءَ جي ڪتاب تي تنهنجو تنقيدي مضمون ايندڙ پرچي ۾ ڏينداسون. اهو پرچو اچي ويو آهي، ان ۾ ڪونه ڏنو اٿائين. شايد ايندڙ پرچي ۾ وجهي. مون ربانيءَ کي چيو آهي ته هو شمشير کي ان باري ۾ پارت ڪري.

مــون وارو ڪتاب طارق اشرف خريد ڪيو آهــي.
ڪتاب تي هـن پنهنجي اداري ”اداره ادب نـو“ جو نالو
ڇپائي بزار ۾ موڪليو آهي. شاگردن جــي پاڻ ۾ اجائي
ڇڪتاڻ وڌڻ کان بچڻ لاءِ ائين ڪرڻ مناسب سمجهيوويو.

## ١٢- آڪٽوبر ١٩٦٩ع

خبر پيم تــہ سائين ايچ - ايم- خواجہ هتي آهي. وٽن
وڃي پنهنجو ڪتاب ڏنم. ڏاڍو خوش ٿيا. خــوشي نہ رڳو
سندن چهري مان چٽي هئي، پر لفظن سان بہ ان جي پڌرائي
ڪيائون. منهنجي تمام گهڻي همت افزائي ڪيائون. پيِن
ڳالهين سان گڏ اهو پڻ چيائون تہ ”پنهنجي انقلابي ويچارن
جو پرچار جاري رکجان.“

## ٤- جنوري ١٩٧٠ع

”نئين زندگي“ جو پهو پرچو بہ اچي ويو آهي پر ان
۾ بہ ع - ق - شيخ وارو منهنجي ڪتاب تي تنقيدي مضمون
ڪونہ آيو آهي. مون وري رباني ۽ کي چيو. هـن ٻڌايو تہ
شمشير مون کي پڪ ڏني هئي تہ اهو ڇپبو ۽ اهو بہ چيائين
تہ اهو مضمون پڙهي ڏٺو اٿم ۽ ڇپجڻ جهڙو آهي.

## ١٦- فيبروري ١٩٧٠ع

اڄ منهنجي لاءِ خوشخبري آئي: عبرت اخبار پڙهندي،
هن سري تي وڃي نظر پئي.
نجم عباسي ۽ امر جليل کي گلڊ طرفان انعام.

لاهور ١٥– (اپپ) پاڪستان رائيٽرس گلڊ اولهہ پاڪستان ريجن ڪالهہ علاقائي ٻولين ۾ بهترين ڪتابن تي انعامن جو اعلان ڪيو. جن سنڌي ڪتابن کي انعام ڏنو ويو، سي آهن امر جليل جي ڪهاڻين جو مجموعو ”دل جي دنيا“ ۽ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”طوفان جي تمنا“ هرهڪ ڪتاب کي پنج سئو رپيا انعام ڏنو ويو آهي—

مون کي اميد ڪانہ هئي. جنهن وقت طارق اشرف مقابلي واسطي ڪتاب موڪلي رهيو هو، تنهن وقت بہ مون چيو هومانس تہ هي چٽہ چواءَ ۽ سنگت سفارش جو زمانو آهي، مون ڪان تہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ پچندي. پاڻ کي تہ اهو بہ پتو ڪونہ آهي تہ جج ڪير ٿيندا آهن. ان ڪري آسرو گهٽ آهي.... پر اڄ محسوس ڪيو اٿم تہ منهنجو اهو خيال غلط هو. خوشي ان ڪري پاڻ وڏيڪ ٿيم جو انعام، لياقت ۽ خوبيءَ ڪري حاصل ٿيو آهي.

اڄ شام جو ڇهين بجي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پڻ منهنجي ڪتاب جي انعام واري خبر نشر ٿي.

ڪي دوست مبارڪ ڏيڻ آيا. طارق بہ واڌايون ڏيڻ آيو ۽ اهو خط پڻ ڪٺي آيو جو پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سيڪريٽريءَ هن جي معرفت لکيو آهي ۽ جنهن ۾ انعام جي فيصلي جو اطلاع ڏنو اٿائين. ان خط جو سنڌي ترجمو هي آهي:

حوالو نمبر ٩٤–١٩٨٧ع، تاريخ ١٤ فيبروري ١٩٧٠ع

سائين منهنجا،

اطلاع عرض آهي ته ١٩٦٩ جي گلڊ جي انعامي مقابلن ۾ سنڌيءَ جا جيڪي ڪتاب شامل هئا، انهن مان جڄن، توهان جي تصنيف ”طوفان جي تمنا“ تي پنج سئو رپيا انعام ڏيڻ منظور ڪيو آهي. مان ان ڪاميابيءَ تي توهان کي دلي مبارڪ پيش ڪريان ٿو.

مخلص

(قتيل شفائي)

سيڪريٽري.

٣- مارچ ١٩٧٠ع

هيٺيون خط، پاڪستان ۾ آمريڪا جي سفير ڪان پهتو اٿم.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جو سفارت خانو.

راولپنڊي:

٢٦- فيبروري ١٩٧٠ع

پيارا مسٽر عباسي،

پاڪستان ۾ اچڻ کان پوءِ، مون پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان قومي ليکڪن ۽ شاعرن کي ملندڙ انعامن کي خاص دلچسپيءَ جي نگاهه سان پڙهي ڏٺو آهي. تازو ئي تازو توهان جو پنهنجو ڪتاب ”طوفان جي تمنا“ سنڌي ٻوليءَ جو غيرمعمولي

ڪتاب قرار ڏنو ويو، ۽ ان ڪي ١٩٦٩ع جو
پنجن سون جو انعام مليو.
تخليقي ڪم، پوءِ اهو دنيا جي ڪهڙي به حصي
۾ هجي، سو سڄي انسان ذات جو گڏيل ورثو
آهي. مون کي اميد آهي ته توهان جي اعليٰ قدر
شناسي، توهان ۾ وڌيڪ تخليقي ادب پيدا ڪرڻ
جو روح ڦوڪيندي.
نهايت نيڪ تمنائن سان،

پُرخلوص
جوزف – ايس – فارلئنڊ
آمريڪن سفير

### ٧ – مارچ ١٩٧٠ع

اڄ طارق اشرف ۽ ظفرحسن، سهڻي پبليڪيشن طرفان، پنهي انعام کٽيندڙن جي، هوٽل اوريئينٽ ۾ دعوت ڪئي. چاليهارو کن اديب ۽ دانشور شريڪ ٿيا.. ڪيترن بزرگن ۽ دوستن تقريرون ڪيون، جن ۾ مون کي ۽ امرجليل کي مبارڪون ڏنيون ويون ۽ اسان جي فن کي ساراهيو ويو.

ڊيپلاڊيءَ ڇپيو ته نجم عباسيءَ جي هن ڪتاب تي اعتراض ٿيا، پر چاڪاڻ ته هن جي لکڻين ۾ لياقت ۽ خوبي آهي، ان ڪري دانشورن ان جو قدر ڪيو ۽ انعام لائق ٺهرايو. جليل واسطي هن ٻڌايو ته هن جو پهريون افسانو "نئين زندگي" وارن ڪونه ٿي ڇپيو، پر پوءِ جڏهن ان کي غور سان پڙهيو ويو، تڏهن اهي ساڳيا ئي ماڻهو اهوساڳيو

استاد مولانا عبيدالله سنڌي، هڪ پيري ترڪيءَ جي ڪنهن شهر ۾ دڪان تان ڪجهه شيون خريد ڪيون. پيسن ڏيڻ مهل مولانا صاحب پنهنجي نوڪر کي سنڌيءَ ۾ دڪاندار کي ڏوڪڙ ڏيڻ لاءِ چيو. دڪان جو سيٺ، جو ڪجهه پڙهيو ويٺو هو، سو اٿي مولانا جي ويجهو آيو ۽ اچي هن سان ڏاڍي حب مان مليو ۽ هن سان سنڌيءَ ۾ خوش خيرعافيت ڪيائين. هو هڪ سنڌي واڻيو هو. جڏهن مولانا شين جي قيمت جا پيسا ڏيڻ لڳو ته اهي وٺڻ کان اهوچئي انڪار ڪيائين ته ”توهان اڄ منهنجي سنڌي ڳالهائڻ جي سڪ پوري ڪئي آهي ۽ مان پرديس ۾ پنهنجي سنڌي هم وطن کان پيسا نه وٺندس.“.... سائين قاسميءَ آخر ۾ چيو ته پنهي انعام ڪٽندڙن جا افسانا اهڙا آهن، جو هڪ پيرو شروع ڪرڻ کان پوءِ، پوري ڪرڻ کان اڳ ڇڏڻ تي دل نه چوندي.

امداد حسينيءَ منهنجي باري ۾ چيو ته ڏيپلائيءَ کان پوءِ نجم عباسي ئي آهي، جنهن پير پرستيءَ خلاف جهنڊو بلند ڪيو ۽ هن جي ڪهاڻين جي اثر ڪري گهڻا ماڻهو ان جهالت جي اونده مان نڪري، روشن راهه تي رسيا.

مراد علي‌مرزا، ع ـ ق ـ شيخ، ظفر حسن، قيوم‌صائب ۽ ٻين ٻڻ اسان ٻنهي جي ڪهاڻين کي ساراهيو ۽ واڌايون ڏنيون.

سنڌ جي ٻرک اديبن، بزرگن ۽ دانشورن جي واتان پنهنجي باري ۾ واکاڻ ۽ چڱا خيال ٻڌي، بيحد خوشي ٿي

اٿم. منهنجيون سنڌي ادب جون خاموش خدمتون رائگان ڪين ويون آهن. عام وٽ بہ انهن جو قدر آهي تہ چوٽيءَ وارن اديبن وٽ پڻ.

مون کي بہ ڪجهہ چوڻ لاءِ ڪرُو ڪيو ويو. مون فقط شڪريي جي هڪ سٽ چئي، جند ڇڏائي.

پڇاڙيءَ ۾ امرجليل تقرير ڪئي. هن جي تقرير ۾ بہ اوترو ئي جوش، پختائي ۽ رواني آهي، جيتري هن جي لکڻين ۾ هوندي آهي. هن چيو تہ اڙدوءَ جي ليکڪن کي سوالک کن جا انعام ڏنا تا وڃن ۽ سنڌي اديبن کي رڳو هڪ هزار جا. سنڌيءَ جهڙي عظيم ۽ قديم زبان جي ماهري ۾ اهڙي ۾ اکيائي ڪرڻ لاءِ ڪوبہ مناسب سبب ڪونهي. اڙدوءَ جهڙي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ اسان جي علاقائي ۽ مادري زبانن جي اهڙيءَ ريت گهٽتائي ڪرڻ تي اسان کي زوردار احتجاج ڪرڻ جڳائي.... جڏهن امرجليل چيو تہ ”سنڌ ئي منهنجو مڪو مدينو آهي“ تڏهن سڀني ويٺلن بي اختيار وڏي تاڙيون وڄايون.

* *

سائين ڏيپلائي منهنجي پرسان ويٺو هو، تنهن چيو تہ تنهنجي ڪتاب جي خوبين پاڻ مجرائي ڇڏيو، الانا صاحب هرويرو گهبرائجي پبلشريءَ تان هٿ ڪڍي ويو ۽ ڪتاب ٻئي پبلشر جي نالي ڪرايائين.

ٻئي پاسي کان سائين قاسميءَ گفتگوءَ دوران جهيڻي آواز ۾ چيو: ”توهان جو ڏيان هڪ ڳالهہ ڏانهن ڇڪائڻ

چاهيان ٿو: هڪڙي ڪهاڻيءَ ۾ توهان لکيو آهي ته ديني مدرسا بيڪار بنائڻ جا اڏا آهن. حقيقت ۾ سيئي مدرسا اهڙا نه آهن. ڪن مدرسن انقلابي ماڻهو پيدا ڪيا آهن.“

## ۹- مارچ ۱۹۷۰ع

اجوڪي ”هلال پاڪستان“ ۾ هيءَ خبر ڇپي آهي:

امر جليل ۽ نجم عباسيءَ کي
چانهه پارٽي

حيدرآباد – (اسٽاف رپورٽر) اڄ هوٽل اورئينٽ ۾ ماهوار ”سهڻي“ پاران، امرجليل ۽ نجم عباسيءَ جي اعزاز ۾ پارٽي ڏني ويئي، جن کي پاڪستان رائيٽرس گلڊ پاران سندن ڪهاڻين جي مجموعن: ”دل جي دنيا“ ۽ ”طوفان جي تمنا“ تي پنج پنج سؤ رپيا انعام مليو آهي. هن چانهه پارٽيءَ ۾ جن اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي، تن ۾ مولا غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، محمد عثمان ڏيپلائي ع – ق – شيخ، تيرٿ داس، قيوم صائب، نياز همايوني امداد حسيني، ظهور انصاري ۽ ظفر حسن به شامل آهن.

هن گڏجاڻيءَ ۾ هيٺيان نهراءَ پيش ڪيا ويا:

(۱) سنڌي ادبي بورڊ جديد ادب به ڇپرائي.

(۲) پاڪستان رائيٽرس گلڊ سنڌي ڪتابن تي به اينترئي انعام ڏئي، جيترو اڙدو ۽ بنگالي ڪتابن کي ڏنو وڃي ٿو

(۳) سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ الاجي به سنڌي ڪتابن تي انعام ڏين.

* *

ڪالهوڪي يعني ٨- مارچ جـي ”عبرت“ اخبار ۾ ساڳي خبر هن ريت ڇپي آهي:

نجم عباسي ۽ امر جليل
جي اعزاز ۾ دعوت

حيدرآباد ٧- اڄ هتي هوٽل اورينٽ ۾، ماهنامي ”سهڻي“ پبليڪيشن طرفان، سنڌ جي ٻن ممتاز افسانينگارن: ڊاڪٽر نجم عباسي ۽ مسٽر امر جليل جي اعزاز ۾ هڪ دعوت ڏني ويئي. سنڌي افسانن جي مجموعن: طوفان جي تمنا (نجم عباسي) ۽ دل جي دنيا (امر جليل) تي رائيٽرس گلڊ طرفان انعام ڏنو ويو آهي، جنهن جي خوشيءَ ۾ هيءَ دعوت ڏني ويئي. انهيءَ دعوت ۾ شاعرن، اديبن ۽ صحافين ڪافي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. مولانا گرامي، مسٽر محمد عثمان ڏيپلائي، مسٽر جويو، مولانا قاسمي ۽ ٻين، پنهنجن تقريرن ۾ ٻنهي اديبن کي انهيءَ عزت افزائي تي مبارڪ ڏني.

آخر ۾ ٺهراءُ بحال ڪري مطالبو ڪيو ويو ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنايو وڃي، سنڌي ڪتابن تي رائيٽرس گلڊ طرفان بنگالي ۽ اردو ڪتابن جيترو انعام ڏنو وڃي، سنڌي ادبي بورڊ جديد ادب ڇپائي ۽ بهترين سنڌي ڪتابن تي انعام ڏئي.

## ٢٣- مارچ ١٩٧٠ع

انعام ملڻ تي جو آمريڪا جي سفير مون کي واڌايون

* *

ڪالهوڪي يعني ٨- مارچ جـي "عبرت" اخبار ۾ ساڳي خبر هن ريت ڇپي آهي:

نجم عباسي ۽ امر جليل
جي اعزاز ۾ دعوت

حيدرآبـاد ٧- اڄ هتي هوٽل اوريئنيٽ ۾، مـاهنامي "سهڻي" پبليڪيشن طرفان، سنڌ جي ٻن ممتاز افسانينگارن: ڊاڪٽر نجم عباسي ۽ مسٽر امر جليل جـي اعـزاز ۾ هڪ دعوت ڏني ويئي. سنڌن افسانن جي مجموعن: طوفان جي تمنا (نجم عباسي) ۽ دل جي دنيا (امر جليل) تي رائيٽرس گلڊ طرفان انعام ڏنو ويو آهي، جنهن جي خوشيءَ ۾ هيءَ دعوت ڏني ويئي. انهيءَ دعوت ۾ شاعرن، اديبن ۽صحافين ڪافي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. مولانا گرامي، مسٽر محمد عثمان ڏيپلائي، مسٽر جويو، مولانا قاسمي ۽ ٻين، پنهنجن تقريرن ۾ ٻنهي اديبن کي انهيءَ عزت افزائي تي مبارڪ ڏني.

آخر ۾ ٺهراءُ بحال ڪري مطالبو ڪيو ويو ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنايو وڃي، سنڌي ڪتابن تي رائيٽرس گلڊ طرفان بنگالي ۽ اڙدو ڪتابن جيترو انعام ڏنو وڃي، سنڌي ادبي بورڊ جديد ادب ڇپائي ۽ بهترين سنڌي ڪتابن تي انعام ڏئي.

## ٢٣- مارچ ١٩٧٠ع

انعام ملڻ تي جو آمريڪا جي سفير مون کي واڌايون

جو خط لکيو هو تہ مون کي حيرت لڳي هئي تہ هنن ماڻهن جي ڪيئن نہ هر پاسي نگاهہ آهي. هنن جي نيت جي باري ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ خاطر ۽ اهو سوچي تہ جيڪڏهن هـو ائين ڪن ٿا جئن مون خط ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ پوءِ آمريڪا جي ڪيترن اڻڄاڻ ماڻهن کي سنڌي ٻوليءَ جي وجود جـي خبر پوندي، مون هـن کي هيٺيون جواب ڏنو: (ترجمو)

سائين! رائيٽرس گلڊ طرفان مون کـي منهنجي ڪتاب ”طوفان جي تمنا“ تي انعام ملڻ تي توهان جي واڌاين جي وڏي مهرباني. مان توهان جي جذبن جو قدر ڪريان ٿو ۽ توهان جو خط مون واسطي فخر جو باعث ٿيو آهي.

هر ليکڪ جي خواهش هوندي آهي تہ هن جي لکڻي گهڻي کان گهڻا ماڻهو پڙهن. مان چئي نٿو سگهان تہ توهان منهنجي هن ڪتاب ”طوفان جي تمنا“ جي انگريزيءَ جي ترجمي جو بندوبست ڪري سگهو ٿا؟ ان طرح آمريڪي پڙهندڙن کي عظيم ٻولي: سنڌيءَ جـي واقفيت ٿيندي ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جـي موجوده لاڙي جـي بہ ڄاڻ پوندي. اهو مون لاءِ بہ وڏو اعزاز ٿيندو.

نجم عباسي.

## ١٤- اپريل ١٩٧٠ع

آمريڪي سفير وٽان منهنجي خط جو هي جواب مليو آهي: (ترجمو)

پيارا ڊاڪٽر عباسي!

خط لاءِ مهرباني. آمريڪا ۾ توهان جي ڪتاب ڇپجڻ جي خواهش جو مان قدر ڪريان ٿو.

هن باري ۾ مان توهان کي صلاح ڏيندس ته توهان پنهنجي ڪن ڪهاڻين جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، آمريڪا جي ڪن ڪهاڻي ۽ ناولن جي پبلشرن ڏانهن ڏياري موڪليو. ايشيا سوسائٽي به اهڙي قسم جا ڪتاب ڇپائيندي آهي. ان کي پنهنجيون ترجمو ٿيل ڪهاڻيون موڪلي ڏسو. ايشيا سوسائٽي جي اهڙن ڇئن پبلشرن جون ائڊريسون مان هيٺ توهان کي موڪلي رهيو آهيان.

جوزف ــ ايس ــ فارلئنڊ

آمريڪي سفير.

مون کي هن باري ۾ ڪجهه وڌيڪ ڪرڻ جي اڳتي نيت ڪانه هئي.

## ١٦- اپريل ١٩٦٩ع

اڄ اخبار لاءِ ڏاڍو پريشان ٿيس. صبح جو اسپتال ۾ اچڻ سان ئي اخبار لاءِ ماڻهو موڪليم. هو موٽي آيو. ڇپائين ته هڙتالي اسٽال بند آهن. ڪٿي به اخبار ڪانه ملي. پوءِ عبرت پريس ڏي موڪليومانس. اتان پڻ واپس آيو. اخبارون هڙتال ڪري ڪونه نڪتيون آهن.... ڳالهه هيءَ هئي ته ڪالهه شام جو پاڙي جو هڪ ڇوڪرو دوا وٺڻ آيو ته ٻڌايائين ته ريڊئي تان اڄ مقامي خبرن ۾ اعلان

ڪيو ويو ته تـوهان کي افسانـي نـگاريءَ ۾ انعام ڏنـو ويو آهي. مون کي سمجهه ۾ ڪونه آيو ته اهڙي اعلان جو مطلب ڇا؟ ڳـالهه واري انعام جو ته بروقت ڪـي اعلان ٿيو هو ۽ ان جو چيڪ به مون کي پهچي ويو آهي. هو اهو به ڪونه ٻڌائي سگهيو ته انعام ڪنهن جي طرفان مليو آهي. اڄ صبح جـو پبلڪ اسڪول (اتي مـان ميڊيڪل آفيسر آهيان) ۾ به ڪن شاگردن اها ڳالهه ٻڌائي. ان ڪري مون اخبار ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو ته اهو ڪهڙو انعام آهي ۽ ڪهڙن کي مليو؟ هڪ ٻه دوست آيا . اهـي به فقط ايترو ٻڌائي سگهيا ته ٻين سان گڏ توهان جو به انعام ڪٽندڙن ۾ نالو ورتو ويو. باقي ڪنهن جي طرفان سـو ڪونه ٻڌائي سگهيا. شايد ريڊيو تي ڪي ڇتائيءَ سان خبر نه ٻڌائي وئي هئي.

مون کي اهو خيال ضرور آيو ته شايد سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان مليو هجي. ڪجهه وقت اڳ طارق اشرف ٻڌايو هو ته يونيورسٽيءَ جي سنڌ الاجي ڊپارٽمينٽ طرفان هـن سال بهترين سنڌي ڪتابن تي انعام ڏيڻ جـو فيصلو ڪيو ويو آهـي، ان ڪري توهان جـو ڪتاب به مقابلي لاءِ ڏيئي ڇڏيو اٿم.

ڳالهه جي پڪ ڪرڻ جي هرڪر هئي. اخبار ته ڪا به ملي ڪانه سگهي. اسپتال بند ڪرڻ کان پوءِ سنڌيونيورسٽيءَ مسٽر الانا وٽ ويس. مون کي ڏسندي ئي مبارڪ ڏنائين ۽ ٻڌايائين: ”ٽن ڄڻن کي انعام جـو حقدار ٺهرايو ويو آهي: امرجليل، تون ۽ عبدالڪريم سنديلو.“

## ١- اپريل ١٩٧٠ع

اچوڪي ”عبرت“ اخبار ۾، انعام واري خبر هن ريت
شايع ٿي آهي:

انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي طرفان
انعامن جي نتيجي جو اعلان

حيدرآباد ١٦- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان سال
١٩٦٨-٦٩ درميان ڇپايل ڪتابن ۾ جيڪو انعامي مقابلو
ڪرايو ويو هو، تنهنجو نتيجو هن ريت آهي: ڪل ٽي
انعام، هڪ بهترين افسانوي ادب جي ڇپايل ڪتاب تي،
هڪ انعام بهترين نظم واري ڪتاب تي ۽ هڪ انعام بهترين
تحقيق ۽ تخليق واري ڪتاب تي رکيل هئا.

نظم واري حصي ۾ جيڪي ڪتاب انعام لاءِ پهتل
هئا، اهي انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ جي انعامن جي معيار
کان گهٽ هئا. تنهنڪري اهو انعام به افسانوي ادب کي
ڏنو ويو آهي.

افسانوي ادب واري انعام لاءِ ڪل ست ڪتاب پهتا
هئا. منصفين جي فيصلي موجب هيٺين ڪتابن کي انعام
ڏنو ويو:

(١) ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي افسانن جو مجموعو
”طوفان جي تمنا“.

(٢) امر جليل جي افسانن جو مجموعو ”دل جي دنيا“.

تحقيق ۽ تخليق واري حصي ۾ ڪل چار ڪتاب پهتل
هئا، جن مان منصفين جي فيصلي موجب محترم عبدالڪريم

سنڌيلي جي ڪتاب ”ڏهس نامو“ کي انعام ڏنو ويو.

## ٥- مئي ١٩٧٠ع

ع - ق - شيخ وارو منهنجي ڪتاب تي تنقيدي مضمو
نہ ڇپيو ويو آهي. رباني ءَ وٽ وري بہ شڪايت ڪيم. هر
ڇپيو تہ دوست ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍيون زيادتيون ڪند
آهن، هنن کي وڏيڪ ڇا چئجي!

ع - ق - شيخ مون کي ٻڌايو آهي تہ هن منهنجي
ڪهاڻين تي ڏاڍو تفصيلي مضمون لکيو آهي. مون ڇپيو مانس
تہ مون کي ان جي ڪاپي ڏي تہ گهٽ ۾ گهٽ مان ت
پڙهي ڏسان، ڇپجڻ جي اوسيڙي ۾ تہ هيترو وقت گذري
ويو. ان تي هن ٻڌايو تہ هن پاڻ وٽ ڪاپي رکي ئي ڪاڻ
هئي. هڪڙي ئي ڪاپي لکي هئائين، جا ”نئين زندگي“
وارن کي موڪلي ڇڏي هئائين.

## ٩- آڪٽوبر ١٩٨٣ع

اڄ زيب سنڌي لاڙڪاڻي مان آيو هو، منهنجي ڪتاب
”طوفان جي تمنا“ جو ٻيو ڇاپو ڇپرائڻ جي موڪل وٺڻ
ڪجهہ سالن کان ڪوڙ ماڻهو هن ڪتاب جي تقاضا پيا ڪن
ڇپجڻ کان پوءِ جلد ئي اهو کپي ويو ۽ بزار ۾ نہ ٿي مليو
گذريل پنجن ڇهن سالن کان هن ڪتاب جي پڇا ڏاڍي
وڌي وئي آهي. پڙهندڙ، دوست ۽ دڪاندار مون کان ٻ
ان جون ڪاپيون گهرندا رهندا آهن. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ
مان ڪيترائي پڙهندڙ کهي مون وٽ پئي آيا آهن، يا خط

## ١٥- آڪٽوبر ١٩٨٢ع

واعدي موجب، زيب سنڌي ”طوفان جي تمنا“ جي تيار ٿيل ٻئي ڇاپي جون ٻه ڪاپيون ڪٺي اچي نڪتو. مون ڪي ته هي معجزو محسوس ٿيڻ لڳو. ڇڱن ڏينهن ۾ هيڏو ڪتاب ڪيئن ڇپجي، بائينڊ ٿي ۽ ڪٽجي تيار ٿي ويو. زيب ٻڌايو ته ڇپائيءَ جو نئون طريقو نڪتو آهي جنهن کي Tracing Offset ڇپائي چئجي ٿو، جنهن ذريعي اڳيم ڇپيل ڪتاب جو ٻيو ڇاپو فورن تيار ڪري سگهجي ٿو.

اهڙي ريت ”طوفان جي تمنا“ جو ٻيو ڇاپو، سگنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻي طرفان شايع ٿي ويو آهي.

اٽليءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار البرٽو موراويا جي ڪهاڻين
جو مجموعو جولائي ١٩٨٣ ۾ شايع ٿيندو

## ٽڪل سريت

سهڙيندڙ: ولي رام ولڀ

صفحا ٢٠٠ خوبصورت ٽائيٽل قيمت ١٥-٠٠

---

الطاف شيخ جو شايع ٿيل بهترين ڪتاب

## بهترين سفرناما

آفسيٽ تي ڇپيل خوبصورت ٽائيٽل قيمت ١٥-٠٠

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد.

---

شاه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ جي بيتن تي سنڌ جي
مشهور آرٽسٽ علي اڪبرجون ناهيل ڇئن رنگن
۾ آفسيٽ تي ڇپيل خوبصورت تصويرون گهرن،
آفيسن، لئبررين ۽ تعليمي ادارن ۾ رکڻ ۽ لڳائڻ
جهڙيون تصويرون.

گهرائڻ لاءِ: جاويد برادرس آرٽ پبلشرس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جـو شايع ٿيل ٽيهون ڪتاب

## جپان رس

الطاف شيخ

(جپان متعلق الطاف شيخ جو بهترين ڪتاب)

خوبصورت ٽائيٽل          قيمت ١٥ رپيا

---

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس ڪان الطاف شيخ جا هيٺيان ڪتاب گهرائي سگهجن ٿا

| | | |
|---|---|---|
| ١- | وايون وڻجارن جون .... | ١٢ رپيا |
| ٢- | منهنجو ساگر، منهنجو ساحل | ١٢ رپيا |
| ٣- | سي ڏي جوين ڏينهن | ١٢ رپيا |
| ٤- | سي پيڙيون رکين پاڇھ سين | ١٢ رپيا |
| ٥- | جپان رس | ١٥ رپيا |
| ٦- | پيار جي گهٽ | ١٠ رپيا |
| ٧- | ڇا جو ديس ڇا جو وديس | ١٠ رپيا |
| ٨- | ڪالهيون تنهن جپان جون | ١٠ رپيا |
| ٩- | خدا ڏي خط | ١٠ رپيا |
| ١٠- | ارائونڊ دي ورلڊ | ١٢ رپيا |
| ١١- | جاني ته جهاز ۾ | ١٠ رپيا |
| ١٢- | سانپاهو سمونڊ جو | ١٣ رپيا |
| ١٣- | موج نه سهي مڪڙي | ١٢ رپيا |
| ١٤- | بندر بازاريون | ١٢ رپيا |
| ١٥- | الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان | ١٢ رپيا |
| ١٦- | بهترين سفرناما | ١٥ رپيا |

گهرائڻ لاءِ لکو: نيـو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل اوٽنيهون ڪتاب

# عاشي (SHE)

- ❋ هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان ٻه گهٽو اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناه قوت، لازوال حسن ۽ غيرمعمولي سياڻپ جي مالڪ هئي—!
- ❋ جنهن ڪروڌ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هنجوانتظار ڪندي رهي.... ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هلي آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو.....!
- ❋ مصري قوم کان ٻه گهٽو اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي "سدا حيات فرمانروا عاشي" جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئي—! مگر هنجي صورت ڏسڻ به ڪين نصيب نه ٿي هئي—!
- ❋ هوءَ هڪ لاش سان گڏيل پيرئمڊ ۾ رهندي هئي!
- ❋ هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هٿون هٿ کپندو اچي. هن ئي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ٺاهيون ويون آهن.

مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ

سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي گهرائڻ لاءِ لکو:


ڪل صفحا ٤٠٠

نيوفيلڊس پبليڪيشنس

قيمت -/25

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل ستاويهون ڪتاب

# غلامن جو ٻيڙو

هي ڪتاب ايرڪ ڪارڊر جي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪئرولينا کان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جيئو ٻيليشن ۾ وار ڪاندارينڊڙ جهيڙا ۽ مقابلا. غلامن سان ٿيندڙ لڱ ڪاندارينڊڙ واقعا ۽ حادثا، ۽ ڏن انسانن جو خاتمو جنهن ۾ غيور اشانتي قوم جي جوڙي آڊوڪي جو انت. عياش هارينبي جو انجام ۽ دنيا جو مشهور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ ڪي داءُ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيٺيئينئين وارو پڙهي نه سگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ ڪندو ته شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري. هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتها جا ڪئين نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويهي ويچار ڪندو.

خوبصورت ٽائيٽل

ڪل صفحا 288

قيمت ـ /20 رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:
**نيو فيلڊس پبليڪيشنس**
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

